
هئا اڳهين گڏ...
ناول
حسيب ڪانهيو
نئون نياپو

# هئا اڳهين گڏ...

(ناول)

حسيب ڪانهيو

ٽئون نياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2017ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

ڪتاب جو نالو: هئا اڳهين گڏ...
موضوع: ناول
ليکڪ: حسيب ڪانهيو
پيج ميڪنگ، لي آئوٽ ۽ ٽائيٽل ڊزائين : انعام عباسي
تعداد: هڪ هزار
ڇاپو پهريون : جولاءِ 2012ع
ڇپائيندڙ:
نئون نياپو اڪيڊمي،
A_12 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي
Cell # 0346-2103811

# ارپنا

# شبنم

## جي نالي!

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”هئا اڳهين گڏ“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناماري ليکڪ، ڪهاڻيڪار ۽ ناولنگار **حسيب ڪانهيو** جو لکيل ناول آهي.

انعام عباسي لکي ٿو:
”هيءُ ناول ”هئا اڳهين گڏ...“ نوجوان ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار ۽ ناول نگار حسيب ڪانهيو جو پهريون ناول آهي ۽ ان ڪاهوڙي مٽيادار مڙس منجهان اهڙي آس رکي سگهجي ٿي ته هو ڪڙڪٽا ناهي سمهي نه پوندو... هميشه نئين نکور اوج ۽ موج جا پيرا ڪٽندي هو اسان کي نيون نکور دنيائون پسائيندو هلندو... ۽ سنڌي ادب کي ناول جي مد ۾ مالامال ڪرڻ واري چرپر ۾ به هميشه اڳيان اڳيا رهندو...“

هي ڪتاب 2012ع ۾ **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ، ڪراچيءَ** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون نئون نياپو اڪيڊمي جي سرواڻ انعام عباسيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# پبلشر جو نوٽ

سنڌي ادب جي هاٺوڪي پيڙهي، سنڌي ادب کي ناول جي مد ۾ به اڳيرو ۽ پاڻ پيرو ڪرڻ ۾ رڌل آهي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ناولن جو انگ سنڌي ادب جي اڪائونٽ ۾ ائين وڌڻ لڳو آهي جو لڳي ٿو ته. ڄڻ هڪ اڻ طئي ٿيل مقابلو شروع ٿي ويو آهي، ڪڏهن ڪٿان ته ڪڏهن ڪٿان ۽ هر وار هڪ نئين ماحول ۽ منظر جو اولڙو تاڻيون ناول اسان جي مٿان جهڙ نيٽا نه لهي وانگر پکيڙجندو ٿو وڃي...

۽ اِهو ان ئي تڙپ ۽ جستجوءَ جو ڪڙتيل ئي ته آهي جو سنڌي ادب ۾ بهترين ناول ”رج“ لکجي ويو آهي ۽ اڄ نه ته سڀاڻي اهو ناول سنڌي ادب کي ملڪان ملڪان مشهور ڪري ڏيکاريندو ۽ اتساهه بڻجندو بين ليکڪن لاءِ به...

هيءُ ناول ”هئا اڳهين گڏ...“ نوجوان ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار ۽ ناول نگار حسيب ڪانهيو جو پهريون ناول آهي ۽ ان ڪاهوڙي مٽيادار مڙس منجهان اهڙي آس رکي سگهجي ٿي ته هو ڪڙڪٽا ناهي سمهي نه پوندو...

هميشه نئين نڪور اوج ۽ موج جا پيرا ڪٽندي هو اسان کي نيون نڪور دنيائون پسائيندو هلندو...

۽ سنڌي ادب کي ناول جي مد ۾ مالامال ڪرڻ واري چرپر ۾ به هميشه اڳيان اڳيا رهندو...

حسيب ڪانهيون جو هي ناول پڌرو ڪري سچ ته ڄڻ اسان به ناول واري چرپر ۾ شامل ٿي ويا آهيون..

اميد ته هن ناول تي ڏيان ڏريو ويندو ۽ ڏيان ئي سڀ ڪجهه آهي....

۽ اسان جي ڪوشش آهي ته ڪي چار چڱا ڪم ڪري وڃون ۽ پوءِ ئي شايد اوهان کي وڻون.....

اوهان جو

انعام عباسي

# مهاڳ

# محبت جو يادگار تحفو

”تون وڏو ٿي ڇا ٿيندين؟“ اهو اُهو سوال آهي جيڪو تقريباً هر ٻار کان اسڪول ۾ يا ٻاهر ڪٿي پڇيو ئي ويندو آهي. انهي سوال جي جواب ۾ ڪو چوندو آهي ته ”آئون وڏو ٿي ڊاڪٽر ٿيندس!“ ”آئون وڏو ٿي انجنيئر ٿيندس.“ ”آئون الاٽو ٿيندس!“ ” آئون فلاڻو ٿيندس“ وغيره وغيره. ها! سو ساڳي ئي طرح سان آئون به جڏهن اجان وڏو نه هئس تڏهن مون کان به ڪيئي ڀيرا اهو سوال پڇيو ويو ته ” تون وڏو ٿي ڇا ٿيندين؟“

موکي ته مان هونئن ئي هوندو هئس پر جڏهن به مون کان اهو سوال پڇيو ويندو هو تڏهن آئون ويتر منجهي پوندو هئس، آئون ڪجهه ڪُڇي نه سگهندو هئس. پڇڻ وارو مون کي موڳو مٽر ئي سمجهي مون کان اڳتي گذري ويندو هو. مون کان جڏهن به ڪو آسان سوال به پڇيو ويندو آهي تڏهن به مان الئه ڇو منجهي پوندو آهيان پر ان سوال جي جواب ۾ آئون ڪنهن خاص سبب جيڪري ئي منجهي پوندو هئس، ۽ اهو خاص سبب اهو هوندو هو جو مون کي ان ڳالهه تي اجان به ڪجهه شڪ هو ته آئون وڏو ٿي استاد ٿيندس پر مون کي ان ڳالهه جي پوري پڪ هئي ته آئون بهرحال عاشق ضرور ٿيندس! اجان به ائين چئجي ته ٿيندس ڇا، بس مان هئس! حقيقت هي آهي ته آئون محبت جي معاملي ۾ pre_mature هئس. عشق ازل کان منهنجي رڳ رڳ ۾ شامل هو. آئون ان عشق کي ignore ڪري ئي نه سگهندو هئس اهو ئي سبب هوندو هو جو جڏهن به مون کان اهو سوال پڇيو ويندو هو ته ”تون وڏو ٿي ڇا ٿيندين؟“ تڏهن آئون ماٺ ٿي رهجي ويندو هئس، ڪجهه ڪجي نه سگهندو هئس.

پرائمري واري اسڪول ۾ مون پنهنجي رف ڪاپي تي شاهه جو پهريون بيت اهو لکيو هو ته

اکر پڙهه الف جو ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا!

۽ ان کان پوءِ مون شاهه جو ٻيو بيت جيڪو پنهنجي پرائمري جي رف ڪاپي تي لکيو هو سو هو.

اکين ۾ ٿي ويهه، ته واري ڇپر ڍڪيان،
توکي ڏسي مَ ڏيهه، آئون مَ پسان ڪي ٻيو!

عشق جي حوالي سان منهنجي زندگي جي حقيقت شاهه جي انهن ٻن بيتن ۾ ائين ئي بند آهي جيئن قطري ۾ قلزم! مون کي ائين ٿو لڳي جيئن، پهريون بيت منهنجي هن زماني کان پهرين ۽ پوءِ واري حالت آهي ۽ ٻيون بيت هن زماني جي حقيقت! مون کي ائين ٿو لڳي جيئن پهريون بيت

منهنجو عدم ۾ پيون بيت منهنجو عشق آهي! منهنجي حقيقت فقط هيءُ آهي ته آئون عدم مان عشق ۾ آيس ۽ عشق مان وري واپس عدم ۾ موٽي ويس. آئون جتان شروع ٿيس، اتي ئي ختم ٿي ويس.

يتنائيؒ جا اهي ٻيئي بيت جيڪي مون اٽڪاٽائي جي عمر ۾ پنهنجي هڪ رف ڪاپي تي لکيا، قدرت واري شايد گهڻو اڳ اهي ازل کان منهنجي فطرت جي لوح و قلم تي لکي ڇڏيا هئا. انهن ٻن بيتن ۾ به اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي منهنجي فطرت ۾ غير معمولي رهيون. هڪ وحدانيت ۽ ٻي وجدانيت! ’اکر پڙهه الف جو‘، واري بيت واري وحدانيت منهنجي فطرت ۾ ايتريقدر شامل رهي جو اگر ڪڏهن ڪنهن سفر دوران به ڪا ڇوڪري جيڪڏهن اکيون چار ڪندي هئي ته پهرين آئون آسپاس نظر ڦيرائي اها پڪ ڪندو هئس ته متان ڪنهن دوست دشمن جي اک ۾ ته ڪانهي! اگر ائين هوندو هو ته مان ڪيس مُڙي به نه ڏسندو هئس. ماٺهو هڪ ئي وقت يارن دوستن سان گڏجي راتيون رنگين ڪندا آهن، پر مان ڪڏهن ڪوشش جي باوجود به ائين ڪري نه سگهيس. اهو سيڪجهه وحدانيت جي قائل فطرت جيڪري هو. ۽ ان ڪان پوءِ ’اکين ۾ ٿي ويه ته واري ڇپر ڍڪيان.‘ واري وجدانيت ته نه رڳو عشق پر منهنجي زندگي جي هر پهلوءَ تي حاوي رهي! ان ڳالهه ۾ ته مان سچل جي انهي ستَ جو قائل هوندو هئس ته ’سو ئي ڪم ڪريجي بندا، جس وچ ا□ آپ بڻيجي!‘ مون هر ڪم جي، انتها چاهي! خوشي ته ڇا غم جي به انتها چاهي! مان پاتال ۾ پيهي وڃڻ جو عادي رهيس. وجدانيت، انتهاپسندي، سرفروشي جو سمونڊ منهنجي وجود جي وار وار ۾ ڇوليون هڻندو رهيو. عشق ته مون شروع ئي اختتام ڪان ڪيو! منهنجي نزديڪ، محبت جو مختصر مفهوم آهي، ’پاڻ ارپڻ‘! مون جيترو به چاهيو مون جنهن کي به چاهيو مان ته ائين ئي سمجهان ٿو ته اهو دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ چاهيو ويو. مون کي پيار ۾ ڪو به پڇتاءُ ناهي! مان محبتن ته ڇا پر انهن نفرتن تي به سرخرو آهيان، جيڪي مون کي عشق جي عيوض ارپيون ويون! ها، اهي نفرتون به انمول آهن! لازوال آهن! ننڍپڻ واري هُن سڪيءَ کان ويندي جواني جي هِن سانئڻ تائين مون عشق جي اڌيءَ تان ڪڏهن به ڪنڌ نه ڪنيو! جڏهن به عشق، ٻيجل بڻجي آيو، تڏهن مون به راءِ ڏياچ جي ئي تاريخ ورجائي! اهڙي طرح، عشق مون کي انيڪ ڀيرا ماريو ماري وري جياريو ۽ جياري وري ماريو. اهڙي طرح عشق مون کي پنهنجي قابل ڪيو پوءِ آئون جڏهن عشق جي قابل ٿيس ته عشق مون تي مهربان ٿي پيو! ۽ مون تي سانئڻ جو نزول ٿي پيو! هي سانئڻ، مون تي عشق جي عنايت آهي. هن سانئڻ ۾ منهنجي عشق جو هر اهو لمحو محفوظ آهي، جيڪو مون زندگي ۾ ڪڏهن عشق کي ارپيو! هن سانئڻ جي ڇهري ۾ هر اهو ڇهرو موجود آهي جنهن کي مون زندگي ۾ ڪڏهن هڪ پل، هڪ لمحي جي لاءِ به چاهيو!

هن فضا ۾ انيڪ لهرون محوِ گردش آهن، پر اوهان رڳو اهڙي ئي قسم جون لهرون ڪار آمد ڪري سگهو ٿا، جهڙي قسم جو اوهان وٽ رسيوَر هوندو! آسان لفظن ۾ هينئن ته، جيڪڏهن اوهان

وٺ رڳو ريڊيو ئي آهي تہ اوهان ان ذريعي ڪڏهن بہ ٻڌي سگهو ٿا. سو ساڳي ئي طرح سان منهنجي من ۾ بہ محبت جون انيڪ اھڙيون لهرون محوِ گردش هيون، جن کي محبت جي Matching رسيوَر جي ڳولا هئي! اهو رسيوَر سانئڻ وٽ هو. هي ناول، سانئڻ جي رسيوَر جي دريافت آهي. هي لفظ، منهنجا لکيل ناهن، هي لفظ منهنجي من ۾ موجود محبت جون لهرون آهن. جيڪڏهن مون تي عشق جي عنايت نہ ٿئي ها، جيڪڏهن مون تي سانئڻ جو نزول نہ ٿئي ها تہ آئون پنهنجي من ۾ موجود محبت جون لهرون ڪڏهن بہ ڪاغذ تي اتاري نہ سگهان ها! ها، آئون ڪڏهن بہ هي ناول لکي نہ سگهان ها!

عجيب اتفاق جهڙي ڳالهہ ٿي، جو مون جڏهن هي ناول لکي پورو پئي ڪيو تڏهن ڪنهن چينل تي خبر هلي رهي هئي تہ، ’تاج محل جو هڪ مينار چار سينٽي ميٽر لهي/ جهڪي ويو آهي!‘ ماهرن اهي بہ خدشا ظاهر پئي ڪيا تہ اگر اها ئي صورتحال رهي تہ پوءِ محبت جي يادگار تاج محل ۾ ڏار بہ پئجي سگهن ٿا! مون جڏهن اها خبر ٻڌي تہ مون کي اردو جو اهو شاعر ڏاڍو ياد آيو، جنهن کي اهو تاج محل هڪ امير عاشق جي، غريب عاشقن جي عشق تي ٺٺولي ٿي لڳو هو! آئون هن ناول جي وسيلي اردو جي انهي شاعر ۽ هر غريب عاشق کي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ نہ رڳو هي ناول، پر محبت تي لکيل هڪ هڪ سٽ محبت جي انهي يادگار کان گهڻي مهانگي ۽ مهان آهي!

ساڳي ئي طرح سان آئون هاڻي آخر ۾ پنهنجي سانئڻ کي بہ اهو چوان ٿو تہ، ”جيڪڏهن آئون شاهجهان هجان ها، تہ يقيناً تنهنجي لاءِ تاج محل جوڙائي ڇڏيان ها. پر شڪر آهي جو آئون شاهجهان ناهيان! آئون ليکڪ آهيان! آئون تنهنجي لاءِ محبت جي يادگار طور ڪوئي تاج محل نہ جوڙائي سگهيس تہ مون کي ان ڳالهہ جو ڪو بہ غم ڪونهي! ڇو تہ تاج محل ۾ ڪڏهن ڏار بہ پئجي سگهن ٿا! تاج محل ڪڏهن ختم بہ ٿي سگهي ٿو. آئون توکي محبت جي يادگار طور هي ڪتاب ارپيان ٿو، هي ڪتاب ڪڏهن ختم نہ ٿيندو! هن ڪتاب ۾ ڪڏهن ڏار نہ پوندا! هي ڪتاب تاج محل کان هزار ڀيرا وڌيڪ مضبوط آهي! ها، هي ڪتاب شاهجهان جي تاج محل کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ طاقتور آهي!“

حسيب ڪانهيو

ميرپورخاص

10-02-2012

## (محبوب سان هم ڪلامي)

# ڳوليان ڳوليان مَ لهان!

مون تنهنجي هڪ تصوير تراشي آهي، جو دنيا جو بہ مها سنگتراش اهڙي خوبصورت تصوير تراشي نٿو سگهي! اهڙو حسين مجسمو گهڙي نٿو سگهي! مون هڪ اهڙو خواب ڏٺو آهي، جنهن جي تعبير ممڪن ئي ڪونهي! يوٽوپيا جي تصور جهڙو خواب! جنت جي نظارن جهڙو خواب! مون هڪ اهڙو دلڪش خواب ڏٺو آهي، جنهن جي حقيقت جو تصور ئي ممڪن ناهي! زماني جي سيني حقيقتن کان بينياز خواب! ها! مون هڪ اهڙو خواب ڏٺو آهي، جيڪو خواب ئي ٿي سگهي ٿو، حقيقت نٿو ٿي سگهي! مون جيڪو خواب ڏٺو آهي، سو ايتريقدر حسين خواب آهي جو هڪ لمحي جي لاءِ تہ لفظ ’حقيقت‘ بہ ان جي توهين ٿو لڳي! مون پنهنجي انهي خواب کي پنهنجو پاڻ ارپيو آهي! مون انهي خواب تي پنهنجيون سيئي حقيقتون گهوري گهمائي ڇڏيون آهن! اهو حسين خواب منهنجو سڀ ڪجهہ آهي! نہ نہ مون کان ڪجهہ غلط لکجي ويو! چوڻ ٿي چاهيم تہ مان جيڪو بہ ڪجهہ آهيان، انهي خواب جو آهيان! آئون جيڪڏهن ڪا حقيقت آهيان تہ پوءِ سچ پچ! انهي حسين خواب جي ئي ڪري آهيان! اهو خواب منهنجي هستي، منهنجي مستي توڙي منهنجي وجود جو واحد جواز آهي! ۽ منهنجي انهي حقيقتن کان بالاتر خواب جي مرتڪب تون آهين! ها! اڄ ٻڌي ڇڏ تہ اهو خواب، جيڪو منهنجي هجڻ جو سبب آهي، تون انهي خواب جو سبب آهين!......... مون پنهنجي هڪ الڳ ڪائنات جوڙي آهي! هڪ ڪائنات کان بنهہ الڳ ٿلڳ هڪ ڪائنات! منهنجي ان ذاتي ڪائنات ۾ هر پاسي، هر جاءِ تون آهين! تون ئي تون آهين! فقط تون!! منهنجي ان ڪائنات جي سيني منظرن ۾ تون آهين! صبحن ۾، شامن ۾، راتين ۾، ڏينهن ۾، جهنگلن ۾، برپٽن ۾، بهارن ۾، خزائن ۾.... هر شيءِ ۾ تون آهين! بس تون! ان ڪائنات ۾ ايتريقدر تون آهين، جو تو کانسواءِ ٻيو ڪو بہ ناهي! ايتريقدر جو مان بہ ناهيان! تون ڪڏهن مون کان اهو نہ پُڇجانءِ تہ مون اها ڪائنات ڪيئن جوڙي آهي؟! چاڪاڻ تہ مون وٽ تنهنجي انهي سوال جو ڪو بہ مستند جواب ڪونهي! ڪنهن لمحي ويهي سوچيندو آهيان تہ ائين لڳندو آهي، جيئن مون پنهنجي اها ذاتي ڪائنات پنهنجي پاڻ سان ٺاهي آهي! ائين لڳندو آهي جڻ ننهن کان چوٽيءَ تائين آئون انهي ڪائنات جي نهڻ ۾ استعمال ٿيل آهيان! جڻ آئون سجو سارو انهي ڪائنات جي تعمير ۾ تحليل آهيان! منهنجو ذرو ذرو انهي ڪائنات ۾ پنهان آهي! ۽ ڪڏهن وري خبر ناهي تہ ڇو پر محسوس ائين ٿيندو آهي جڻ اها ڪائنات هڪ پل جي پيداوار آهي! هڪ خيال، هڪ سوچ، هڪ احساس

جي پيداوار آهي! سمجھ ۾ نٿو اچي ته ڇو مگر حقيقت اهائي آهي ته هڪ لمحي ائين لڳندو آهي ته مون هي حسين ڪائنات انتهائي سوچي سمجهي پوءِ هڪ وڏي حساب ڪتاب سان ٺاهي آهي، پر ٻئي لمحي الئه ڇو ائين محسوس ٿيندو آهي ته، مون پنهنجي اها ڪائنات حادثاتي طور تي ٺاهي ڇڏي آهي! هڪ پل اهو لڳندو اٿم ته مون تو تي مبني پنهنجي هي الڳ ٿلڳ ڪائنات ڪن مدتن ۾ ٺاهي آهي، پر ٻئي پل وري الئه ڇو ائين لڳندو اٿم ته ڄڻ 'ڪن_فيڪون' واري ڪار تي وئي آهي! مون بس سوچيو آهي ۽ ڪائنات ٺهي پئي آهي! مون کي خبر آهي ته منهنجيون اهي ڳالهيون تو کي منجهائي ڇڏينديون، تون منهنجيون اهي گڏ مڏ ڳالهيون سمجهي نه سگهندين! تو کي پتو ئي نه پوندو ته تو تي مشتمل مون پنهنجي اها الڳ ٿلڳ ڪائنات ڪيئن ٺاهي آهي؟! اهو ئي ڪارڻ آهي جو توکي اڳ ۾ ئي اهو ٻڌائي ڇڏيو اٿم ته تون مون کان اهو ڪڏهن به نه پُڇجانءِ ته مون پنهنجي اها ڪائنات ڪيئن جوڙي آهي؟! تون فقط اهو ڄاڻي وٺ ته منهنجي هي ڪائنات تو تي مبني آهي! تون ئي منهنجي انهي ڪائنات جو محور آهين! منهنجي انهي ڪائنات ۾ رڳو تون ئي تون آهين! ٻيو ڪوئي ڪونهي!!

اُٺيان ته انڌيون، پُوريان پرين پسڻ!
آهي اکڙيـــنِ، عَجَبَ پَر پَسڻَ جِي!

ڀٽائي جي انهي بيت جو قسم! مون تو کي اڻ ڏٺي جي اک سان ڏٺو آهي، ۽ اهڙو ته حسين ڏٺو آهي جو بيان ڪرڻ کان قاصر آهيان! مون تو کي اڻ ڏٺي جي اک سان ائين ڏٺو آهي جو ڏسڻ واري اک سان ائين ڏسڻ ممڪن ئي ناهي! اڻ ڏٺي جي اکين آڏو جسمي نگاهن جي ڪا مجال ئي ڪانهي! ها، مون اهو محسوس ڪيو آهي ۽ اهو ڪيئي ڀيرا محسوس ڪيو آهي! ها، مون ڪيئي ڀيرا اهو مشاهدو ماڻيو آهي! اڻ ڏٺي جي اک به ڏاڍي عجيب ٿيندي آهي! ان جي نگاهه ۾ ڏسڻ توڙي نه ڏسڻ ٻيئي ڳالهه مڙيئي ساڳي ٿي پوندي آهي! اڻ ڏٺي جي اک آڏو ويجهي ۽ پري جي وچ ۾ ڪو ويڇو نه هوندو آهي! زماني جا ماڻهو اها ڳالهه سمجهي نه سگهندا آهن، ڪيئي سياڻا اياڻا ٿي پوندا آهن! ماڻهو مون کان ورجائي ورجائي اهو پُڇندا آهن ته، مون واقعي به تو کي ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪڏهن ڪٿي ڏٺو به آهي!؟ اهو سوال ٻڌي، آئون ڪجھ سوچيندو آهيان ۽ پوءِ جواب ۾ وراڻيندو آهيان ته، يا ته مون تو کي ڪائنات ۾ ڪٿي به نه ڏٺو آهي! يا ته وري مون ڪائنات ۾ تو کانسواءِ ٻيو ڪجھ به نه ڏٺو آهي! ماڻهو منهنجي اه اُبتي ڳالهه سمجهي ئي نه سگهندا آهن. زماني جي ڄاتيءَ ۾ اڄتائين اها ڇيت ڇُپيل آهي ته مون تو کي واقعي ڪڏهن ڪٿي ڏٺو به آهي يا نه؟!!..........

تو اڪثر مون واتان اهو ٻڌڻ پئي چاهيو آهي ته منهنجي نظر ۾ تنهنجي حيثيت ڪهڙي آهي؟ تنهنجي اهميت ڪهڙي آهي؟ تون منهنجي نظر ۾ ڇا آهين؟! ها، تو کي هميشه مون کان اها شڪايت رهي آهي ته مان تنهنجي تشريح ڪريان! تنهنجي وضاحت ڪريان! پر آئون ڇا

ڪريان؟! مون ڪيئي ڀيرا تنهنجي انهي شڪايت جو ازالو ڪرڻ جو سوچيو آهي پر هر ڀيري ناڪام ٿي رهيو آهيان! تنهنجي آڌو سيئي تشريحون توڙي وضاحتون هلڪيون ۽ ڇسيون ٿي پونديون آهن! مان جڏهن لفظ تنهنجي تشريح لاءِ گڏ ڪندو آهيان، ته تنهنجو نالو ٻڌي لفظ پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهندا آهن! هر لفظ بيمعنيٰ بڻجي پوندو آهي! ڏس، تون ان ڳالهه تي ڪڏهن ناراض ن ٿجانءِ، مون تنهنجي هر ڳالهه ڳڻي آهي، مون تنهنجو هر حڪم پاڻمرادو مڃيو آهي؛ پر بس، آئون تنهنجي اها ميار لاهي نٿو سگهان! آئون تنهنجي اها شڪايت ڪڏهن به دور نٿو ڪري سگهان! ها، آئون تنهنجي تعريف مڪمل نٿو ڪري سگهان ۽ حقيقت هيءُ آهي ته مڪمل ته پر اڌوري به نٿو ڪري سگهان! تون مون کي بخشي ڇڏ اهو گناهه! تون مون کي معاف ڪري ڇڏ بس! آئون تنهنجي وضاحت نٿو ڪري سگهان، آئون تنهنجي تشريح نٿو ڪري سگهان! آئون ادنيٰ آهيان سو مون وٽ اهڙا مقدس لفظ نه آهن!

آئون اڪثر خودي کان اهو پوڇندو رهندو آهيان ته تون ڇا آهين؟ سچ پُڇين ته آئون جڏهن به پنهنجي خوديءَ کان اهو پُڇندو آهيان ته تون ڇا آهين؟ ته يقين ڪر هر ڀيري تو بابت منهنجي بيخودي بيخود ڇيخي اهو چوندي آهي ته، ”تون ڇا ناهين!!؟“....... بس تون اهو ڄاڻي وٺ ته اهو ازلي عشق، جيڪو منهنجي رڳ رڳ ۾ رچيل آهي، مون انهي عشق سان هڪ حسن تخليق ڪيو آهي! تون اهو حسن آهين! تون منهنجي عشق جو تخليقيل حسن آهين! مون توکي پاڻ ارپيو آهي! مون پنهنجي معنيٰ توکي ڏني آهي. مون خود کي تو تي ختم ڪري ڇڏيو آهي! مان جملو آهيان ۽ تون منهنجو فل اسٽاپ آهين! ڇو ته مان ڄاڻان ٿو ته عشق شروع ٿي اختتام کان ٿيندو آهي! جڏهن سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو آهي ، تڏهن ئي عشق جو آغاز ٿيندو آهي! عشق پاڻ ارپڻ جو نالو آهي. مون توکي پاڻ ارپيو آهي. ڪجهه گهڙيون اڳ جنهن ذاتي ڪائنات جو ذڪر ڪندي توکي ڇيو هوم ته ان ڪائنات ۾ ايتريقدر تون آهين جو ان ۾ آئون به نه آهيان! ته ان جو مطلب درحقيقت اهو نه هو. ’اکران دي وچ جو ٿي اڙيا، عشق دي چاڙهي مور نه چڙهيا!‘ واري انهي سٽ جو قسم! منهنجي انهي نه هئڻ مان مراد منهنجو نه هئڻ نه هئي! اها ڳالهه سمجهڻ جي لاءِ هڪ ته اهو ياد رک ته عشق پنهنجي اختتام کان بعد ۾ ئي شروع ٿيندو آهي، عشق خوديءَ جي خاتمي کان پوءِ شروع ٿيندو آهي ۽ ٻيو ته هي شعر ٻڌي وٺ ته،

تيري خيالون مين اڪثر، اتنا گم هو جاتا هون!
مين، مــين نهـين رهتا، تـــــم هو جاتا هون!

اڄ توسان هم ڪلام ٿيڻ کان پهرين اهو طئه ڪري ڇڏيو هوم ته ڪيئن به ڪري ڳولهي ڦولهي توسان ڪي اهڙيون ڳالهيون اوريندس، جن جي ذريعي تون پنهنجي تصور جي طاقت سان هڪ لمحي لاءِ ئي سهي! پر پنهنجي پاڻ کي ائين ڏسي سگهندين، جيئن اڻ ڏٺي جي اک سان توکي مون

ڏٺو آهي! ها، مون اهو طئہ ڪيو هو تہ اڄ آئون پنهنجيون اکيون اهي آئينا ڪري ڇڏيندس، جن ۾ تون هڪ پل، هڪ گهڙي جي لاءِ ئي سهي! پر پنهنجي حسن کي منهنجي عشق سان ڏسي سگهندين! خبر ناهي تہ آئون اڄ پنهنجي انهي ارادي ۾ ڪامياب ٿي سگهندس يا نہ! منهنجيون اکيون اڄ آئينا بنجي سگهنديون يا نہ! پر ها! ايترو ضرور ڄاڻان ٿو تہ جيڪڏهن ائين ٿي ويو تہ پوءِ پڪ ڄاڻ تہ يا تہ تون سيئي آئينا ڀڃي ڇڏيندين! يا تہ توکي ڪو آئينو آئينو تہ نظر ئي نہ ايندو! توکي هر آئينو منهنجي اک نظر ايندو! ها، يقين ڄاڻ تہ جيڪڏهن تون اکڇيپ جيترو لمحو بہ خود کي اگر منهنجي نظر سان ڏسي وٺين تہ توکي باقي ساري دنيا نابين نظر اچي! مون توکي_جيئن ازل کان ڏٺو آهي، تيئن جيڪڏهن تون خود کي هڪ پل بہ ڏسين وٺين تہ پوءِ تون پنهنجي پاڻ تي ئي عاشق ٿي پوين! پاڻ ئي طالب ، پاڻ ئي مطلوب بڻجي پوين!

ها! اڄ توسان هن هم ڪلامي جو بنيادي مقصد ئي اهو آهي تہ اڄ توکي ڪنهن بہ صورت هڪ گهڙي لاءِ ئي سهي، مگر آئون توکي اهو محسوس ڪرائي سگهان تہ مون توکي بيحد حسين تراشيو آهي! خدا ڪري تہ منهنجي ڪنهن جملي مان توکي هڪ گهڙي لاءِ من اهو احساس ٿي وڃي هجي تہ مون توکي پنهنجي پر ۾ ڪيئن بڻايو آهي؟ ان ڏٺي جي اک سان مون توکي ڪيئن ڏٺو آهي؟ خدا ڪري تہ هڪ لمحي لاءِ ئي سهي، پر تون اهو ڄاڻي ئي وٺين تہ مون پنهنجي ازلي عشق سان ڪهڙي ريت تنهنجي حسن کي تخليق ڪيو آهي؟ .......... پر ها! جيڪڏهن آئون پنهنجي اڄوڪي پڪي ڪيل انهي پہ کي پاڻي ڏئي نہ سگهيو هجان، اگر منهنجيون هي متي ڦريون ڳالهيون توکي سمجهہ ۾ نہ اچي سگهيون هجن، تنهنجي دل ۾ اڃان بہ اها خلش باقي رهجي وئي هجي تہ پوءِ منهنجي هيءَ آخري ڳالهہ غور سان ٻڌ! اي منهنجي تراشيل اها خوبصورت تصوير! جيڪا زماني جو ڪوئي مها سنگتراش بہ تراشي نٿو سگهي، هن زماني جي سپني حقيقتن کان بالاتر، اي حسين خواب! هن ڪائنات کان بلڪل الڳ ٿلڳ، اي منهنجي ذاتي ڪائنات! اي منهنجي بي بها عشق جا تخليق ڪيل حسن! اهو تہ واحد ۽ اڪيلي هڪ خدا کي ئي اختيار آهي تہ هُو جهڙو محبوب ٺاهڻ گهري سو ٺاهي وجهي! منهنجي اختيار ۾ اهڙو تہ ڪجهہ بہ ناهي، پر مون وٽ هڪ تصور ضرور آهي! هڪ اڻ ڏٺي جي اک ضرور منهنجي وس ۾ آهي! منهنجو تصور ضرور منهنجي گرفت ۾ آهي! پوءِ بس تون پاڻ ئي ڄاڻي وٺ، تون پاڻ ئي اهو اندازو لڳائي وٺ تہ مون پنهنجي پر ۾، پنهنجي ئي مرضيءَ سان پنهنجو تصوراتي محبوب ڪيتري قدر حسين ٺاهيو هوندو!؟ مون اڻ ڏٺي جي اک سان توکي ڪيتري قدر خوبصورت ڏٺو هوندو!!؟

جيڪڏهن آئون اهو چوان تہ، ”عشق بہ ٻار جيان ٿيندو آهي! ننڍو ٿي وڏو بہ ٿيندو آهي! ٻي سمجهہ مان سمجهو بہ ٿيندو آهي ۽ چريي مان آهستي آهستي اهو سياڻو بہ ٿيندو آهي!“ تہ مون کي پڪ آهي تہ تون هڪدم چوندين تہ، ”عشق، ٻار جيان نہ ٿيندو آهي! عشق جو عقل سان ڪهڙو تعلق؟

عشق هرگز بي سمجهہ مان سمجهو ۽ چريي مان سياڻو نہ ٿيندو آهي!“ تہ آئون تنهنجي انهي ڳالهہ جو انڪاري نہ آهيان! پر منهنجي چوڻ جو مطلب صرف ايترو آهي تہ عشق اهو ٻار آهي، جنهن جي مٽي ۾ ميچالو نہ ٿيندو آهي! عشق جي مٽي ۾ عقل نہ ٿيندو آهي، عشق جي مٽي ۾ بہ دل ئي ٿيندي آهي! سو تنهنڪري تون اهو سمجهي وٺ تہ عشق جي بي سمجهہ مان سمجهو ٿيڻ مان مراد آهي بي سمجهہ مان صفا بي سمجهہ ٿيڻ! ’عشق دي اُلٽي چال‘ جيس مطابق، چريي مان آهستي آهستي سياڻي ٿيڻ جو مطلب آهي چريي منجهان عليل چريو ٿيڻ! بس مون عشق کي ٻار سان فقط انڪري ڀيٽيو جو مون پاڻ کي عليل چريو نہ پئي چوڻ چاهيو! بس هاڻي تون سمجهي وڃ! آئون فقط اهو ٿو چوان تہ، ”منهنجو عشق، جيڪو ڪالهہ ٻار هو سو اڄ وڏي وڻ ٿي ويو آهي! بي سمجهہ مان سمجهو ٿي ويو آهي! چريي مان آهستي آهستي هاڻي سياڻو ٿي ويو آهي!

عشق جو معراج ڇا آهي؟! مون کي تنهنجي عشقِ_لاحاصل اهو ٻڌايو آهي تہ بينيازي ئي عشق جو معراج آهي! ها، آهي تہ واقعي بہ ڏاڍي عجيب ڳالهہ! پر حقيقت اها ئي آهي تہ اڻ ڏٺي جي اک بہ بينياز ڇهرن کي ئي نقيب ٿيندي آهي! ۽ اڻ ڏٺي جي ذريعي ئي درحقيقت اهو حسن پسي سگهبو آهي، جنهن کي چنڊ سان ڀيٽي نٿو سگهجي! اهو حسن سڀني تشبيهن ۽ ڀيٽائن کان بنه بالاتر ٿيندو آهي!

هاڻي آئون ايترو وڏو ٿي ويو آهيان جو ڄاڻي ورتو اٿم تہ تون منهنجو عشقِ_لاحاصل آهين! تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ هن وقت خالص عشق ئي آهي! بيپناهہ ۽ بينياز عشق! ٻار نہ، بلڪِ هڪ مڪمل جوان جماڻ عشق! تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ هاڻي ڪابہ تمنا نہ آهي! ڪا بہ حسرت نہ آهي! پنهنجو عشق هاڻي فراق توڙي وصال جون سڀئي سرحدون اُڪري چڪو آهي! مون تنهنجي ڳولها، هاڻي ترڪ ڪري ڇڏي آهي! مون هاڻي تنهنجي تلاش ختم ڪري ڇڏي آهي!......... ها! ميان ٿو تہ ڇا تہ تشنگي هئي! جو سلطان باهو جيان چوندو وتندو هئس تہ،

اي تن ميڏا چشمہ هو وي، مين ويکهہ سڄڻ نان رجان هُوا!
مُند مُند دي ول سَو سَو چشمي، اک کهولان اک کجان هُوا!

هاڻي تو سان ملڻ، نہ ملڻ برابر آهي! توکي ڏسڻ، نہ ڏسڻ ساڳي ئي ڳالهہ آهي! جڏهن کان اهو ڄاتو اٿم تہ عشق اختتام کان شروع ٿيندو آهي، مون پنهنجي هر شيءِ ختم ڪري ڇڏي آهي! مون جبل جهاڳڻ ڇڏي ڏنا آهن، مون جوڳي ٿيڻ وساري ڇڏيو آهي! ها، مون پنهنجو پاڻ عشق کي ارپي ڇڏيو آهي! مون اهو گهاٽي جو سودو نہ ڪيو آهي، مون اهو بلڪل ٺيڪ ڪيو آهي! ڇو تہ مون ڏٺو آهي تہ بدلي ۾ عشق مون کي ’مون‘ مان ’تون‘ ڪري ڇڏيو آهي! اهو سڀ ڪجهہ، جيڪو مون ختم ڪري ڇڏيو هو سو سڀڪجهہ هاڻي تون ٿي ويو آهي! منهنجي من ۾ هاڻي تو سان ملڻ جي ڪا تمنا ڪانهي رهي! هر تمنا سان گڏ اها تمنا بہ ڀسم ٿي وئي آهي! سچ! مان توکان جدا ئي ڪڏهن آهيان

جو توسان ملڻ جي تمنا ڪريان! عشق جي عجب مقام تي آهيان. جو لفظ ’تمنا‘ بہ هاڻي ڪفر ٿو لڳي! دل ڀٽائيؒ جي انهي بيت تي ايمان آڻي چڪي آهي تہ.

ڳولهيان ڳولهيان، مَ لهان! شال مَ ملان هوت!
مَــن انـــدر جا لـــــوچ! مِلڻ سان مـــانِي ٿئي!

آئون اختتام کان شروع ٿيو آهيان! آئون سراپا عشق آهيان ۽ تون سراپا حسن! آئون فراق ۾ وصال ۽ وصال ۾ فراق ڏسي رهيو آهيان! هي آئون ڇا ڏسي رهيو آهيان!؟ تنهنجي عشق، تنهنجي ئي تمنا کان بينياز ڪري ڇڏيو آهي مون کي! هڪ عرصي تائين، جڏهن منهنجو عشق اڃان ٻار هو، جڏهن منهنجو عشق اڃان بي سمجھہ هو، چريو هو! تڏهن مان تنهنجي لاءِ ڏاڍو ڏوڙيو هئس! ڏاڍو لُڇيو هئس، ڏاڍو ڦٿڪيو هئس. گيڙو الفي پائي تو لاءِ در در ڀٽڪيو هئس ۽ تنهنجي حاصلات جي لاءِ جھر جھنگ جھاڳيا هئم. پر هاڻي مان ٻار نہ رهيو آهيان، سو هاڻي مون کي اهي سڀ ڳالهيون ٻاراڻيون ٿيون لڳن! جي سچ پڇين تہ هاڻي تو کي هنن جسمي نگاهن سان ڏسڻ بہ نٿو چاهيان! هن ظاهري جهان ۾ مان توکي هاڻي جانچڻ بہ نٿو گهران! بس، مون لاحاصل کي حاصل ڪري ورتو آهي! مون کي تنهنجو نہ ملڻ ملي ويو آهي. سچ پڇ! مون کي تنهنجي نہ ملڻ سان ئي محبت آهي. تنهنجي نہ ملڻ مون کي گهڻو ڪجھہ ڏئي ڇڏيو آهي! تنهنجو ملڻ مون کي اهڙو ڪجھہ ڏئي نہ سگھي ها! ان حقيقت جو اندازو تون ان ڳالھہ مان ئي لڳائي ڇڏ تہ تنهنجي نہ ملڻ مون کي اهڙو ڪجھہ ڏئي ڇڏيو آهي جو هاڻي آئون تنهنجي ملڻ کان ئي بينياز ٿي ويو آهيان!

هڪ حوالي سان تہ اهو سوچي بہ هاڻي توکي هنن عام اکين سان ڏسڻ بہ نٿو چاهيان جو مون اڄ ڏني جي اک سان توکي جيترو حسين ڏٺو آهي، سو حقيقت تہ ٿي ئي نٿو سگهي! اهڙو حسين توکي آئون هنن عام اکين سان ڏسي ئي نہ سگهندس! مون جيڪا پنهنجي ذاتي ڪائنات جوڙي آهي، سا ممڪن ئي ڪانهي! مون تنهنجي جهڙي حسين تصوير تراشي آهي، سا جنت جي حور ٿي سگهي ٿي، آسمانن تي رهندڙ ڪا جل پري ٿي سگهي ٿي؛ پر هن ڌرتي جي مخلوق ٿي نٿي سگهي! بس، مون توکي پنهنجي ازلي عشق سان بيپناھ حسين تخليق ڪيو آهي!

# ڳوڙها...!

آئون ڏاڍو ٿڪجي پيو هئس. مون ۾ هاڻي ڪا بہ سهپ باقي نہ رهي هئي. هاڻي مون منجهہ برداشت جي ڪا بہ گنجائش نہ رهي هئي. هاڻي مون ۾ بار کڻڻ جي ذرو بہ سگهہ نہ رهي هئي. منهنجي صبر جا سڀئي پيمانا پلٽجي پيا هئا. ها واقعي! ڏاڍو ٿڪجي پيو هئس آئون! آئون ايتريقدر ٿڪجي پيو هئس، جو ٻيو تہ ٺهيو هاڻي مون ۾ وڌيڪ ٿڪجڻ جي گنجائش بہ باقي نہ رهي هئي!

آئون پنهنجي پاڻ سان وڙهي وڙهي ٿڪجي پيو هئس. آئون پنهنجي پاڻ سان وڙهي وڙهي ڦتجي پيو هئس. اها ويڙهہ اڄ يا ڪالهہ جي نہ هئي. اها ويڙهہ ازل کان بہ اڳ جي ويڙهہ هئي. مون کي خبر ناهي تہ اها ويڙهہ ڪڏهن کان شروع ٿي هئي، مون کي بس ايترو ياد آهي تہ مون اها ويڙهہ تڏهن کان شروع ٿيندي ڏٺي هئي، جڏهن کان پهريون پيرو منهنجي هڪ تمنا پوري ٿيندي ٿيندي حسرت بڻجي پئي هئي! جڏهن کان پهريون پيرو منهنجي هڪ تصوير، ٺهندي ٺهندي ڊهي وئي هئي! اها ويڙهہ تڏهن کان شروع ٿي هئي، جڏهن پهريون دفعو آئون ڪٽيندي ڪٽيندي هارائي ويو هئس!......... آئون آهون پيري پيري ٿڪجي پيو هئس! آئون مسلسل ڊهي ڊهي ٿڪجي پيو هئس!! آئون لاڳيتو هارائي هارائي ٿڪجي پيو هئس!!!

ارتقا جي قانون جي قدرتي تقاضا اها آهي تہ هر شيءِ ننڍي ٿي، پوءِ وڏي ٿيندي آهي، مگر مون هر پيري الٽہ چوائين ئي پانيو آهي تہ جسماني طرح تہ آئون خود بہ واقعي انهي ارتقا جي قانون تحت ئي پروان چڙهيو آهيان. زمانو شاهد آهي ان ڳالهہ جو! پر پوءِ بہ مون کي خود کي اها ڳالهہ مڃڻ ۾ ئي نٿي اچي. مون کي ائين ٿو لڳي تہ آئون (constant) يڪسان ئي پيدا ٿيو آهيان! آئون هڪجهڙو ئي پيدا ٿيو آهيان، مان پيدائش کان وٺي هيل تائين ذرو بہ تبديل نہ ٿيو آهيان، مان نہ وڌيو آهيان نہ گهٽيو آهيان. مان ازل کان جهڙو هئس، تهڙو ئي آهيان!

خاموشي منهنجو باطن آهي! مان درحقيقت ماٺ جو مظهر آهيان! دنيا ۾ جيترا بہ سوال آهن، انهن سڀني سوالن جو جيڪڏهن ڪو هڪ ئي مثبت جواب آهي تہ اهو آهي ماٺ! ماٺ ۾ سڀڪجهہ آهي، ايتريقدر، جو جيڪڏهن سڀ کان وڌيڪ شور بہ اگر آهي تہ اهو ماٺ ۾ ئي آهي! ها، سو مون اهو شروع کان ڏٺو آهي تہ ماٺ منهنجي رڳ رڳ ۾ رچيل آهي! مان اڪثر ماٺ ئي رهندو آهيان. مون کي ياد آهي مان جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هئس تہ سڀئي ٻار ڏاڍو شور ڪندا هئا. استاد کين ”ماٺ ڪريو.“ ”ماٺ ڪريو!“ چئي چئي ٿڪجي پوندا هئا پر ٻار ماٺ ڪندا ئي نہ هئا. رسيس ٿيندي هئي يا موڪل ٿيندي هئي تہ هوڪرا مچي ويندا هئا، پر مان هميشہ ماٺ ئي رهندو هئس. مان شور ڪري نہ سگهندو هئس! مون کي ياد آهي جيئن ئي صبح جو ڪلاس ۾ وڃي ويهندو هئس تہ پوءِ موڪل

ڪان اڳ پنهنجي جاءِ تان نہ اٿندو هئس. آئون موڪل تائين اتي جو اتي ئي ويٺو رهندو هئس. رسيس ۾ بہ پنهنجي جاءِ تان نہ اٿندو هئس. ٻيا ٻار منهنجي اهڙي حالت ڏسي اچرج ۾ پئجي ويندا هئا! سوچيندا هئا، هي آهي ڪهڙو؟ جو سڄو ڏينهن هڪ ئي جاءِ تي ويهي ويهي ٿڪجي ئي نٿو! هُو رسيس ۾ مون کي گهڻو ئي پاڻ سان گڏ گهليندا هئا پر مان پنهنجي جاءِ تان اٿندو ئي نہ هئس. ائين بہ نہ هو تہ ڪو مان پنهنجي مرضي سان انهي حالت ۾ خوش هوندو هئس! سچ تہ مان پاڻ تہ ڪنهن پل گهڻو ئي چاهيندو بہ هئس تہ ٻين ٻارن سان گڏجي مان بہ شور ڪريان. رسيس ۽ موڪل ۾ هوڪرا ڪريان پر مان چاهيندي بہ ائين ڪري نہ سگهندو هئس. مان پنهنجا چپ چورڻ چاهيندو بہ هئس پر پوءِ بہ ماٺ مون کان وڌيڪ طاقتور هوندي هئي! مان ماٺ کي مات ڏئي نہ سگهندو هئس! مان پنهنجا چپ چوري نہ سگهندو هئس، مان شور ڪري ئي نہ سگهندو هئس. شروع شروع ۾ تہ ٻين ڪلاسن جا ٻار تہ مون کي گونگو سمجهندا هئا! ها سو انهي ماٺ، انهي خاموشي جيڪري مان ازل کان يڪسان رهيو آهيان. مان ازل کان هڪجهڙو ئي رهيو آهيان. (گهڻو اڳتي هلي مون تي هڪ راز فاش ٿيو تہ دنيا جي هر شيءِ ارتقا جي عمل مان گذرندي آهي، سواءِ عشق جي!)

ارتقا جي قانون جي مطابق انسان پهرين ٻار هوندو آهي پوءِ جوان ٿيندو آهي ۽ بعد ۾ پوڙهو ٿيندو آهي پر منهنجي نظر ۾ حقيقت هيءُ آهي تہ آئون ٻار تہ پيدا ئي نہ ٿيو آهيان! حقيقت هيءَ آهي تہ مون پوپٽ نہ پڪڙيا آهن، مون پنپوريون نہ جهليون آهن. مون لِڪ لڪوٽيون نہ کيڏيون آهن نہ ئي مون مٽيءَ مان ڪڏهن رانديڪا ٺاهيا آهن! مون کي چڱي طرح سان ياد آهي تہ گهڻو اڳ، ٻار جڏهن رانديون ڪندا هئا تڏهن آئون پنهنجي منهن پنهنجي ماٺ ۾ گم هوندو هئس، رانديون ڪندڙ ٻارن کان پري پنهنجن ئي ڪن چڪرن ۾ وڃايل رهندو هئس. ها! مون کي ياد آهي، ڪيئي دفعا ڳوٺ جي هڪ جيڏن مون کي پاڻ جيڏو ۽ پاڻ جهڙو ٻارڙو ڀانيي مون کي راند تي مجبور بہ ڪيو. هنن گهڻو ئي مون کي پاڻ سان گڏ رانديون کيڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آئون هنن سان گڏجي رانديون کيڏي نہ سگهيس. اصل ۾ مون کي ان وقت بہ اهي ٻارن جون رانديون، ٻاراڻيون رانديون ئي لڳنديون هيون. اهو ئي سبب هو جو آئون ڪوشش جي باوجود بہ اهي ٻاراڻيون رانديون کيڏي ئي نہ سگهندو هئس. ٻار ضد ڪري اگر کيڏائيندا بہ هئا تہ پوءِ نتيجو اهو نڪرندو هو جو جنهن پاسي آئون هوندو هئس، اهو پاسو ئي هميشہ هارائي ويندو هو! آئون جنهن بہ پاسي کيڏندو هئس، ان پاسي جي هار جو سبب بڻبو هئس. منهنجي ڪري ٻين جي بہ محنت تي پاڻي ڦري ويندو هو! مون سان گڏ کيڏڻ وارا هميشہ هارائي ويندا هئا..... اهي ويچارا ڪتيل بازيون بہ ڪٽيندي ڪٽيندي هارائي ويندا هئا!....... پر جلد ئي جڏهن ٻارن اهو ڄاڻي ورتو تہ هُو هر ڀيري منهنجي ئي ڪري هارائي ويندا آهن، جڏهن کين اها پڪ ٿي وئي تہ هُو نہ هارائيندا آهن، دراصل آئون ئي هر ڀيري ڪٽيندي ڪٽيندي هارائي ويندو آهيان، تہ پوءِ ان پڇاڻان ٻار پاڻ ئي مون مان جان ڇڏائي ڀڄي ويا! ٻارن جڏهن اهو راز ڄاڻي ورتو تہ مون سان گڏ

سواءِ هار جي ٻيو ڪجهه بہ ڪونهي تڏهن وري هنن ڪڏهن مون کي پاڻ سان ڳڌ راند کيڏڻ جو نہ چيو! ٻار مون سان ۽ آئون ٻارن سان ڪڏهن بہ ڳڏجي نہ سگهيو هئس، جنهن جو خاص سبب ئي اهو هو جو هنن وٽ ٻاراڻو هو، انهن وٽ پنهنجو پنهنجو ٻالڪپڻو هو پر مون وٽ منهنجو ٻاراڻو نہ هو! منهنجو ٻاراڻو منهنجو ٻالڪپڻو منهنجي پئدائشي روئڻ ۾ دٻجي ڪٿي وڃائجي ويو هو!

هر ٻار پئدا ٿيندي ئي روئندو آهي، پر پوءِ جلد ئي چُپ ٿي ويندو آهي. مگر آئون اڄ تائين چُپ ٿي نہ سگهيو هئس. پهريون روئڻ، زندگيءَ جي علامت ڄاتو ويندو آهي. جي ها! جنم وٺندڙ هر ٻار روئندو ايندو آهي پر جلد ئي زندگيءَ جو احساس سندس روئڻ کي روڪي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ ٻار مسڪرائڻ سکندو آهي. پر مون سان ائين نہ ٿيو هو. آئون اڄتائين روئندو رهيو هئس، آئون اڄتائين مسڪرائي نہ سگهيو هئس. آئون جو پئدائشي روئڻ کان پوءِ يڪو ماٺ ٿي نہ سگهيو هئس تہ ان جو مطلب صاف اهو ئي هو تہ درحقيقت اڄتائين مون کي زندگيءَ جو احساس ٿي ئي نہ سگهيو هو! آئون ڪائنات ۾ تہ اچي ويو هئس پر زندگي مون کان هميشہ هڪ فاصلي تي ئي رهي هئي! آئون زندگيءَ تائين پهچي ئي نہ سگهيو هئس، آئون زندگي کي ڪڏهن ڇِهي ئي نہ سگهيو هئس. مون زندگيءَ کي گهڻو ئي جيئڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر جِي نہ سگهيو هئس. آئون گهڻو ئي ڊوڙيو هئس پر پُڄي نہ سگهيو هئس. زندگيءَ جي پنيان ڊوڙي ڊوڙي آئون مرڻ جهڙو ٿي پيو هئس مگر جي نہ سگهيو هئس! ها! مون گهڻو ئي رُنو هو مگر منهنجو روئڻ، زندگيءَ جي علامت بڻجي نہ سگهيو هو! حقيقت رڳو هيءُ ئي آهي تہ مون رڳو جيئڻ چاهيو هو. مون پنهنجي زندگيءَ کي جيئڻ چاهيو هو! مون کي اڄتائين اها ئي هڪڙي تمنا روئاريندي رهي هئي، زندگيءَ کي جيئڻ جي تمنا! اِها ئي اُها تمنا هئي، جنهن جي حسرت بڻجڻ مون کي مون سان ئي ويڙهائي وڌو هو. اها زندگيءَ جي ئي تصوير هئي، جيڪا ٿهندي ٿهندي ڊهي ويندي هئي! منهنجو روئڻ جڏهن زندگي جي آمد جو باعث بڻجي نہ سگهندو هو، تڏهن آئون ڪٿيندي ڪٿيندي هارائي ويندو هئس!.... ۽ اهو ڪيئي ڀيرا ٿيو هو!

چند خواب، هميشہ پاڇي جيان ڳڌ ڳڌ رهيا. اهي خواب مون سان بار بار ملڻ ايندا رهيا. اهي خواب بار بار منهنجي ننڊ ڦٽائيندا رهيا. انهن چند خوابن مان هڪ خواب، جنهن جو ذڪر هتي ضروري آهي سو خواب تہ ڄڻ پنهنجو هڪ الڳ وجود رکندو هو! اهو خواب ڪيئي ڀيرا ويس مٽائي ايندو رهيو ۽ منهنجيون ننڊون ڦٽائي ويندو رهيو. ان خواب ۾ آئون ڇا ڏسندو هئس؟! انهي سوال جو جامع ۽ مستند جواب اهو ئي آهي تہ انهي خواب ۾ آئون موت ڏسندو هئس. انهي خواب ۾ مون کي هر ڀيري هڪ هار جو چهرو نظر ايندو هو. هار! ها! مون هار کي اکين سان ڏٺو آهي! مون هار جو چهرو بار بار ڏٺو آهي! هار ڇا ٿيندي آهي؟ ان سوال جو جواب تہ ڪوئي مون کان پُڇي!...... ها سو ڳالهہ پئي هلي خواب جي! تہ آئون انهي خواب ۾ هر ڀيري هار کي ڏسندو هئس. انهي خواب ۾ آئون هڪ پٿر کي هڪ شيشي تي ڪِرندي ڏسندو هئس. شيشي جي نازڪ فريم تي!...... اهو خواب مون سان

ڪيئي ڀيرا ويس مٽائي ملندو رهيو پر هر ڀيري مقصد ساڳيو ئي هوندو هو!....... پٽر...... شيشو....!...... شيشو...... پٽر.....!

ها! مگر هڪ ڳالهہ جيڪا جهڳڙي جي بار بار ٿيڻ جو ويڙهہ جي نہ ڪٽڻ جو باعث بڻي رهي، سا اها هئي تہ جڏهن بہ اهو خواب ايندو هو تڏهن موت کان چند لمحا پهرين، هار کان ڪجهہ ئي گهڙيون پهرين پهرين، شيشي جي نازڪ فريم تي ڀاري پٽر جي ڪِري پوڻ کان رڳو بس ڪجهہ ئي پل پهرين، منهنجيون اکيون کلي پونديون هيون. هر ڀيري ان فريم واري تصوير جي ڇُور ڇُور ٿيڻ کان پهرين آئون ٽپ ڏئي جاڳي پوندو هئس! هر ڀيري هار کان اڳ ۾ آئون ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهندو هئس! بس خاص ڳالهہ اها ئي هئي تہ ان خواب ۾ هر ڀيري آئون موت ڏسندو تہ هئس مگر مري نہ سگهندو هئس. مرڻ کان پهرين منهنجي اک کلي ويندي هئي ۽ خواب ٽٽي ويندو هو! هر ڀيري آئون مرندي مرندي بچي ويندو هئس! اهو خواب، ڏاڍو عجيب خواب هو. اهو خواب ايترو تہ عجيب خواب هو جو جيڪڏهن رڳو هڪ ڀيرو ئي اچي ها تہ آئون ڪڏهن وساري نہ سگهان ها، پر اهو خواب تہ سدائين منهنجي وجود جو تعاقب ڪندو رهيو! حقيقت جي ابتڙ انهي خواب جي بار بار اچڻ مون کي زندگي ۽ موت جي بہ واٽي تي بيهاري ڇڏيو هو. سچ! تہ آئون صفا اڙجي پيو هئس. خواب ۽ حقيقت هڪٻئي جي بنهہ ابتڙ هئا. ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ هئي جو هڪ پاسي هر ڀيري آئون موت کان ڪجهہ فاصلي تي رهجي ويندو هئس ۽ ٻئي پاسي وري هر ڀيري زندگي مون کان ڪجهہ فاصلي تي رهجي ويندي هئي! موت مون کي ماري نہ سگهي هئي ۽ نہ ئي هڪ عرصي تائين زندگي کي آئون جي سگهيو هئس! آئون وچ تي هئس، منهنجي پٺيان موت ۽ منهنجي اڳيان زندگي هئي! ڪڏهن بہ موت مون کي رسي نہ سگهي ۽ ڪڏهن بہ زندگي کي آئون پُڄي نہ سگهيس! هميشہ موت منهنجي پٺيان ۽ آئون زندگي جي پٺيان ڊوڙندو رهيس. مون کي خبر آهي تہ اهو تماشو گهڻو اڳ ختم ٿي چڪو هجي ها، گهڻو اڳ آئون فنا ٿي ويو هجان ها، موت گهڻو پهرين مون کي ڳڙڪائي وڃي ها، پر انهي سموري ڊوڙ ۾ انهي خواب جو ئي مرڪزي ڪردار هو! هار کان پهرين اکين جو ڇرڪ سان کلي پوڻ، ان خيال کي هر هر هوا ڏيندو رهيو تہ جيت يقيني آهي! مرندي مرندي زندهہ ٿي پوڻ مان مون کي پڪ ٿيندي رهي تہ زندگي تمام قريب آهي! شيشي جي نازڪ فريم تي ڀاري پٽر جي ڪِري پوڻ کان ڪجهہ ئي پل پهرين هوش سنڀالڻ، مون کي بار بار اهو ٻڌائيندو رهيو تہ اڃان ڪجهہ لمحا باقي آهن! تصوير محفوظ ٿي سگهي ٿي! تصوير بچي بہ سگهي ٿي! بس مختصر ايترو تہ اهو خواب بار بار مون کي ٻڌائيندو رهيو تہ منهنجو ٻاراڻو منهنجو ٻالڪپڻ، منهنجي زندگي منهنجي آسپاس اتي ئي ڪٿي گم ٿي پئي آهي! آئون ان کي ڳولهي سگهان ٿو. آئون زندگي کي جي سگهان ٿو. نہ صرف اهو پر مون کي الئہ چو ائين بہ لڳندو هو تہ جڻ مون وانگر منهنجي وڃائجي ويل زندگي بہ منهنجي لاءِ منهنجي آسپاس ئي تڙپي رهي آهي! وڃائجي ويل منهنجو ٻالڪپڻ مون کي

ڳولهي رهيو آهي! اهو خواب، منهنجي وڃائجي زندگي جو پاڇو هو! اهو خواب ڳولها جو مرتڪب بڻيو. انهي خواب مون کي ٻڏائي ڇڏيو هو تہ منهنجي ذات جي تڪميل، انهي وڃائجي ويل زندگي سان مشروط آهي! اها وڃائجي ويل زندگي منهنجي وجود جي ڪمي هئي! مون جڏهن ڦيرو اهو خواب ڏٺو هو تڏهن اها ڪمي دريافت ڪري ورتي هئي! بس پوءِ آئون جڏهن بہ اهو خواب ڏسندو هئس ۽ اوچتو ڇرڪ ڀري اٿندو هئس تہ هڪدم انهي وڃائجي ويل زندگي جي ڳولها کي لڳي ويندو هئس.......... گهڻو ئي ڳولهيندو هئس..... گهڻو ئي ڳولهيندو هئس....... ڳولهي ڳولهي صفا ٿڪجي پوندو هئس پر الميو اهو هو جو وڃائجي ويل زندگي مون کي لڀندي ئي نہ هئي! انهي وڃائجي ويل زندگي جي تلاش ۾ آئون ايتريقدر سرگردان رهيس جو مون کي موت بہ ڪڏهن پُڇي نہ سگهيو! انهي وڃائجي ويل زندگي جي ڳولها ۾ هر ڀيري آئون پاڻ وڃائجي ٿي ويس!........

هار..... هار..... هار! بار بار جي انهي هار، مون کي هڪ ڏينهن مون کان ئي هارائي ڇڏيو! آئون هارائي هارائي ٿڪجي پيو هئس.... آئون پاڻ سان وڙهي وڙهي ٿڪجي پيو هئس!...... ايتريقدر جو هاڻي مون ۾ وڌيڪ ٿڪجڻ جي بہ گنجائش باقي نہ رهي هئي!

هڪ puzzle هو جو حل ڪرڻو هو! هڪ بي ترتيبي هئي، جنهن کي ترتيب ڏيڻو هو. هڪ تصوير هئي، جيڪا مڪمل ڪرڻي هئي پر مدتن کان اها تصوير مون کان مڪمل نہ پئي ٿي سگهي! هر ڀيري اها تصوير ٺهندي ٺهندي ڊهي ٿي وئي! هر ڀيري، جڏهن بہ اها تصوير ٺهندي ٺهندي ڊهي ويندي هئي، تڏهن منهنجي تمنا، پوري ٿيندي ٿيندي حسرت بڻجي ويندي هئي. هر ڀيري جڏهن آئون ڪٿيندي ڪٿيندي هارائي ويندو هئس، تڏهن خود کي صبرِ ايوب جا قصا ٻڌائي ٻڌائي ماٺ ڪرائي ڇڏيندو هئس. حاصل کي نظر انداز ڪري هميشہ لاحاصل جي وڪالت ڪندو هئس. ها! اگر جڏهن اهي سيئي وسيلا ناڪام ٿي ويندا هئا تڏهن آئون پٽائي جي پر جهليندو هئس ۽ ’ڳولهيان ڳولهيان، مَ لهان_ شال مَ ملان هوت!‘ واري ڳالهہ کي ڳِنڍِ دل کي چوندو هئس، ’تصوير جي تمنا ئي اجائي آهي! ملڻ کان نہ ملڻ جي محبت وڌيڪ طاقتور ٿيندي آهي. وصال کان فراق وڏي شيءِ آهي! هئڻ نہ هئڻ جيڪري آهي! اظهار ڪچائي آهي، بينيازي ئي سڀ ڪجهہ آهي! لاحاصل ئي حقيقي حاج آهي!‘ ها! پنهنجي پاڻ سان جنگ دوران مون ڪيئي ڀيرا انهن دليلن ۽ دلاسن کي خود جي خلاف طاقتور هٿيارن طور استعمال ڪيو. پر ان ڏينهن، آئون خود کان بہ هارائي ويو هئس، جنهن ڏينهن خيال آيو ’اگر اظهار جي ڪا اوقات ئي ناهي تہ پوءِ هي ڪل ڪائنات ڇو آهي ۽ ڇا آهي!؟‘ انهي خيال ڪنگرا ئي ڪيرائي ڇڏيا تہ مدتن جي ماٺ کان پوءِ نيٺ الله بہ اظهار چاهيو! خدا بہ پنهنجي هستي جو ظهور چاهيو ۽ اڪيلائپ ۾ سارو جهان جوڙي وڌائين! خدا تہ هر شيءِ کان بينياز آهي! آئون تہ ڪجهہ بہ ناهيان! آئون تہ محتاج آهيان!!....... بس انهي کان پوءِ وري پوءِ ڳولها..........ڳولها..... ڳولها......!

# دريافت.........!

مون کي ٻيو ڪجهه بہ ياد ڪونهي، مون کي فقط اهو ياد آهي ۽ اهو مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ ان ڏينهن موت منهنجي تمام گهڻو ويجهو هئي! ان ڏينهن آئون فنا جي انتهائي قريب هئس. آئون زندگي جي ڇنيان ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پيو هئس سو موت مون کي اچي ڦهتي هئي! آئون زندگي کي ڳولهي ڳولهي صفا ٿڪجي پيو هئس، پر زندگي نہ ملي هئي! هي ان ڏينهن جي ڳالهہ آهي جنهن ڏينهن آئون خود کان بہ هارائي چڪو هئس! ان ڏينهن آئون موت جي منهن ۾ بلڪل ائين هئس جيئن شينهن جي وات ۾ گرهہ! مگر ان ئي ڏينهن، ان ئي لمحي، موت جي ڦهڪڻ کان ڪجهہ ئي پل پهرين، فنا ٿي وڃڻ کان ڪجهہ ئي گهڙيون اڳ ۾ آواز آيو هو "اوهان کي وڃائجي ويل زندگيءَ جي ڳولا آهي ۽ مون کي وڃائجي ويل وجود جي!"

انهي جملي شينهن جي وات مان گرهہ ڦري ورتو هو! انهي جملي مون کي مرڻ کان بچائي ورتو هو! اهو جملو ٻڏي موت گهڻو ڀنتي رهجي وئي هئي! فنا، جڻڪِ خود فنا ٿي پئي هئي! اهو ٻڌي مون کي ائين لڳو هو جڻ منهنجو پئدائشي روئڻ، هاڻي زندگي جي علامت بڻجي رهيو هو! مون ڪنڌ مٿي ڪڻي سامهون نهاريو هو!

ان نهار کان پهرين، مون کي خبر نہ هئي تہ هن ڪائنات کي سڀ کان پهرئين انسان جي پهرين پهرين نظر ڪيئن ڏٺو هوندو؟ چنڊ جي چاندوڪي، ستارن جي جهرمر ۽ سانوڻ جي رم جهم تي ڏسڻ واري جي پهرين نظر ڪيئن پئي هوندي؟! مون کي ان نهار کان پهرين ڪو پتو نہ هو تہ هن جهان ۾ عقل جي ڪُلندڙ پهرين اک، پهرين نظر ۾ ڪنوڻ جي تجلن، ماڪ جي قطرن ۽ گلاب جي پنکڙين ۾ ڪيتري پُراسراريت ڏٺي هوندي؟! پر ان هڪڙي نهار کان پوءِ مون اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ورتو! ڄاڻي ڇا ورتو بلڪِ مون کي ائين محسوس ٿيو جڻ آئون پاڻ ئي هن ڪائنات جو پهريون پهريون انسان هئس ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو هئم ۽ محسوس ڪيو هئم! سچ! ان پهرين نهار کان پوءِ ئي مون کي اهو اندازو ٿيو هو تہ هڪ عورت جڏهن پهريون ڀيرو ماءُ بڻبي آهي تہ پنهنجي جنم ڏنل ان پهرئين ٻار کي جنهن لمحي پهرين پهرين نظر ڏسندي آهي تہ ڇا محسوس ڪندي آهي؟! هڪ ڪوي، جڏهن پنهنجي پهرين پهرين ڪوتا کي پهرين پهرين نگاهہ ڏسندو آهي تہ ڪيس ڇا محسوس ٿيندو آهي!؟

مون ڪنڌ مٿي ڪڻي ڏانهنس نهاريو ۽ نهاريندو ئي رهجي ويس...... اها تصوير، جيڪا هر ڀيري ٺهندي ٺهندي ڊهي ويندي هئي، سا تصوير هن جي منهن ۾ مڪمل ٿيندي نظر ٿي آئي! اها تمنا، جيڪا هر ڀيري پوري ٿيندي ٿيندي حسرت بڻجي ويندي هئي، سا هن ڀيري پوري ٿيندي نظر ٿي

آئي!

”اوهان کي وڃائجي ويل زندگي جي ڳولها آهي ۽ مون کي وڃائجي ويل وجود جي!“ هن پڇيو. ”ٻڌايو تہ پاڻ ۾ فرق ڪهڙو آهي!؟“

دل تہ پهرين ئي نهار ۾ مٿس ايمان آڻي چڪيو هو پر آئون نانگن جو ڪاڏل هئس سو نوڙي کان بہ ڊڄندو هئس، اهوئي سبب هو جو دل بدران دماغ کان ڪم وٺڻ جي ڪيم ۽ هن جي پڇيل سوال جو دل بجاءِ دماغ سان ئي جواب ڳولهڻ لڳس.

”اوهان کي وڃائجي ويل زندگي جي ڳولها آهي ۽ مون کي وڃائجي ويل وجود جي!“ هن وري ورجايو ”ٻڌايو تہ پاڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي!؟“

مون ڪجھ ئي لمحن ۾ دل بدران دماغ سان ان سوال جو جواب ڳولهي ورتو ۽ ڪيس چيم. ”مون کي وڃائجي ويل زندگي جي ڳولها آهي ۽ توهان کي وڃائجي ويل وجود جي!“ سائنسي نوع ۾ جواب ڏيندي چيم. ”يعني پاڻ ۾ فرق اهو آهي جو مون کي ان جي ڳولها آهي، جيڪا منهنجي آهي! ۽ توهان کي ان جي تلاش آهي، جنهن جا توهان پاڻ آهيو!“ مون اهو چيو ۽ نہ چاهيندي بہ وري پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو!

خاموشي ڇانئجي وئي. ڪو آواز نہ رهيو سواءِ دل جي ڌڪ ڌڪ جي! منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ آهستي آهستي تيز ٿيندي ٿي وئي. ”مون کي وڃائجي ويل زندگي جي ڳولها آهي ۽ توهان کي وڃائجي ويل وجود جي!...... يعني پاڻ ۾ فرق اهو آهي جو مون کي ان جي ڳولها آهي، جيڪا منهنجي آهي! ۽ توهان کي ان جي تلاش آهي، جنهنجا توهان پاڻ آهيو!“ دماغ جو اهو جواب ٻڌي دل وراڻي، ”يعني، مون کي اوهان جي ڳولها آهي ۽ توهان کي منهنجي تلاش!“ آهستي آهستي تيز ٿيندڙ دل جي ڌڪ ڌڪ قيامت برپا ڪري ڇڏي!

منهنجي من ۾ ماندڻ متل هو. منهنجي اندر قيامت برپا هئي پر پوءِ بہ مان ماٺ ئي رهيس. مون ڪجھ نہ ڪيو. انهن ئي لمحن ۾ هن جي بہ حالت شايد ساڳي ئي هئي، شايد هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ بہ رفتہ رفتہ قيامت برپا ڪري ڇڏي هئي، شايد هن جي بہ تن من ۾ لوچ پوچ هئي! شايد هن جي اندر بہ ڪا آڳ لڳي پئي هئي، پر هوءَ مون جيان ماٺ رهي نہ سگهي! هن ڪافي دير منهنجي ڳالهائڻ جو انتظار ڪيو پر مون جڏهن ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍي تہ هن ئي اندر جي آڳ اوڳاڇي!، ”يعني، درحقيقت پاڻ کي هڪٻئي جي ئي ڳولها آهي!“ هن اهو چيو ۽ هلي وئي!

مون آهستگيءَ سان ڪنڌ مٿي ڪڻي نهاريو پر هوءَ وڃي چڪي هئي......

٭

هن سان پهرين ملاقات ئي اهڙي رهي هئي جو مون کي خبر هئي تہ اها پهرين ملاقات آخري نہ ٿيندي! دل کي اهو يقين هو تہ هوءَ ضرور موٽي ايندي! ۽ ٿيو بہ ائين. هوءَ مون وٽ موٽي آئي ۽ پوءِ

ايندي ئي رهي! هن جو سياءُ اهڙو هو جو تڪلف ۽ حجاب گهڻو دير اسان جي وچ ۾ رهي ئي نہ سگهيا! اسان تمام جلد ئي رلي ملي وياسين!

شروعاتي ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن ڳالهائيندي ڳالهائيندي هن وٽ لفظ ڪٽي ويا هوءَ ڪجهہ ڪجهہ نہ وراڻي سگهي تہ چيو مانس، ”هارائي وئين!....“

” مون ڪڏهن هارايو ناهي!“ هن مغرور انداز ۾ چيو.

”تہ پوءِ پڪ ڄاڻ تہ تو ڪڏهن کٽيو ئي ناهي!“ کيس چيم.

هوءَ وري چپ ٿي رهجي وئي. مون کيس لاجواب ڪري ڇڏيو. ڪجهہ دير کان پوءِ ان کان پهرين جو مان کيس وري اهو چوان ها تہ ’هارائي وئين!‘ هن ڳالهہ مٽائيندي پڇيو ” ڪندو ڇا آهين تون جوڳي صاحب؟“

”ڇا ڪندو آهيان مان!“ چيومانس، ”جوڳي آهيان!......... نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهندو آهيان!“

”ڏنگيو ناهين ڪڏهن؟“ هوءَ ڏاڍي شرارتي انداز ۾ وراڻي.

”ڏنگيو آهيان!“ اکيون اکين ۾ ملائي چيومانس، ”پر شڪر آهي جو مُئو ناهيان!“

”اڃان جيئرو آهين!؟“ هن چهرو چهري جي قريب تر آندو ۽ اکيون عقاب ڪري وراڻي، ”وڏو ڪو بي مرشد بي پيرو آهين!“

هن جون عقاب اکيون منهنجو من جهرڪي جيان جهٽي ويون! مون کان اهو لقاءُ برداشت نہ ٿيو. ڪنڌ ڌوڻي چيم، ”اڄ ئي مُئو آهيان!“

❋

هڪ پيري موت جي ڳالهہ هلي تہ هن چيو ” مون کي جيئڻ سيکار!“

”جيئڻ جي لاءِ مرڻ ضروري آهي!“ چيم، ” بلڪل ائين، جيئن کٽڻ جي لاءِ هارائڻ لازمي آهي!“ سندس ئي ڳالهہ ياد ڏياريندي کيس چيم، ” تو ڪڏهن هارايو ناهي، توکي کٽڻ ڪيئن ايندو؟!“ چيم، ” توکي مرڻ جي خبر ناهي، تون مرڻ نٿي ڄاڻين، سو تون جيئڻ ڪيئن سکي سگهندين!؟“

هن مسڪرايو ” تہ پوءِ مون کي هارائڻ سيکار!“ هن چيو ” مون کي مرڻ سيکار!“

”سکبي جيت آهي!“ چيم، ”هار سکي نہ ويندي آهي!“ مسڪرائي چيم، ”سکبو جيئڻ آهي!........ مرڻ ڪڏهن سکيو نہ ويندو آهي جناب!“

هن جو ڪنڌ جهڪي ويو! هوءَ هارائي وئي! هوءَ دير تائين پٿر ٿي رهجي وئي. مون سمجهيو مري وئي! مون اشهد جي آڱر سان سندس منهن مٿي ڪيو تہ جهڪيل نگاهن سان وراڻي، ”اڄ مان هارائي ويس!......... اڄ ئي مري ويس!“

ڪي گهڙيون سندس اهڙي حالت ڏسندو رهيس. مون کي مٿس رشڪ آيو. ڪجهہ ترسي کيس چيم، ” اهائي اصل ۾ تنهنجي جيت جي شروعات آهي پاڳل!.......... اهو ئي تنهنجي جيئڻ جو آغاز

آهي چري!“

❋

مون ٿها ڪتابن جا پڙهيا، مون گهڻو ئي غور وفڪر بہ ڪيو. مون شين جي فطرت کي پنهنجي زور تحت گهڻو ئي باريڪبيني سان ڏٺو. مون وس آهر گهڻو ئي مطالعو مشاهدو ڪيو مگر سچ اهو آهي تہ مان نيڪ طرح سان پنهنجي پاڻ کي بہ سمجهي نہ سگهيس. مون ڪائنات جي هر چيز کي انسان جي آئيني ۾ پسيو ۽ پرکيو. مون اهو اندازو لڳايو تہ هر شيءِ ماڻهوءَ تي ئي مبني آهي. سال جي چئن موسمن کي بہ مون انساني عمر جي چئن دورن ۾ ورهائي ڇڏيو. سياري کي پيدائش کان ٻالڪپڻي تائين، بهار کي نوجواني کان جواني تائين، اونهاري کي جواني کان پيريءَ تائين ۽ سرءُ کي وري پيريءَ کان پُڄاڻي تائين سمجهندو هئس. مون ڏينهن کي بہ ائين ئي انساني عمر ۾ ٽاڪي ڇڏيو. صبح کي ٻاراڻو ٻنپهرن کي جواني، شام کي پيري ۽ رات کي مات تي پانيم. ها، سو مون هر شيءِ کي ماڻهوءَ تي ئي مبني ٿي ڄاتو. مون پنهنجي پاڻ تي بہ گهڻو ئي مٿو کپايو. نيٺ مون مشڪل سان پنهنجي هڪ تشريح جوڙي. اها تشريح بہ ڦري سري ماڻهوءَ جي ئي محتاج ٿي. مون پنهنجي اها تشريح هڪ ڏينهن هن کي ٻڌائيندي چيو ”مان هر صبح جي پهر پيدا ٿيندو آهيان، هر ٻنپهرن جو جوان ٿيندو آهيان، هر شام جو پوڙهو ٿي ويندو آهيان ۽ مان هر رات جو مري ويندو آهيان!“

”ائين ناهي جوڳي!“ هن تسليم نہ ڪيو.

” تہ پوءِ ڪيئن آهي ؟!“ اچرج مان پڇيم.

هوءَ منهنجي اکين ۾ گهوريندي ڏاڍي طاقتور انداز ۾ وراڻي، ” تون هر صبح جو جمي برف ٿي ويندو آهين، هر ٻنپهرن جو ڳري پاڻي ٿي ويندو آهين ۽ هر رات جو ٻري شعلو ٿي ويندو آهين جوڳي!“

هن جي انهي ڳالهہ تي مون کي عجب لڳو هن جي ڳالهہ ڏاڍي ڳري لڳي! هن ٽن فقرن ۾ منهنجي تشريح مڪمل ڪري ڇڏي. آئون ننهن کان چوٽي تائين انهن ٽن فقرن ۾ ويڙهجي سهيڙجي ويس. آئون اهو ٻڌي عدم ۾ هليو ويس، مڪمل سڪون ۽ اطمينان ۾! هن مون کي ڇڪڪِ توري ماپي ڇڏيو. شبنم جي انهن ٽن فقرن کي مون ويجهي توڙي پري ٻنهي نظرن سان ڏٺو. سچ پچ! تہ مون انهن مقدس لمحن ۾ زندگي جو تاريخي تجربو ڪيو. مون جڏهن هن جي ڪيل وضاحت ۾ خود کي ويجهي کان ڏٺو تہ اهي ٽي مختصر فقرا ڦهلجي ڪائنات ٿي ويا! ۽ جڏهن پري کان ڏٺو تہ اهي ئي ڪائنات ٻڌجي پيل ٽي فقرا مختصر ٿيندا ٿيندا ٽي اکر ٻڌجي پيا! اهي ٽي اکر ملي هڪ لفظ ٻڌجي پيو’عشق‘. آئون سراپا عشق ٻڌجي پيس!

............مون کي پوءِ پتو پيو تہ هن مون کي سراپا عشق ئي ڄاتو هو سو جڏهن منهنجي تشريح جي ڳالهہ آئي تہ هن صاف صاف حضرت عشق جي ئي تشريح ڪري ڇڏي!

٭

ان ڏينهن، جنهن ڏينهن اسان ٻنهي ڪي اها تصديق ٿي تہ اسان ٻہ نہ بلڪِ هڪ ئي آهيون؛ ان ڏينهن، جنهن ڏينهن ٻيائي ڪي ٻَن اچي ويو ۽ هر طرف هيڪڙائي جو هُل مچي ويو؛ ان ڏينهن، جنهن ڏينهن اسان ’الف‘ ڪان ’ي‘ تائين هڪ ٻئي ۾ حل ٿي وياسين ۽ ڪثرت وحدت ۾ وڃائجي وئي، ها! ان ئي ڏينهن، هُن منهنجي عشق جي اڳيان لکي ڇڏيو ’حاصل_لا حاصل!‘ ۽ ان ئي ڏينهن منهنجو عشق ٻڌجي پيو ’عشقِ حاصل_لا حاصل‘

ان ڏينهن مون جڏهن پنهنجي عشق جي اڳيان ’حاصل_لا حاصل‘ پڙهيو تہ پڇري پيس. ’حاصل_ لا حاصل‘ جي وچ وارو ’لا‘ منهنجي وجود ۾ پالوٽي لهي ويو! ڪجهہ ئي گهڙيون پهرين اسان ٻنهي کي جيڪا، اسان ٻہ نہ بلڪِ هڪ ئي آهيون واري تصديق ٿي هئي، انهي ’لا‘، ان تصديق جي تڪميل ڪي خطري ۾ وجهي ڇڏيو! ڪجهہ ئي لمحا پهرين، جنهن ٻيائي ڪي ٻَن اچي ويو هو ۽ هر طرف هيڪڙائي جو هُل مچي ويو هو، منهنجي ڪنن ۾ تنهن ٻيائي جا افواهہ ٻيهر ٻُرڻ لڳي ويا! ها، ڪجهہ ئي پل اڳ، جڏهن اسان ’الف‘ ڪان ’ي‘ تائين هڪٻئي ۾ حل ٿي ويا هئاسين، ۽ ڪثرت وحدت ۾ وڃائجي وئي هئي، هاڻي انهي ئي وحدت ۾ مون کي وري ڪثرت جا آثار نروار ٿيندي نظر اچڻ لڳا!

مون تڙپي پڇري نيٺ جڏهن هن ڪان انهي ’لا‘ جو مطلب پڇيو تہ هن فقط هڪ ئي لفظ وراڻيو، ”زمانو!“

زماني مان مراد اها dustbin ،جنهن ۾ ريتون رسمون، ذاتيون پاتيون ۽ رنگ نسل وغيره وغيره گند ڪچري جيان پيل هوندا آهن!

مون جڏهن هن واتان لفظ ’زمانو‘ ٻڌو تہ، تڏهن مون کي منهنجو مومن عشق، ڪافر زماني هٿان شهيد ٿيندي نظر آيو!............ مون کي پنهنجي عشقِ حاصل _ لا حاصل جي وچ ۾ اهو ’لا‘ خنجر جيان ڪتل نظر آيو...... مون کي وقت کان اڳي ئي منهنجي عشق جي اڳڪٿي ائين لڳي جيئن، منهنجو مومن عشق، هڪ ڏينهن ڪافر زماني جي هٿان شهيد ٿي ويندو پر ها! ان درد سان گڏ گڏ هڪ سڪون اهو سوچي بہ ٿي رهيو هو تہ، جيئن تہ شهيد ڪڏهن مرندو ناهي! اهو مري بہ زنده ئي رهندو آهي، سو تيئن مون کي بہ اهو يقين هو تہ، منهنجو شهيد عشق بہ ڪڏهن مري نہ سگهندو! اهو مري بہ زنده ئي رهندو!..

ها! آئون انهي ’لا‘ کي ڪڏهن ليکيان ئي نہ ها، مون کي زماني جي ڪا بہ پرواهہ نہ هئي! ها، مون کي زماني جي ڪا بہ پرواهہ نہ هئي پر مون کي هن جو فڪر بلڪل هو! ڳالهہ اگر زماني عزت جي هجي ها تہ پوءِ تہ ڪا ڳالهہ ئي نہ هئي پر ڳالهہ هن جي ذلت جي هئي! ان جو مطلب اهو هرگز نہ آهي تہ مون زماني جي عزت رکي، پر مون درحقيقت هن جي ذلت نہ سَٺي! مون کي هن جي رسوائي جي

رسڪ روڪي ڇڏيو! سو آئون رڪجي ويس! هن جڏهن زماني جي انتهائي ڀيانڪ تشريح ڪئي تہ آئون ڏاڍو ڇرڪي پيس، مون جڏهن هن واتان زماني جي ڀيانڪ تشريح ٻڌي تہ ڏاڍو محتاط ٿي پيس، ايتريقدر جو مون ان ئي ڏينهن ساڻس اهو بہ طئہ ڪري ڇڏيو تہ هاڻي پاڻ ڏينهن جو نہ بلڪِ رات جو ئي ملنداسين! ڇو تہ ڏينهن زمانو آهي! رات زمانو ناهي! ڏينهن اگهاڙو آهي، رات اگهاڙي ناهي! رات پردو آهي! پوءِ اسان ان کان پوءِ ڪڏهن ڏينهن جو نہ ملياسين! اسان جڏهن بہ ملياسين تڏهن رات جو ئي ملياسين!

ءِ ها،....... مون جڏهن هن جو ڀرم رکيو هن جي لڄ رکي، مون جڏهن نهائين کان نينهن سکيو ءِ ٻاهر ٻاڦ نہ ڪڍي، مون جڏهن عشق جي راهہ ۾ چپ چاپ شهيد ٿيڻ قبول ڪيو تہ حضرت عشق بہ مون ڪي هڪ عجب انعام سان نوازي ڇڏيو. پوءِ هن داستان ۾ هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو جو عشقِ حاصل _ لا حاصل جي وچ واري انهي ’لا‘ جي معنيٰ ازخود بدلجي وئي! اهو ’لا‘ جيڪو ’زمانو‘ هو سو منهنجي قرباني سان محبت جو معراج بڻجي پيو! ان ئي ڏينهن عشق حاصل _لا حاصل هميشہ جي لاءِ هٿا اڳهين گڏ ۾ بدلجي ويو. بس پوءِ اهڙي طرح هڪ پيرو وري هميشہ هميشہ جي لاءِ ٻيائي ڪي ٻَن اڇي ويو ءِ هر طرف هيڪڙائي جو هُل مچي ويو! ڪثرت، وحدت ۾ وڃائجي وئي ءِ عشق، حاصل توڙي لا حاصل هڪ ئي ڳالهہ ٿي پيو!

# تڪميل

نالو هئس شبنم! اهو نالو مٽس مون ئي رکيو هو. رکيو ڇا هو بس ٻڌايو هو! مون کيس ڇتائي ڏنو هو. هن جي انگ انگ تي لکيل هو شبنم! مون ته رڳو پڙهيو هو ۽ کيس پڙهي ٻڌايو هوم ته تون شبنم آهين! مون واتان اهو ٻڌي هن به ائين ئي ردِ عمل ڪيو هو. جيئن کيس اصلي حقيقت جي خبر ئي هاڻي پئي هئي! هن کي ائين لڳو هو جڻ کيس شناخت ئي اڄ ملي هئي! هيل تائين ته کيس جڻ غلط نالي سان ئي سڏيو ويو هو. هن کي ائين لڳو هو جيئن سندس ڇتي ئي اڄ ٿي هئي! هوءَ آئينو ته روز ڏسندي هئي پر جنهن ڏينهن مون کيس شبنم چيو هو ان ڏينهن پهريون ڀيرو هن آئيني کي ائين ڏٺو هو جڻ هن پهرين ڪڏهن آئينو ته ڏٺو ئي ڪونه هو! ان ڏينهن هن درحقيقت آئينو نه ڏٺو هو. بلڪِ ان ڏينهن، آئينو ڏسندي ڏسندي هوءَ خود آئينو ٿي پئي هئي! ان ڏينهن اگر هوءَ آئيني کي اڳ جيان ڏسي ها ته پڪي پور ڪري ڇڏي ها پر ان ڏينهن آئينو کيس اڳ جيان نظر ئي نه آيو هو! ان ڏينهن هوءَ خود آئينو بڻجي خود کي ڏسندي رهي هئي. ان ڏينهن آئينو آئينو نه رهيو هو. ان ڏينهن آئينو منهنجيون اکيون ٿي پيو هو! ۽ هوءَ منهنجي اکين سان پنهنجو پاڻ کي ڪافي دير تائين ڏسندي رهي هئي! دير تائين هوءَ پنهنجو انگ انگ، پنهنجي ادا ادا گهوريندي رهي هئي! ان ڏينهن هن پهريون ڀيرو پنهنجو پاڻ کي بيحد حسين ڏٺو هو. هوءَ خود تي خود ئي عاشق ٿي پئي هئي! ان ڏينهن هوءَ پاڻ ئي طالب، پاڻ ئي مطلوب ٿي پئي هئي! پاڻ ئي عاشق، پاڻ ئي محبوب! هوءَ پنهنجي جلوه گري، منهنجي ديوانگيءَ سان جانچي رهي هئي! هوءَ پنهنجو انگ انگ، ادا ادا ڇتائي رهي هئي. انگ انگ، ادا ادا تي لکيل هو 'شبنم'! منهنجو آواز مسلسل سندس دل و دماغ ۾ گونجندو رهيو هو " تون شبنم آهين!"....... "تون شبنم آهين!"

اهو نالو جيڪو ان ڏينهن هميشه جي لاءِ غلط ٿي پيو هو. اهو نالو جيڪو غلطي سان مٽس رکجي ويو هو. سو نالو هو شبانه! مون شبانه کي شبنم ڪري ڇڏيو هو. شبانه ۽ شبنم ۾ تمام ٿورو ئي فرق هو. پر مون جڏهن کيس شبنم چيو ته کيس ائين لڳو جيئن مون ڪنهن بي ترتيبي کي ترتيب ڏئي ڇڏيو! جڻ منجهيل سُٽ سلجهائجي ويو! شبانه ۽ شبنم ۾ هڪ لمحي جو مفاصلو هو. پر مون جڏهن اهو لمحو گذاري ڇڏيو ته هن کي جڻ اها جنت ملي وئي جنهن جي لاءِ هوءَ انهي هڪ ئي لمحي جي فاصلي تي ان ڏينهن تائين جهنم ۾ جلندي رهي هئي! ها! شبانه ۽ شبنم ۾ هڪ وار جيتري وِٿي هئي، پر سچ ته مون جڏهن کيس شبنم چيو تڏهن هن ائين ڀانيو جڻ هوءَ صدين جو سفر طئه ڪري وئي! بظاهر ته اها وار جيتري وٿي هئي، پر درحقيقت انهي ۾ صديون سمايل هيون! مون اها صدين تي محيط، وار جيتري وٿي ائين ڪڍي ڇڏي، جيئن مکڻ مان وار!

” تنهنجو نالو تمام پيارو آهي!......... شبنم!!“ هڪ ڀيري ڪيس چيم.

”ها!“ ڪجهه ترسي هن چيو ”منهنجو هڪ نالو ٻيو به آهي!“

اهو ٻڌم ته ڇرڪي پيس! منهنجي من ۾ عجب آنڌ مانڌ ٿي پئي! ڪي لمحا ته ڪجهه ڳالهائي نه سگهيس، پر پوءِ آهستگي سان پڇيم، ”ڪهڙو!؟“

”رابيل!“ شبنم چيو.

خبر ناهي ڇو اهو ٻڌي مان پرزا پرزا ٿيڻ لڳس، ڳرڻ لڳس، برف جيان ويس رجندو...... ميڻ جيان ويس پگهرندو! ائين لڳو ڄڻ شديد حادثو ٿيو هو. هڪ پيچ ڏاهه ٿي پئي هئي منهنجي اندر!

”ڇا ٿيو جوڳي!؟“ شبنم منهنجي حالت ڏسي پڇيو.

منهن ٻئي طرف ڪري چيم، ”ڪجهه نه شبنم!“

”نه!“ شبنم چيو ”ڪجهه ته ٿيو آهي!“

ڪجهه دير تائين مان ماٺ ٿي رهجي ويو هئس. هن ڪافي ڊونڊاڙيو ۽ بار بار پڇيو پر مان پٽر ٿي پيس. ڪجهه نه ڪيم. هوءَ جڏهن پڇي پڇي ٿڪجي پئي ۽ چپ ٿي ويهي رهي ته ڪجهه ترسي ڪيس چيم، ”هڪ ڳالهه چوان شبنم!؟“

”ها!“ هن چيو ”چئو!“

”خبر اٿئي شرڪ سڀ کان وڏو گناهه ڇو آهي؟“ پڇيم.

هوءَ چپ ٿي رهي، شايد هن ماجرا سمجهڻ پئي چاهي.

”ٻڌايانءِ؟“ چيم.

شبنم اکيون کڻي مون ڏي نهاريو. مون ڏٺو شبنم جون اکيون نه هيون، سوال هئا!

”ٻيائي خدا کي به گوارا ڪانهي شبنم!........ ڇو ته هو پنهنجي بندي کي بيپناهه چاهي ٿو!“ چيم، ” اهو ته خدا کي به قبول ڪونهي ته هو جنهن کي بيپناهه چاهي، سو وري ڪنهن ٻئي کي چاهي!“ ڪيس چيم، ”مان ته انسان آهيان شبنم!“

شبنم ڏاڍي هوشيار هئي! مون کي سندس ذهانت تي رشڪ ايندو هو. هن منهنجي اها ڳالهه ٻڌي ۽ سڀ ڪجهه سمجهي وئي! هوءَ سمجهي وئي ته مان ڇو زرد ٿي پيو هئس! هن پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪيو ۽ شرارتي انداز ۾ چيائين، ” منهنجو هڪ ٽيون نالو به آهي جوڳي!“

بس، هن جي انهي ڳالهه مون کي مدار ۾ آڻي ڇڏيو! مان هوش ۾ اچي ويس. منهنجي چهري تان زرد رنگ اڏامي ويو. منهنجي منهن تي مرڪون ڦهلجي ويون. شبنم وري ورجايو ”منهنجو هڪ ٽيون نالو به آهي جوڳي!“ هن چيو ”خبر اٿئي ڪهڙو؟“

”نرگس!“ مسڪرائي چيم.

اهو ٻڌي شبنم کان ٽهڪ نڪري ويو. مون کيس چيو ”تنهنجو هڪ چوٿون نالو به آهي!“ مون ٿي

چيو ”چنبيلي!“

شبنم ڪلندي ئي رهي، مان چوندو ئي رهيس، ”تنهنجو هڪ پنجون نالو بہ آهي! ............. موتيو!“چيم، ”تنهنجو هڪ ڇهون نالو بہ آهي!.......... گلاب!“ ڪيس چيم، ”تنهنجو هڪ ستون نالو بہ آهي!................ شراب!“ ڪجهہ ترسي چيومانس، ”اهي سڀ تنهجا نالا آهن! ......... تنهنجا انيڪ نالا آهن شبنم!“

” ۽ مون ڪي اهي سڀ نالا تو ڏنا آهن جوڳي!“ شبنم چيو.

”مون ڏنا ناهن!“ چيم، ”مون فقط ٻڌايا آهن توکي!“

شبنم جي هر سوال جو جواب هئم، سو هوءَ ماٺ ٿي وئي. ها! مگر مان ماٺ نہ ٿيس، مان ڳالهائيندو رهيس، ” هي سڄي ڪائنات تنهنجي وجود جي وکريل صورت آهي شبنم!“ چيم، ”ڪائنات جي ذري ذري ۾ تنهنجو حسن پنهان آهي! ڪائنات جا سمورا نظارا تنهنجا عضوا ۽ ادائون آهن!.... هر چيز ۾ تنهنجي جلوي جي جادوگري آهي شبنم!“ شبنم جون اکيون بند ٿي ويون هيون. هن جو ڪنڌ منهنجي گوڏي تي هو. مان مسلسل ڳالهائي ئي رهيو هئس، ”راتيون، تنهنجا وار آهن! ڏينهن، تنهنجو چهرو آهن! اکيون، صبحون ۽ شامون آهن! ادائون، بادل ۽ بجليون آهن! ڌرتي، تنهنجو بدن آهي! ساوڪ، تنهنجو لباس آهي! آسمان تنهنجو آنچل آهي!“ چيم، ”ماڻهو تہ الائي ڇا ڏسندا آهن، پر آئون هر طرف توکي ئي ڏسندو آهيان! هي ڪائنات مون کي تنهنجو ئي وسيع روپ نظر ايندي آهي، هر شيءِ ۾ مان، تنهنجي ئي ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جو اولڙو ڏسندو آهيان شبنم!........“

۽ پوءِ ڪافي دير تائين مان خبر ناهي تہ ڇا ڇا چوندو رهيو هئس !......... ۽ پرهہ ڦٽي وئي هئي!........

*

”تون ڪڏهن ڪڏهن تہ صفا مدهوش ٿي ويندو آهين جوڳي!“ هن چيو.

”ڪڏهن ڪڏهن تہ مدهوش ٿي ئي وڃڻ گهرجي شبنم!“ چيم، ”درياهہ جي ڪناري تي ويهي درياهہ جو سير ڪرڻ سٺي ڳالهہ آهي، پر مان ان ڳالهہ جو قائل آهيان تہ جڏهن لهرون آواز ڏين تہ پوءِ دير نہ ڪرڻ گهرجي!“ ڪيس چيم، ”مڃان ٿو تہ ٻڏڻ وارا بچندا ناهن، پر هميشہ جي لاءِ اهي بہ هتي نہ رهندا آهن جيڪي ڪناري تي ويٺا رهندا آهن شبنم!“ مان چوندو ئي رهيس، ”ڪو مرڻ بہ سجايو ٿيندو آهي تہ ڪو جيئڻ بہ اجايو ٿيندو آهي!............ سُڪي مرڻ کان پوءِ بہ ٻڏي مرڻ بهتر آهي شبنم!“ سندس عميق اکين ۾ هڪ گهرو غوطو هڻندي چيم، ”جڏهن حسن جي آڏان اڇي تڏهن عشق جو سجدو ڪري ئي ڇڏڻ گهرجي!.......... ها! سو ڪڏهن ڪڏهن تہ مدهوش ٿي ئي وڃڻ گهرجي پاڳل!“

*

هر شيءِ ارتقا جي عمل مان گذرندي آهي، سواءِ عشق جي! هر شيءِ ننڍي تي پوءِ وڏي ٿيندي آهي، پر عشق نہ ننڍو ٿيندو آهي نہ وڏو! عشق جھڙو هوندو آهي تهڙو ئي رهندو آهي! عشق constant آهي! عشق ازل کان اڳ ۾ بہ عشق هو ۽ عشق ابد کان پوءِ بہ عشق ئي رهندو! شيون پيدا ٿينديون آهن پر منهنجي دل چوي ٿي عشق پيدا نہ ٿيندو آهي، عشق عيان ٿيندو آهي! ها، عشق پيدا نہ ٿيندو آهي، عشق تہ بس ظاهر ٿيندو آهي! انسان، پهرين ٻار ٿيندو آهي، پوءِ جوان ٿيندو آهي، ۽ پوءِ وري پوڙهو بہ ٿيندو آهي، پر عشق نہ ٻا ر ٿيندو آهي، نہ جوان ٿيندو آهي ۽ نہ ئي پوڙهو! اهو عام طور تي اگر چيو ويندو آهي تہ عشق هميشہ جوان رهندو آهي تہ ان جو مطلب بہ درحقيقت اهو ئي آهي تہ عشق هميشہ هڪ جهڙو ئي رهندو آهي، عشق سدائين تازو توانو ئي رهندو آهي، عشق ڪڏهن ضعيف نہ ٿيندو آهي، عشق ڪڏهن آڻ نہ مڃيندو آهي!...........

عشق، لمحي لمحي جي سچائي آهي، عشق ذري ذري جي حقيقت آهي! ڪائنات جي هر چيز ۾ عشق پنهان آهي! ڪا بہ شيءِ، ڪا بہ گهڙي انهي عشق کان خالي ڪانهي! هر شيءِ، هر گهڙي ۾ عشق موجود آهي. انسان تي جڏهن اهو عشق عيان ٿيندو آهي تڏهن هوءَ ان کي پنهنجي نفسيات، پنهنجي فطرت جي مطابق سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي! مون تي جڏهن اهو عشق عيان ٿيو تہ مون بہ ڪيس پنهنجي نفسيات، پنهنجي فطرت تحت سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي! پنهنجي نفسيات، پنهنجي فطرت تحت آئون پهرين اهو سمجهندو هئس تہ عشق پهريون بہ ٿيندو آهي، عشق ٻيو بہ ٿيندو آهي، عشق ٽيون بہ ٿيندو آهي، عشق چوٿون بہ ٿيندو آهي! پر پوءِ مون اهو ڄاتو تہ عشق نہ پهريون ٿيندو آهي، نہ ٻيو ٿيندو آهي، نہ ٽيون ۽ نہ چوٿون، عشق بس عشق ٿيندو آهي، پهريون، ٻيون، ٽيون توڙي چوٿون انسان پاڻ ٿيندو آهي! ساڳي ئي نموني آئون پهرين سمجهندو هئس تہ عشق ٻار بہ ٿيندو آهي عشق جوان بہ ٿيندو آهي پر پوءِ ڄاتم تہ عشق نہ ٻار ٿيندو آهي نہ جوان! ٻار، جوان توڙي پوڙهو انسان پاڻ ئي ٿيندو آهي، عشق بس عشق ئي هوندو آهي ۽ عشق هميشہ عشق ئي رهندو آهي!

..........تڏهن، جڏهن عشق ۾ آئون اڃان ٻار ئي هئس، هڪ رات هوءَ آئي ۽ ورائي، "سوري! sorry"

منهنجو منهن لٿل هو سو اهو لٿل ئي رهيو! ان وقت منهنجي حالت اهڙي هئي جو منهنجي لاءِ رڳو هڪ لفظ sorry ڪافي نہ هو! شبنم کي منهنجي ڪيفيت جو اندازو ٿيو تہ هوءَ منهنجي قريب آئي ۽ منهنجي سامهون ويهي ڏاڍي ڳنڀير لهجي ۾ ورائي، " سوري جوڳي!" هن چيو "بہ گهڙيون دير ٿي وئي اڄ!"

مان صفا ختم هئس، عشق ۾ عليل هئس، شبنم ڏي ڏٺم، هوءَ مون ڏي ڏسي نہ سگهي. هن کان بہ وڌيڪ ڳنڀير لهجي ۾ کيس چيم، "شبنم! اهي بہ گهڙيون ئي گڏجي گڏجي بہ ڏينهن، بہ هفتا، بہ سال ۽ بہ صديون بڻجي پونديون آهن!" چيو مانس، "مان انهن ٻن گهڙين کان ڏاڍو ڊڄان ٿو شبنم!"

اها رات ته جيئن تيئن ڪري گذري ويئي پر گهڻين راتين کان پوءِ اها ساڳي ئي رات هڪ ڀيرو وري موٽي آئي! پر هاڻي منهنجو عشق ٻار نه رهيو هو! انهي وچ واري عرصي دوران عشق ۾ آئون وڏي ويجهي جوان ٿي ويو هئس، آئون هاڻي پڇي راس ٿي پيو هئس. هاڻي منهنجي ڪيفيت ٻاراڻي نه رهي هئي. هڪ عرصي کان پوءِ اها ساڳي ئي رات جڏهن واپس موٽي آئي، ۽ ساڳئي ئي نموني شبنم کي اچڻ ۾ ٻه گهڙيون دير ٿي وئي ته هوءَ ساڳئي ئي نموني آئي ۽ وراڻي، "sorry!"

پر جيئن ته منهنجو منهن اڳي جيان لٿل نه هو منهنجي حالت پهرين جيان اجڙيل نه هئي، هاڻي آئون گهڻو بدليل هئس. ان وچ ۾ آئون گهڻو سڌري ويو هئس. ايتريقدر جو هاڻي جڏهن شبنم sorry چيو ته جواب ۾ رڳو 'ڪا ڳالهه ناهي.' چوڻ به ڪا ڳالهه نه سمجهيم. مون کي ماٺ ڏسي هن ٻيهر sorryورجايو ته چيم، "ڪا ڳالهه ناهي!.........سوري ڇا جي شبنم!"

"ٻه گهڙيون دير ٿي وئي اڄ!" هن چيو.

"ٻه گهڙيون، ٻه ڏينهن، ٻه هفتا، ٻه مهينا، ٻه سال توڙي ٻه صديون به رهي سگهان ٿو هاڻي شبنم!" چيومانس.

"سڪ نه لڳندئي!؟"

"اها ٻاراڻي ڳالهه آهي!" چيم.

"جوڳي!" هن کي تعجب ٿيو "انتظار، اوجاڳا، يادون، سوچون......"

"اهي سڀ هاڻي مون کي ٻاراڻيون ڳالهيون ٿيون لڳن شبنم!" چيم، "منهنجي سڀ کان وڏي حاصلات تنهنجي دريافت آهي! يعنيٰ تون آهين!........ تون ڪٿي به سهي، مگر هن دنيا ۾ ڪٿي آهين ته سهي!....... بس هاڻي تنهنجي انهي هجڻ جو احساس ئي منهنجي جيئڻ جي لاءِ ڪافي آهي شبنم!" ڪيس چيم، " شبنم! هاڻي حقيقت هيءُ آهي ته مان تنهنجي فراق توڙي وصال کان به بينياز آهيان! سچ اهو آهي ته هڪ حوالي سان هاڻي تنهنجي دوري مون کي اڳ جيان تڙپائيندي ئي ناهي!.... ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته ڪو محبت گهٽجي وئي آهي! بلڪِ ان جو سبب اهو آهي جو محبت ايتريقدر وڏي وئي آهي جو هاڻي دوري جو احساس ئي ختم ٿي ويو آهي!" سندس ڄاڙي کي پنهنجي هٿ سان مٿي ڪيم ۽ اکيون سندس اکين ۾ کپائي چيم، "شبنم! توسان رڳو محبت اٿم! صرف ۽ صرف محبت! ڪا شڪوه شڪايت نه اٿم! ڪا آرزو ڪا تمنا نه اٿم!"ڪجهه ترسي چيم، " شبنم! محبت هڪ فن آهي! ۽ جنهن کي به ان فن تي عبور حاصل ٿي ويندو آهي تنهن کي پنهنجي محبوب جي هر چيز سان، ان جي وجود سان وابسته هر جذبي، هر احساس سان محبت ٿي ويندي آهي!"چيم، " شبنم! مون کي تنهنجي دوري سان به محبت آهي! تنهنجي انتظارن، تنهنجي اوجاڳن، تنهنجي يادن، تنهنجي سوچن سان تنهنجي هر شيءِ سان، تنهنجي وجود سان وابسته هر جذبي، هر احساس سان مون کي محبت آهي شبنم! صرف ۽ صرف محبت!" شبنم جي

ڇهري ڏي ڇتائيندي چيم، ”شبنم! مون کي الئہ ڇو ائين ٿو لڳي جو عشق بہ هڪ ذات آهي! عشق بہ هڪ ڏانءُ آهي! سو جنهن کي بہ اها ذات ۽ ڏانءُ عطا هوندي آهي تنهن وٽ صرف ۽ صرف محبت باقي رهندي آهي! ان وٽ سواءِ محبت جي ڪنهن ٻي شيءِ جي گنجائش ئي نہ هوندي آهي سچ!“

مان ڪي گهڙيون ماٺ ٿي رهجي ويس. مون چاهيو تہ شبنم ڪجهہ ڳالهائي مگر هوءَ ٽڪ ٻڌي مون کي ڏسندي ئي رهي ۽ منهنجيون ڳالهيون ٻڌندي ئي رهي. مون وري ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”مان محبت ۾ ان بلندي تي آهيان جتي ميلاپ توڙي جدائي کي ڪا بہ معنيٰ ڪانهي. مون کان تنهنجي دوري ۾ تڙپڻ، تنهنجي ياد ۾ لڇڻ، تنهنجي تمنا ۾ ڳرڻ جهرڻ گهٽو پٽتي رهجي ويو آهي! جتي آئون آهيان، اتي فقط محبت ئي محبت آهي شبنم!....... اتي بس تون ئي تون آهين!“ ڪيس چيم، ”آئون عشق جي عدم ۾ آهيان! عدم، جتي سڀ ڪجهہ برابر ٿيندو آهي! جتي ويجهي ۽ پري وارو تماشو نہ آهي! ملڻ ۽ ڇڄڻ جي مذاق نہ آهي! ها عدم! جتي رڳو سڪون ۽ اطمينان آهي! جتي بس آرام ئي آرام آهي شبنم! آئون عشق جي عدم ۾ آهيان!“ اصل ڳالهہ تي ايندي چيم، ”شبنم! تڏهن مان ٻار هئس جڏهن تون اگر بہ گهڙيون دير سان ملندي هئين، تہ اهي بہ گهڙيون بہ بہ صديون لڳنديون هيون!“ چيم، ”هاڻي مان ٻار نہ آهيان! هاڻي مان وڏو ٿي ويو آهيان!...... هاڻي منهنجو عشق جوان ٿي ويو آهي شبنم!“

شبنم اهو ٻڌي مرڪي پئي!

*

” مون خود کي تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو آهي شبنم!“چيم، ”مان تنهنجي سپرد آهيان!“ڳنڀير لهجي ۾ چيم، ”مون کي ڪڏهن وکرڻ نہ ڏجان.... مون کي سنڀالي وٺجان!“ زبان سان نہ، اهو ٻڌي شبنم اکين سان وراڻي، ”مان توکي ڪڏهن وکرڻ نہ ڏينديس!....... مان توکي سنڀالي وٺنديس جوڳي!“

هن رڳو اهو چيو ئي ڪونہ، پر هن اهو ڪري بہ ڏيکاريو. ۽ ڪري بہ اهڙو ڏيکاريو جو هڪ ڏينهن کيس بي ساختہ چيم، ”هاڻي مون کي پنهنجو ڪو بہ فڪر ڪونهي!“ چيم، ”آئون خود کان بي فڪر ٿي ويو آهيان! ........ مان هوا کان بہ هلڪو ٿي ويو آهيان شبنم!“

آئون دل جي هر معاملي ۾ انتها پسند هوندو هئس، پر هن منهنجي من ۾ نينهن جا نير وجهي ڇڏيا! هن پيار جو پارو ڪڏهن بہ هيٺ مٿي ٿيڻ نہ ڏنو. هن مون کي ڪڏهن بہ پنهنجي مدار کان ٽٽڻ نہ ڏنو. هن هميشہ مون کي پنهنجي دائري ۾ ئي رکيو. هوءَ مون کي وکرڻ کان پهرين سنڀالي وٺندي هئي! مون کي ياد آهي، هڪ ڏينهن خبر ناهي ڪهڙي ڳالهہ تان مان جڏهن حد کان وڌيڪ اداس ٿيڻ لڳو هئس، تڏهن هوءَ منهنجي قريب آئي ۽ منهنجو نڪ پڪڙي زور سان ڏوٽي چوڻ لڳي، ”تنهنجي مٿي ۾ مجنون پرجي ويو آهي مسٽر!“

شبنم جي انهي شرارتي انداز تي منهنجي اداسي اڏامي وئي هئي ۽ مون کان زور دار ٺهڪ نڪري ويو هو. پنهنجو پاڻ ڇڏائي چيو هومانس، ”مجنون کي مجال ناهي ميڊم!“

” هل ڙي هل!“ هن چيو ”مجنون کي مذاق ٿو سمجهين!“

شبنم جڏهن مجنون جو پاسو ورتو ته مون کي ان ئه ڇو مجنون مرحوم تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. مون ڪجھ دير چپ رهي شبنم کي چيو ”خبر اٿئي، هڪ ڀيري مون ليلا مجنون خواب ۾ ڏٺا!“ ڪيس چيم، ”ويھ ته ٻڌايانءِ “

هوءَ ويهي رهي، ”ڇگهو ٻڌاءِ پلا ڇا ڏٺئي؟!“ هن پڇيو.

”مون ڏٺو ته ليلا مجنون کي پئي چيو ’ مون سان پيار ڪر!‘“ ڪجھ ترسي چيم، ” ان تي مجنون چيو ’ ڪندو ته آهيان!‘“

”پوءِ ڇا ٿيو جوڳي؟“ شبنم ڏاڍي چاھ سان ٻڌڻ لڳي.

”پوءِ وري ڇا!“ شبنم کي چيم، ”ليلا چيو ’ مون سان ائين پيار نه ڪر مجنون!‘“ چيم، ”ليلا مجنون سان ڪاوڙجي پئي!“

شبنم انتهائي غور سان ٻڌڻ لڳي، چيم، ” ليلا جي ڪاوڙجڻ تي مجنون ويچارو پريشان ٿي پيو. پريشان ٿيندي مجنون ويچاري ليلا کان پڇيو ’ ته پوءِ پلا ڪيئن ڪريان پيار توسان!؟‘“ شبنم جو تجسس وڌائڻ خاطر ڪجھ ترسي چيم، ” خبر اٿئي پوءِ ليلا ڇا چيو مجنون کي!؟“

” ڇا چيو؟!“ شبنم ڏاڍي اشتياق منجهان پڇيو.

”چري! پوءِ ليلا پنهنجي مجنون کي چيو“ شبنم جي ڪن ۾ هٿ وجهندي چيم، ”مون سان ائين پيار ڪر، جيئن جوڳي شبنم سان پيار ڪندو آهي!“

شبنم ذري گهٽ پاڳل ٿي وئي!

* * *

”او منهنجا راڻا!“ هڪ ڀيري هن چيو.

” او منهنجي مومل!“ چيم.

”او منهنجا چام!“ هن چيو.

”او منهنجي نوري!“

” ميهار!“

” سهڻي!“

شبنم مون ڏي ڏسي مسڪرايو. شبنم شرمائجي ويئي. دير تائين نه هن ڪجھ ڳالهايو ۽ نه مون! خاموشي ڇانئجي وئي! فولادي ديوار جهڙي خاموشي ۾ ڏار وجهندي ڪنهن پل شبنم چيو ”پنهنجو پيار انهن سيني کان وڌيڪ طاقتور آهي جوڳي!“

آئون ماٺ رهيس، ڪجھ نہ پڇيم، ڪجھ نہ ڪڇيم. منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي شبنم وري ڪنهن پل وراڻي، ” جوڳي! زمانو پنهنجي پيار جا مثال ڏيندو!“ هن چيو. ”پاڻ هزارين سالن تائين بہ زماني کي ياد رهنداسين جوڳي!“

”پاڻ هزارين سالن کان پهرين بہ هئاسين ۽ هزارين سالن کان پوءِ بہ رهنداسين!“ شبنم کي چيم.

”جوڳي! اگر ڀٽائي هجي ها تہ پنهنجو داستان ضرور ڳائي ها!“ شبنم چيو. ”مان شاهہ جي پهرين سورمي هجان ها جوڳي!“

مون کي شبنم جي انهي ڳالهہ تي عجب پيار آيو! آئون بي اختيار ٽي پيس، مٿو سندس مٿي تي ٽيڪيندي چيم، ”شبنم! ڀٽائي پاڻ کي اڄ کان گهڻو اڳ ڳائي هليو ويو آهي!“ چيومانس، ”چري! پاڻ سيّد جي هر سُر ۾ سمايل آهيون!“

”..........“ شبنم ڪجھ نہ ڳالهايو.

شبنم جو جهڪيل ڪنڌ مٿي ڪيم، سندس چهرو پنهنجي هٿن ۾ ڪري، اکيون سندس اکين ۾ کپائي چڱيم ۽ چيم، ” خدا، تنهنجا ست ٽڪرا ڪري شاهہ جون ست سورميون بڻائي ڇڏيون ۽ وري پوءِ شاهہ جون اهي ست ئي سورميون ملائي توکي بڻائي ڇڏيو شبنم!“

# پٽائي، قلم ۽ تون!

........... هڪ رات هن ڏاڍي جهيڻي آواز ۾ چيو ”ان رات ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ننڊ اچي وئي جوڳي!“

ڪيس چيم، ” ڳالهيون، سمهاري ڇڏينديون آهن!“ ڪجهه ترسي چيم، ”.... ڳالهيون، جاڳائي ڇڏنديون آهن!“

ڪا رات اهڙي نه آئي، جنهن اسان کي هارايو. ڪا رات اهڙي نه آئي، جنهن اسان تي پنهنجي هلائي! هر رات کي اسان ئي هارايو. هر رات تي اسان پنهنجي ئي هلائي! راتيون ته اسان جون غلام رهيون، محڪوم رهيون! راتين تي اسان پنهنجي بادشاهي جمائي، اسان راتين تي راڄ ڪيو! ننڊ ڇا ٿيندي آهي؟ اسان وٽ ته ان سوال جواب ئي پنهنجو هو. اسان وٽ ته ننڊ جي وضاحت ئي الڳ هئي، يا ائين ڪٿي ڇئجي ته اسان وٽ ته ننڊ ئي پنهنجي جدا هئي! اسان ته ڪا هڪڙي رات به ائين نه ستا سين جيئن جهان سمهندو آهي! اڪثر ته ائين ئي ٿيندو هو جو ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪنهن پل اکيون پورجي وينديون هيون ۽ اسين آرامي ٿي ويندا هئاسين..... ۽ آرامي به اهڙي طرح ٿي ويندا هئاسين، جهڙي طرح معصوم ٻار پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ آرامي ٿي ويندو آهي! جهڙي طرح معصوم پکي پنهنجي آکيرن ۾ آرامي ٿي ويندا آهن! ها! جهڙي طرح ڪو شهيد پنهنجي قبر ۾ آرامي ٿي ويندو آهي! اڪثر ڳالهين جي ئي ڳهر ۾ اسان جون اکيون پورجي، اهڙي سڪون جي ننڊ سمهي پونديون هيون، جو لاشعوري طور ته دل جي اها تمنا هوندي هئي ته اهي اهڙي ريت پوريل اکيون ته شال قيامت جي ڏينهن به نه پٽجن! اهائي اها ننڊ هئي شايد، جنهن جي باري ۾ پٽائي چيو هو ’سي سُتا ئي سونهن، ننڊ عبادت جن جي!‘ عجب خمار هو انهي ننڊ ۾! حقيقت هيءَ آهي ته ماءُ جي لوليءَ کان پوءِ، هيءَ ئي اها ٻولي هئي، جنهن جي مڌرتا، بکيو پيٽ به ڀري ڇڏيندي هئي! ۽ اسان بنا ڪائڻ پيئڻ جي به سمهي رهندا هئاسين. ......... ها! اڪثر ته اسان کي اهي ڳالهيون، اهي بي ترتيب ڳالهيون ئي سمهاري ڇڏينديون هيون، پر ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو اهي ئي بي ترتيب ڳالهيون اسان کي جاڳائي به ڇڏينديون هيون. ڪنهن ڪنهن رات ته ننڊ ايندي ئي نه هئي! گهڻو ئي اسان اکيون پوريندا هئا سون پر اکيون نه پوربيون هيون. اکيون هرويرو پٽجي وينديون هيون. بس پوءِ ائين رات گذري ويندي هئي پر اکيون آڙ نه مچينديون هيون! اکين جي ارڏائي جي آڏو چئن پهرن واري رات چار لمحا ٿي گذري ويندي هئي! بس پوءِ رڳو اسان لوڪ لڄا کان اسُر ويل اکيون ڇنيي اٿندا هئاسين! زمانو اسان کي پاڻ سان گڏ اٿندي ڏسندو هو ته ڪو پتو ئي نه پوندو هئس! اسان جا رازدار، اسان جا گواهه ته رڳو چنڊ ۽ ستارا هئا!

اهڙين ئي راتين مان هڪ رات اڪين اسان جي آڻ نہ مڃي! گهڻو ئي پوريون سين پر نہ پوريون، پنجي ويون. شبنم ان رات جي پوئين پهر ۾ پڇيو هو "جوڳي! ننڊ تہ ڪونہ اٿئي!؟"

"نہ تہ!"

"ڪٿي تون منهنجي ڪري تہ ڪونہ ٿو جاڳين!؟" هن پڪ ڪندي پڇيو.

مان مرڪي پيو هئس. هن جي چاٽي واٽي جي اڻچاٽائي تي ڏاڍو پيار آيو هئم. مون سندس پيشاني تي پنهنجا چپ رکيا هئا ۽ گهڻي دير تائين ماٺ ڇائنجي وئي هئي!

هڪ ڊگهي ماٺ کان پوءِ چيو هوم، "هڪ ڳالهہ چوان شبنم!؟"

"چئو جوڳي!"

" تن جاين تي مان، مان نہ رهندو آهيان شبنم!" هوءَ متوجہ ٿي تہ ڏاڍي طاقتور ۽ ڳوري لهجي ۾ چيو هوم، " هڪ پڻائي وٽ، پيو قلم وٽ ۽ ٽيون........... تو وٽ!!"

اهو ٻڌي شبنم مرڪي پئي هئي. چنڊ لهي ويو هو. مان وضاحت ڪرڻ لڳي ويو هئس، " مان بيخود ٿي پوندو آهيان، مان مدهوش ٿي پوندو آهيان، مان پنهنجي ڪل ۾ نہ رهندو آهيان: آئون پنهنجي پاڻ مان نڪري ويندو آهيان شبنم!" مان وجد ۾ هئس، "شبنم! آئون جڏهن اوهان ٽنهي وٽ ايندو آهيان تہ ائين لڳندو اٿم، جيئن منهنجي سامهون ڪو سمنڊ آهي جو موجون ٿو ماري! مون کي ٿو پُڪاري! لهرون آهن جي مون تي للڪار ٿيون ڪن! منهنجي غيرت تي يلغار ٿيون ڪن!......... ڪا گهرائي آهي جا غوطو ٿي گهري! ڪو پاتال آهي جو پيشاني ٿو گهري! ڪا سربُلندي آهي، جا سجدو ٿي گهري!" مان بيخودي جي آخري گهرائي تي پهتل هئس، ڪجهہ ترسي پيو هئس ۽ پوءِ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو هوم، "......شبنم! سچ اهو ئي آهي تہ پوءِ آئون سمنڊ کان سر بچائي نہ سگهندو آهيان! پوءِ مان موجن کان منهن موڙي نہ سگهندو آهيان! پوءِ مان پاتال کي پاڻ ارپي ڇڏيندو آهيان! لهرن کي لبيڪ چئي ڇڏيندو آهيان! مان سربُلندي جي آڏو سر بہ_سجود ٿي گهرائي ۾ غرق ٿي ويندو آهيان!........ ها شبنم! اوهان ٽنهي وٽ مان، مان نہ رهندو آهيان!"

هوءَ بلڪل خاموش هئي، رات جي پوئين پهر وانگر ئي خاموش! هن جون پنڙ ايل اکيون، منهنجي پنڙ ايل اکين ۾ ئي کُتل هيون. منهنجا چپ چُري رهيا هئا. باقي آئون سمورو ساڪن هئس، سڄي ماحول ۾ منهنجي چپن کان سواءِ ٻي ڪا بہ چيز حرڪت ۾ نہ هئي! اسان لاءِ تہ ڄڻ وقت بہ هڪ هنڌ ٻيهجي ويو هو!..... ها! منهنجا چپ چُري رهيا هئا، مگر سچ پچ تہ مان نہ ڳالهائي رهيو هئس، خبر ناهي تہ ڪير هو جو منهنجا چپ چوري رهيو هو! خبر ناهي تہ ڪير هو جو ڳالهائي رهيو هو ۽ مسلسل ڳالهائيندو ٿي ويو! جيڪي ڳالهيون هلي رهيون، مون تہ ڪڏهن اهي ڳالهيون سوچيون بہ نہ هيون! اهي ڳالهيون تہ منهنجي ذهن ۾ ئي نہ هيون! چپ، خود بہ خود چرندا ٿي ويا، ڳالهيون خود بہ خود ٿينديون ٿي ويون! "شبنم! مان جڏهن اوهان ٽنهي وٽ هوندو آهيان، تہ ائين لڳندو آهي جو ڪو آڙاهہ

آهي جو ابراهيمؑ جذبو ٿو گهري! ڪو حسن آهي جو عشق ٿو گهري!“ چپ ازخود ڇُري رهيا هئا. ”شبنم! پوءِ مان جڏهن آڙاهه ڏسندو آهيان تہ ڪُڏي ڪاهي پوندو آهيان! آئون جڏهن حسن ڏسندو آهيان تہ سراپا عشق ٿي پوندو آهيان!“ منهنجا چپ مسلسل ڇُري رهيا هئا. ”شبنم! يقين ڄاڻ تہ مان جڏهن اوهان تنهي وٽ هوندو آهيان تہ ائين لڳندو اٿم. ڄڻ آئون راءِ ڏياچ آهيان. ڄڻ منهنجي سامهون ڪو ٻيجل آهي جو سُرندو ٿو وڄائي!........ مون کي ائين لڳندو آهي جيئن ڪو راڳ آهي جو روڳ ٿو گهري! ڪا تند آهي جا ڪنڌ ٿي گهري! ڪو سُر آهي جوسِر ٿو گهري!“ چپ بيخودي وچان چوندا ئي رهيا. ”شبنم! پوءِ مان راڳ کي روڳ ڏئي ڇڏيندو آهيان! تند تي ڪنڌ رکي ڇڏيندو آهيان! سُر تان سِر کي گهوري گهمائي ڇڏيندو آهيان!........ شبنم! مان راءِ ڏياچ جي تاريخ ورجائيندو آهيان!“

چپن کي الاءِ تہ ڪهڙي آڳ لڳي! جو چُپ ئي نہ ٿي ٿيا. ” مان جڏهن ڀتائيءَ تي ويندو آهيان تہ پوءِ يا تہ منهن مونن ۾ وجهي ويهي رهندو آهيان. يا تہ وري اڪيون تنبوري جي تارن ۾ اٽڪائي ڇڏيندو آهيان! تنبوري جو آواز ۽ ڀٽائي جو راڳ گڏجي مون کي خود کان آزاد ڪري ڇڏيندا آهن! مان. مان نہ رهندو آهيان! منهنجي اندر ۽ ٻاهر. منهنجي هستي ۾ هڪ رقص شروع ٿي ويندو آهي! هر شيءِ مدهوش ٿي محوِ رقص ٿي جهومي پوندي آهي! وجود جي ويڙهہ وارو کيل ئي ختم ٿي ويندو آهي! الوهيت جو سمنڊ سيڪجهہ لوڙهي ٻوڙي ڇڏيندو آهي! مان لانگوٽي جي لال جي گودڙي جا گلاب سنگهندو آهيان ۽ الوپ ٿي ويندو آهيان!.....“

ڪجهہ لمحن جي خاموشي جي لهر آئي ۽ وري هلي وئي. چپ وري ڇُرڻ لڳا. ”شبنم! مان جڏهن قلم ڪڻندو آهيان تڏهن بہ پاتال ۾ پيهي ويندو آهيان! هي قلم منهنجو ڀرم آهي! هي قلم منهنجو تقدس آهي! هي قلم منهنجو امر وجود آهي! هي قلم منهنجي ’مان‘ آهي! مان جڏهن هن قلم کي ڪڻندو آهيان تڏهن بہ پنهنجي پاڻ مان نڪري پوندو آهيان! مان پنهنجي پاڻ مان نڪري هن قلم ۾ پئجي ويندو آهيان!.......... شبنم! مان. مان نہ رهندو آهيان. مان مس ٿي هن قلم ۾ ڀرجي ويندو آهيان! مان لفظ لفظ ٿي لکجي ويندو آهيان!“ ها! چپ پاڙمرادو ڇُرندا ئي رهيا. لفظ گونجندا ئي رهيا. ”.......... ۽ شبنم! تو کي تہ مون پنهنجو پاڻ ارپي ڇڏيو آهي! مان جڏهن تو سان ملندو آهيان تڏهن بہ مان مان نہ رهندو آهيان! مان تو وٽ پهچي. ’تون‘ ٿي ويندو آهيان!“ مان تہ مڪمل ساڪن هئس! منهنجو ذهن دماغ بہ خاموش هو! مان ڪجهہ بہ سوچي سمجهي نہ رهيو هئس. بس چپ هئا جيڪي ڇُري رهيا هئا. ”ڀٽائي. قلم ۽ شبنم. منهنجي عدم جو رستو آهن! عدم. جتي سڪون آهي. اطمينان آهي! عدم. جنهن جو تصور ئي آزادي آهي! آئون جڏهن زماني جي ذلتن کان تنگ ٿي پوندو آهيان. آئون جڏهن خود کان بہ بيزار ٿي پوندو آهيان. ها! آئون جڏهن جيئڻ بدران مرڻ چاهيندو آهيان تہ ٽن طرفن جو رُخ ڪندو آهيان......... ڀٽائيءَ جي ڀر جهليندو آهيان. پيِن جو پاسو وٺندو آهيان. يا تہ وري

تنهنجي در تي اچي دستڪ ڏيندو آهيان شبنم!“

بس ائين ئي چپ بي ساختہ چرندا رهيا ۽ ڳالهيون هلنديون رهيون. بنا سوچيل، بنا سمجهيل ڳالهيون! رات جو پوين پهر هارائڻ لڳو تارا ۽ ڪتيون هارائڻ لڳا. الله جا نيڪ ٻانها عبادت لاءِ اٿڻ وارا ٿيا. پرهہ ڦٽڻ لڳي، پکي پُکڻ ٻولڻ وارا ٿيا تہ پوءِ اسان بہ لوڪ لڄا کان رڳو اکيون ڇنڀي اٿي پياسين!

ان رات کان پوءِ جيڪا رات آئي تنهن رات مان ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ سگهيس. شبنم ڪيئي ڀيرا چيو "ڪجهہ ڳالهائي جوڳي!" هوءِ ائين چوندي چوندي الوپ ٿي وئي، هن جون اکيون پورجي ويون ڪيس ننڊ اچي وئي پر مان ڪوشش جي باوجود بہ ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهيس. مان شبنم جي ڇهري ۾ چتائيندو رهجي ويس. ٻي رات هن پڇيو "تون آهين ڪيئن جوڳي!؟“

"آئون ائين ئي آهيان شبنم!" چيم.

هن چيو "ڳالهائيندو آهين تہ چپ نہ ڪندو آهين، ۽ چپ ڪندو آهين تہ ڳالهائيندو ئي نہ آهين!“

اهو ٻڌي مان مرڪي پيس، ڪيس گهوريندي چيم، "ڪڏهن ڪڏهن مان گهڻو پنتي رهجي ويندو آهيان ۽ لفظ گهڻو اڳتي نڪري ويندا آهن! ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري لفظ گهڻو پنتي رهجي ويندا آهن ۽ آئون گهڻو اڳتي نڪري ويندو آهيان" ڪجهہ ترسي چيم، "شبنم! جڏهن لفظ گهڻو اڳتي نڪري ويندا آهن تڏهن مان چپ رهي نہ سگهندو آهيان ۽ جڏهن مان گهڻو اڳتي نڪري ويندو آهيان تڏهن ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهندو آهيان!!“

# بيخودي، بره ۽ بارشون!

”مون کي بارشن کان ڏاڍو ڊپ لڳندو آهي جوڳي!“ بارشن جي موسم ۾ ملي ته چيائين.
”هاڻي توکي وري بارشن کان ڊپ نه لڳندو شبنم!“ ڪيس چيم.
”برساتون ڏاڍيون ڪنيون ٿينديون آهن جوڳي!“ هن چيو.
”تون هاڻي ڪڏهن ائين نه چوندين شبنم!“ چيم.
”مون کي بارشن ۾ عجب الجهن ٿيندي آهي!“ هن چيو. ”منهنجو ساهه منجهندو آهي بارشن ۾ جوڳي!“
”هاڻي ائين نه ٿيندو چري!“ چيم. ” هاڻي برساتن ۾ عجب لطف ايندو شبنم!“

آسمان ۾ گهرا گهرا بادل هئا. بادلن ۾ جرڪ ته شبنم جي لهجي جي گهرائي پرجندي ٿي وئي. شبنم اکيون کڻي مٿي نهاريو. هوءَ دير تائين بادلن کي تڪيندي رهي. تڪيندي تڪيندي بادل شبنم جي اکين ۾ پرجي آيا! شبنم گهٽائن جهڙا گهرا نيڻ کڻي مون ڏي نهاريو ۽ پوءِ اکيون جهڪائي ڇڏيون.

مون شبنم جي اکين ڪجڻ جو گهٽو ئي انتظار ڪيو پر دير تائين جڏهن شبنم جو منهن مٿي نه ٿيو ته چيم. ”بارشن کان مون کي به ڊپ لڳندو آهي شبنم!“ چيم. ”برساتون مون کي به ڏاڍيون ڪنيون لڳنديون آهن. مون کي به عجيب الجهن ٿيندي آهي! سانوڻ ۾ منهنجو به ساهه منجهڻ لڳندو آهي!“ چيم. ”پر شبنم! هاڻي ائين نه ٿيندو!“

”جوڳي! جڏهن به بادل پرجڻ لڳندا آهن. مان خود کان ڳري ٿيڻ لڳندي آهيان!“ شبنم ڪنڌ مٿي ڪري ڳالهائڻ لڳي. ”جوڳي! مون کي سانوڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي آهي الائه ڇو!؟“

هن چيو ”مان دري ڪولي جڏهن برسات کي ڏسندي آهيان ته باهه ٿي پوندي آهيان! وڏ ڦڙو مون کي آتش فشان لڳندو آهي جوڳي!“ هوءَ چوندي رهي. ”مان جڏهن وڏ ڦڙو وسندي ڏسندي آهيان ته پٿر ٿي پوندي آهيان. منهنجون اکيون قاتل ئي رهجي وينديون آهن! منهنجي اندر وجود ۾ عجيب پيچداهه شروع ٿي ويندي آهي! مان خود سان وڙهي پوندي آهيان! مان ڪمري جي دري تي ويٺي ويٺي پنهنجيون چوڙيون پيچي ڇڏيندي آهيان جوڳي!“ شبنم چيو. ”خبر ناهي ڇو جوڳي! مان جڏهن ڌرتي کي ڌوپجندي ڏسندي آهيان ته ڌوڙ ٿي ويندي آهيان! مون کي ائين لڳندو آهي جيئن منظرن جي سموري مٽي، منهنجي مٿي ۾ اچي پوندي آهي! منهنجا هار سينگار ڦٽي ويندا آهن! منهنجا وار اٽيا ٿي الجهي پوندا آهن جوڳي!“ شبنم چيو ”جوڳي! الائه ڇو برساتن ۾ جڏهن ڌرتي ڪنوار جهڙي ٿي پوندي آهي، تڏهن مان بيواهه.........!!“ منهنجو هٿ شبنم جي وات تي اچي ويو. هوءَ چپ ٿي وئي!

آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇائنبا ٿي ويا. ماحول آگم جي زد ۾ هو. اسين ٻئي دير تائين چپ

رهجي وياسين. سانوڻ سانباها ٿي ڪيا. مون پنهنجا چپ چوريا، چيم، ”شبنم!.... پاڻ ٻيئي هڪجهڙا آهيون!“

شبنم ڪجهه نه ڳالهايو. آگم، هڪ ٻاهر هو ۽ هڪ اندر! اسين ٻيئي ٻري رهيا هئاسين! اسين ٻيئي جلي رهيا هئاسين! ”شبنم! جڏهن به اتر پار کان ڪارا ڪڪر ڪٽندا آهن، تڏهن منهنجي حالت به تو وانگر ئي ٿي ويندي آهي! آئون به تو وانگر ئي خود سان وڙهي پوندو آهيان شبنم!“ چيم، ”شبنم! جڏهن به وڏ ڦڙو وسندو آهي تڏهن ڦڙو ڦڙو ڪنڊا بڻجي منهنجي جسم ۾ چُڀڻ لڳندو آهي!....... پوءِ مان زخمي ٿي پوندو آهيان! رتو رت ٿي پوندو آهيان!“ چيم، ”شبنم! جڏهن ڪارا گهرا ڪڪر گجڻ لڳندا آهن، تڏهن ائين لڳندو اٿم، ڄڻ ڪارن ڪارن ڪڪرن جي انهي ڪاري پردي پنيان ڪا قيامت برپا آهي! ڄڻ انهي ڪاري پردي جي پنيان ڪا انتهائي فيصلہ ڪن جنگ هلي رهي آهي! ڄڻ ويڙهه پنهنجي عروج تي آهي شبنم!“ ...... ”شبنم! منهنجي دل ان وقت ائين چوندي آهي ته مان هڪ دم اهو پردو چيري ڦاڙي چٽ ڪري ڇڏيان! اکيچنپ ۾ اهو کيل ختم ڪري ڇڏيان!“ ڪن ترسي چيم، ”شبنم! پلر جي پالوٽ تي پڇري پوندو آهيان! وسڪارو ٻرندي تي تيل ٿي وسندو آهي شبنم!“ چيم، ”...... پر هاڻي ائين نه ٿيندو!........ جواني جا ڪيئي سانوڻ قيامت جيئن گذاريا اٿم! پر هاڻي ائين نه ٿيندو شبنم!“

اسين ٻئي پڇري رهيا هئاسين. لڇي تڙپي رهيا هئاسين! جيئن جيئن بادل پربا ٿي ويا تيئن تيئن گهڙيون ناقابلِ برداشت ٿينديون ٿي ويون! ٻاهر جي موسم ۽ اسان جي اندر جي موسم يڪسان هئي! منظرن ۽ اسان جي وجودن تي ڄڻڪِ صدين جي ڏوڙ ڇانيل هئي، جا ڏوپجڻ جي لاءِ آتي هئي! زمين جي ذري ذري وانگر اسان جي وجود جو وار وار به پياسو هو. مون اکيون کڻي شبنم ڏي نهاريو. هوءَ اڳ ۾ ئي مون ڏي نهاري رهي هئي! شبنم ڄڻڪِ منهنجي اندر جي ئي عڪاسي ٿي ڪئي!

”هڪ ڳالهه چوان شبنم!؟“ چيم.

”چئو!“ هن چيو.

”پاڻ ۾ هڪڙي شيءِ ته صفا ساڳي ئي آهي شبنم!“چيم.

”ڪهڙي!؟“ شبنم پڇيو.

مون سندس اکين ۾ نهاريو ۽ ڪجهه دير ڪجهه ئي نه ڳالهايو. هن وري پڇيو. ”ڪهڙي شيءِ جوڳي؟!“

اکين سان سندس اکين ۾ لهندي چيم، ”اُڃ!“

شبنم جو مون واتان اها وراڻي ٻڌي ته اجان به وڌيڪ اجائجي وئي! چيم، ” پاڻ ٻنهي ۾ اڃ ساڳي ئي آهي!...... بيپناه اڃ!....... ڪڏهن نه اجهامي سگهندڙ اڃ!!......... رُڃ جهڙي اُڃ شبنم!!!“

هن منهنجي انهن لفظن مان ڀرپور تاثير ورتي ۽ پوءِ مخمور لهجي ۾ وراڻي، ”ها جوڳي!“ هن

چٽڪ رُڄ مان رڙ ڪئي!

”پاڻ عشق ۾ انتها پسند آهيون شبنم!“ چيم.

” ها!........ آهيون!“ هن اقرار ڪيو.

مون هڪ اونهو گهرو ساهه کنيو ۽ پوءِ وراڻيو ”شال! اها اڄ سدا سلامت رهي شبنم!“

اهو ٻڌي شبنم چيو ” اها اڄ ته پاڻ کي ماري ڇڏيندي جوڳي!“

”اها اڄ ته پنهنجي زندگي آهي شبنم!“ چيم، ” اها اڄ پاڻ کي مرڻ نه ڏيندي شبنم!“ هوءَ عجب اچرج وارين نگاهن سان مون کي ڏسندي ئي رهجي وئي، مون چيو ” دل ۾ دوزخ ڪڏهن پربا ناهن شبنم!“ کيس چيم، ”اها اڄ ڪڏهن نه اجهامندي شبنم!........ اها اڄ اجهائڻ سان ويتر وڌندي!“

”جوڳي!......“ شبنم ڏاڍي ڀوري لهجي ۾ وراڻيو ”....... پوءِ!؟“

چيم، ”اهو ڪم جيڪو ڪڏهن پورو نه ٿئي، سو اڌورو ئي رهڻ ڏجي! ان جي اڌوري رهڻ ۾ ئي ڀلائي هوندي آهي!“ چيو مانس، ” اهو ڪم، جيڪو پوري ڪرڻ سان ويتر وڌي وڃي، سو ڪم اڌورو ئي پورو هوندو آهي شبنم!“

....... پيمانو لبريز ٿي چڪو هو! پيمانو هاڻي پلٽڻ تي هو! زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آگم کي جيتري به آڳ لڳائڻي هئي سا هو لڳائي چڪو هو. منهنجي ۽ شبنم جي وچ ۾ بيتابي کي جيتري به باهه ڀڙڪائڻي هئي سا هو ڀڙڪائي چڪي هئي! منهنجي ۽ شبنم جي حالت بلڪل زمين ۽ آسمان جهڙي هئي. زمين ۽ آسمان جڏهن تڙپي تڙپي ڇيهه ڪري چڪا ته اوچتو ئي اوچتو تيز تيز هوا شروع ٿي وئي. تيز!....... تمام تيز!....... جهڪ شروع ٿي وئي! هوا، ڏکڻ جي به ٿيندي آهي! هوا، اتر جي به ٿيندي آهي! پر اهڙي مدهوش هوا ڪا ٻي نه ٿيندي آهي! ڏکڻ جون لُڪون ۽ جهولا جهتي ڇڏيندا آهن، اتر جي لُهري به صفا ساڙي ستي ڇڏيندي آهي، پر برسات جي آمد کان پهرين واري جهڪ جهڙي بيخود هوا ڪا ٻي نه ٿيندي آهي! ڏاڍي اجهل ۽ انتها پسند ٿيندي آهي هي هوا!

....... هر طرف مٽي ئي مٽي اڏامڻ لڳي! چئني طرف مٽي ئي مٽي محوِ رقص هئي! زمين جو ذرو ذرو لرزان هو! زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ سواءِ بيخودي جي ٻيو ڪجهه به نه هو! زمين کان آسمان تائين ان وچ ۾ مدهوشي جو هڪ سمنڊ هو جو موجون ماري رهيو هو! تيز هوا ۾ هر پاسي فقط هڪ ئي صدا گونجي رهي هئي، ”مي رقصم! مي رقصم!!“ ائين ٿي لڳو ڄڻ قلندر جي ڌمال هئي، جنهن زمين کي آسمان سان ٿي ملايو! سچل جي سرمستي هئي، جنهن تيز تلوارن ۾ طوفان ٻڌجي ٿي جهوميو! پٽائي جو راڳ هو جنهن فضا ۾ سُر سارنگ ٿي ڇيڙيو! ائين ٿي لڳو ڄڻ بابا بلهي شاهه جي روپ ۾ زمين ڪڃري ٻڌجي يار ٿي پرچايو! ها! شبنم به انهي رنگ ۾ رنگجي وئي هئي! هن به هر طرف گونجندڙ هڪ ئي صدا ”مي رقصم! مي رقصم!!“ کي لبيڪ چيو هو! هوءَ به محوِ رقص ٿي پئي هئي! هوءَ به بيخود ٿي پئي هئي، جهومي پئي هئي. شبنم پنهنجو پاڻ انهي تيز هوا کي ارپي ڇڏيو هو! ۽ پوءِ اها

تيز طوفاني هوا، شبنم ڪي جهٽڪِ مشرق کان مغرب تائين اڏائي اڏائي نيٺ رولي ڳولهي مون سان اچي ملائي ڇڏيو هوا! انهي هوا منهنجي امانت مون کي ڏني هئي! انهي هوا شبنم کي، بيخود ۽ مدهوش شبنم کي منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو هوا..... هاڻي هيئنئن هو جو آسمان جي ٻانهن ۾ زمين هئي ۽ منهنجي ٻانهن ۾ شبنم!

”هاڻي پاڻ کي سانوڻ نه ستائيندو شبنم!“ چيم، ”هاڻي پاڻ بارشن کان نه ڏڄنداسين!“

شبنم جون اکيون بند هيون پر هوءَ ننڊ ۾ نه هئي! هوءَ جاڳي رهي هئي. هن جو وار وار جاڳي رهيو هوا! هوءَ منهنجيون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، سمجهي رهي هئي، پر هوءَ چپ هئي. هن ڪجهه ڳالهائڻ ٿه چاهيو پئي، پر هوءَ چاهيندي به ڪجهه ڪچي نه پئي سگهي! هن جا چپ ايترا ته ڀاري ٿي پيا هئا جو هوءَ ڪوشش جي باوجود به چوري نه سگهي! هن ڪجهه نه ڳالهايو، هوءَ بس ماٺ ٿي رهي! شبنم جون اکيون بند هيون، هن پنهنجيون اهي بند اکيون به کولڻ ٿي چاهيون مگر هن جا ڇپر ايترا ته ڳرا ٿي ويا هئا جو هوءَ گهڻي همت کان پوءِ به مٿي کڻي نه سگهي! هن جون اکيون بند ٿي رهيون! هوءَ بند اکين سان جاڳي رهي هئي!

” خبر اٿئي هيستائين پاڻ بارشن کان ڇو ڏڄندا رهياسين شبنم!“ چيم.

شبنم خاموش ٿي رهي، هن ڪجهه نه ڳالهايو. مون ٿي وراڻيو ”پاڻ تنها تنها هئاسين تنهنڪري!“ چيم، ”بارشون تنها وجودن کي ڏنگينديون آهن شبنم!“........ ”بارشون محفلن جون متقاضي ٿينديون آهن، بارشون تنهائي جون مخالف ٿينديون آهن! بارشون تنهائيون برداشت نه ڪنديون آهن، انڪري ئي، بارشون تنها وجودن جي لاءِ ويل بڻجي وينديون آهن شبنم!..... هر تنها وجود کي بارشن کان ڏاڍي وحشت ٿيندي آهي، اهي بارشن کان ڏڍو ڏڄندا آهن!“

”خبر اٿئي، هيستائين سانوڻ پاڻ کي ڇو ستائيندو رهيو شبنم!؟“ بس ائين ئي پڇيم.

خبر هئم ته شبنم نه ڳالهائي سگهندي. هوءَ چاهيندي به پنهنجا چپ چوري نه سگهندي، مان پاڻ ئي ڳالهائيندو رهيس، ”ان ڪري جو پاڻ الگ الگ هئاسين!..... ان ڪري جو پاڻ اڌورا اڌورا هئاسين شبنم!“ هوءَ صفا ساڪن ٿي رهجي وئي هئي. چيم، ”شبنم! سانوڻ هر اڌوري وجود کي ستائيندو آهي! هر اڌوري وجود لاءِ سانوڻ اعذاب بڻجي پوندو آهي!“

انهن گهڙين ۾ سچ پچ ائين لڳي رهيو هو جيئن عشق پنهنجي عروج تي هوا! جيئن محبت پنهنجي معراج تي هئي! ها! ائين لڳي رهيو هو جڻ آسمان پيرن ۾ هوا! وصال جا عجيب لمحا هئا اهي! وجود، وجود سان رقصان هوا! جسم، جسم سان هم ڪلام هوا! انگ انگ، انگ انگ تي مسجود هوا! هڪ خمار هوا! هڪ وجد هوا! هڪ شيءِ ٻي شيءِ ۾ ضم ٿي چڪي هئي! اسان ٻيئي پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي پيا هئاسين! اسان جڏهن ٻن مان هڪ ٿي پياسين ته ائين لڳو جيئن ٻيائي کي ٻن اچي ويو ۽ هر طرف هيڪڙائي جو هُل مچي ويو هوا! ڪثرت وحدت ۾ وچائجي وحدت ٿي پئي هئي!!

هوا تيز........ اجان بہ وڌيڪ تيز ٿيندي ٿي وئي! انهي هوا سان گڏ اها اُڃ بہ وڌيڪ...... اجان بہ وڌيڪ ٿيندي ٿي وئي!...... اُڃ!......اُڃ!!....... بس اُڃ!!!

”خبر اٿئي سانوڻ ڇا آهي شبنم!؟“ سراپا اڃ بڻجي پيل شبنم کان پڇيم. پر شنبم جو اکيون بند هيون. هن جا چپ چُپ هئا. هوءَ ڪجھ نہ ڳُجي!

”سانوڻ ميلاپ جو نالو آهي شبنم!“ شبنم کي ماٺ ڏسي مون ئي وراڻيو ”سانوڻ زمين ۽ آسمان جي ميلاپ جو نالو آهي!“چيم. ”سانوڻ سان ئي زمين زرخيز ٿي پوندي آهي!........ آسمان جڏهن ڌرتي تي بيخود ٿي وسندو آهي، تہ ڌرتي اميد سان ٿي پوندي آهي! مٽيءَ پوءِ ماءُ بڻجي پوندي آهي شبنم!“ اسان تي عجب خمار هئا. اسان کي هوش هو بہ ۽ نہ بہ! منهنجا چپ چرندا رهيا. ”سانوڻ عشق آهي شبنم! محبت جو مظهر آهي مينهن!“ چيم. ”سانوڻ بيخودي آهي! ديوانگي آهي!............ سانوڻ ڪا عام شيءِ ناهي چري! سانوڻ تڪميل آهي! مڪملتا آهي!....... ٻن کي هڪ ڪرڻ واري موسم آهي سانوڻ!!“ چوندو رهيس. ”سانوڻ جهڙي مستاني موسم ڪا ٻي آهي ئي ڪانہ! سانوڻ درحقيقت آسمان ۽ زمين جي سهاڳ رات آهي شبنم!!“

...... جهڪ جڏهن ڀرپور هئي. جهڪ جڏهن عروج تي هئي. تڏهن ان ئي لمحي، اڪيچي ۾ وڏڦڙو وسڻ شروع ٿي ويو! برسات جا ڦڙا ڌرتي جي گهرائي ۾ لهندا ويا! مغرور هوا جو غرور پل ۾ ٽٽي ويو! اهڙو تہ وڏ ڦڙو وُٺو جو هر طرف رڳو اڃ ئي اڃ ٿي وئي! ڪجھ گهڙيون پهرين مٽي ئي مٽي هئي ۽ هاڻي رڳو پاڻي ئي پاڻي هو! پاڻي مٽيءَ سان ملي ويو هو ۽ مٽيءَ پاڻي سان ملي وئي هئي! مون اکيون کڻي وسندڙ آسمان ڏي ڏٺو. بادل بيخود برسي رهيا هئا. گوڙن جا گڙگاٽ هئا. کنوڻن جا چمڪاٽ هئا. آسمان جڻڪِ منهنجي ئي ڳاله مون کي سمجهائي رهيو هو. آسمان جو اهڙو عالم ڏٺم تہ پنهنجا ئي لفظ منهنجي دل دماغ ۾ گونجڻ لڳا! ”اهو ڪم، جيڪو ڪڏهن پورو نہ ٿئي، سو اڌورو ئي رهڻ ڏجي! ان جي اڌوري رهڻ ۾ ئي ڀلائي هوندي آهي!.......... اهو ڪم، جيڪو پوري ڪرڻ سان وينتر وڌي وڃي، سو ڪم، اڌورو ئي پورو هوندو آهي!“

پوءِ بس مون آسمان جي اها ڳالھ سمجهي ورتي! ان ئي اڪيچي واري جهٽڪي دوران منهنجا هٿ خود مان ازخود نڪري ويا هئا! مان ان ئي لمحي خود کان ڇڏائجي ويس! ها! مان بہ جڻڪِ آسمان ٿي پيس! سراپا بادل بڻجي پيس! صفا بيخود ٿي برسي پيس! اڃ، جيڪا عروج تي هئي، تنهن اڃ جو ڪنڌ ڪپجي ويو! مغروري جو غرور ٽٽي پيو! انهن چند لمحن جي جهڙي تهڙي تشريح جي لاءِ بہ انيڪ عمريون گهرجن! انهن چند لمحن جي وضاحت هر ڪنهن وٽ انفرادي هوندي. مون کي خبر ناهي تہ باقي جوڳي پنهنجي پنهنجي شبنم سان گهاريل اهڙين مقدس گهڙين دوران ڇا محسوس ڪندا آهن، پر مون کي ائين محسوس ٿيو جڻ پردن پٺيان انيڪ پردا هئا، جيڪي تيزي سان هڪ هڪ ٿي ڊهندا ٿي ويا! پهاڙن جا پهاڙ هئا، جيڪي پل پل ۾ پرزا پرزا ٿيندا ٿي ويا! صدين جا ٽڪ

انهن لمحن ۾ لهندا ٿي ويا! مان جيڪو بادلن جيان پرجي پرجي پاري ٿي پيو هئس، سو برسي برسي هاڻي صفا هوا ۾ حل ٿي، هوا جيان هلڪو ٿيندو ٿي ويس! مون انهن پُر ڪيف گهڙين ۾ اچرج جي انتها کي ڇُهيو! بظاهر تہ پاڻي مٽي کي ڌوئيندو آهي پر مون ڏٺو مٽي پاڻي کي ڌوئي رهي هئي!...... پاڻي ۽ مٽي هڪ ٻئي کي ڌوئي رهيا هئا! مون ڏٺو هڪ ٻئي کي ڌوئيندي ڌوئيندي مٽي پاڻي ٿي وئي هئي ۽ پاڻي مٽي ٿي ويو هو! ها! مٽي ۽ پاڻي پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا هئا! مٽي ۽ پاڻي جي وچ مان 'ء' ختم ٿي وئي هئي! مون ڪنهن پل شبنم جي ڪليجي مان ڪنڌ ڪڍي جڏهن مٽي ۽ پاڻي جو اهو لقاءُ ڏٺو تہ مون کي مٽي ۽ پاڻي بہ شبنم ۽ جوڳي ئي نظر آيا! انهن عظيم لمحن مان ئي هڪ لمحي مون کي ائين بہ نظر آيو تہ پاڻي پيءُ آهي ۽ مٽيءَ ماءُ! ها! انهن ئي يادگار لمحن مان هڪ لمحي مون کي الئہ ڇو ائين بہ لڳو تہ پاڻي آدم آهي ۽ مٽيءَ حوا! ها! انهن ئي لاجواب لمحن مان هڪ لمحي مون کي اها ڳالهہ بہ بنا سمجهائڻ جي سمجهہ ۾ اچي وئي تہ پاڻي ۽ مٽيءَ پاڪ ڇو آهن!؟ ۽ اهي ٻئي پاڪائي جي واسطي ڪتب ڇو ايندا آهن!؟

بادل برسي برسي بس ٿي چڪا هئا. گهاٽو، گهرو ۽ ڳرو جهُڙ هلڪو ٿي هوا ٿي ويو هو! پوءِ سج نڪتو هو. صفا نئون ۽ نڪورو سج! تازي نڪتل سج جا ڪرڻا، جڏهن جل_ٿل زمين تي پيا هئا، تہ ڌرتي جو هر منظر، منظورِ نظر ٿي پيو هو! ساري ڌرتي چمڪي پئي هئي! مٽيءَ مهڪي پئي هئي! سچ پچ! ڌرتي، ڌرتي نہ هئي، ڄڻڪِ تازي پرڻيل ڪنوار هئي، جيڪا لائون لهڻ کان پوءِ پهريون ڀيرو وهنجي سهنجي سنبري سنوري اچي پنهنجي ورُ جي سامهون ويٺي هئي! هن جي انگ انگ ۾ نئون رنگ رچيل هو! آئون ۽ شبنم بہ ان دوران آسمان ۽ زمين جي پاڻمرادو پيروي ڪندا رهياسين! آئون آسمان جيان بادلن جهڙي بار کان بلڪل آجو ٿي مڪمل آرام ۾ اچي ويو هئس، ۽ شبنم بہ زمين جيان زرخيز ٿي پئي هئي! هن جي گوشي گوشي منجهان سونهن جا نوان سلا ٿي ڦٽا! ڌرتي جيان پنل پنل شبنم، منهنجي سامهون ويهي پنهنجا آلا آلا وار ٿي ڇنڊيا! مون سندس وارن ۾ اندلٺ جا سمورا رنگ ڏٺا! مون انهن وارن جي ڇنڊڻ ۾ ڪائنات جو سمورو حسن پسي ڇڏيو! مون انهن ڇنڊڻ ۾ ڏٺو تہ هي ڪائنات ڪڏهن بہ اجائي ناهي! مون انهن ڇنڊڻ ۾ هن ڪائنات کي سجايو ٿيندي ڏٺو! بس! مون پنهنجو پاڻ کي نئون ڄمندي ڏٺو! مون خود کي ٻيهر تعمير ٿيندي ڏٺو! ها! مون انهن وارن جي ڇنڊڻ ۾ الئہ تہ ڇا ڇا ڏٺو! مون گناهن کي ثواب ٿيندي ڏٺو، جهنم کي جنت ٿيندي ڏٺو! مون انهن ڇنڊڻ ۾ ذري ذري کي پُر نور ٿيندي ڏٺو! مون انهن وارن جي ڇنڊڻ ۾ بيخودي ڏٺي! برهہ ڏٺو! بارشون ڏٺيون!...... مون انهن اندلٺي ڇنڊڻ ۾ بيخودي، برهہ ۽ بارشون برابر ڏٺيون! سچ پچ! تہ مون برهہ جي پُلصراط تي بارشن جي موسم ۾ خوديءَ کان بيخوديءَ ۽ بيخوديءَ کان عدم تائين جو طويل سفر انتهائي قليل گهڙين ۾ طئہ ڪيو! ............ عدم!..... جتي ازلي ابدي اطمينان آهي!

"هڪڙي ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ نٿي اچي شبنم!" سپ ڪجهہ کان پوءِ ڇيم.

”ڪهڙي ڳالهہ جوڳي!؟“ پُر لطف لهجي ۾ هن پڇيو.

”هميشہ اڌ ۽ اڌ ملي هڪ مڪمل ڪندا آهن.“ چيم. ”هميشہ بہ اڌوريون شيون ملي ڪا بہ هڪ شيءِ مڪمل ڪنديون آهن.,.......... مون ڪي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ پاڻ ٻيئي اڌورا ملي، ٻئي ڄڻا ڪيئن مڪمل ٿي ويندا آهيون شبنم!!؟“

اهو ٻڌي شبنم ڪي گهڙيون ماٺ ٿي وئي هئي، پر پوءِ هن مسڪرايو هو ۽ وراڻيو هو. ”سال ڪان پوءِ سمجهي ويندين جوڳي!“

# هئا اکِيين گڏ، پڌڙ ۾ به ٽيا!

”آءٌ! تہ گل پوکيون!“ ڪليل اکين سان خواب ڏسندي چيو هوم.

”گل!؟“

”ها!...... گل!“

”گل ڪيئن پوکبا آهن جوڳي!؟“ شبنم پڇيو هو.

”خبر نہ اٿئي شبنم!؟“ پڇيو هومانس ورائي.

”نہ!“ هن چيو هو.

”آسمان جڏهن زمين تي وسندو آهي،“ چيو هومانس، ”تڏهن بيابان بہ باغبان ٿي پوندا آهن شبنم!“

اهو ٻڌي شبنم شرمائجي وئي هئي. هو چُپ ٿي وئي هئي. ڪافي دير تائين هو ڪجھ ڳالهائي نہ سگھي هئي، پر پوءِ ان ڪان اڳي جو آئون ڪجھ ڳالهايان ها، شبنم پُر ڪيف انداز ۾ پڪاريو هو، ”جوڳي!“

”جيءُ!“ چيو هوم.

”محبت تہ هر ڪوئي ڪندو آهي نہ!“

”ها!“

” ڇا هر ڪو ئي ائين ڪندو آهي جوڳي،“ شبنم پڇيو هو. ”جيئن پاڻ ڪندا آهيون؟“ هوءَ خمارن ۾ هئي.

ڪجھ گھڙيون خاموش رهيو هئس، ۽ پوءِ سندس چهري تان زلف هٽائيندي چيو هوم، ”ها! محبت تہ هر ڪوئي ڪندو آهي پر....“ چيو هوم، ”هر ڪوئي ائين نہ ڪندو آهي جيئن پاڻ ڪندا آهيون شبنم!“

شبنم خاموش هئي، مون ڳالهايو هو. ”ڪو شرابي جڏهن شراب پيئندو آهي تڏهن دنيا جهان ڪان بيگانو ٿي ويندو آهي پر شبنم،......ڪيس انهي بيگانگي جي خبر نہ هوندي آهي!“ چيو هوم. ”انهي بيگانگي جي خبر ڪيس تڏهن پوندي آهي جڏهن هو ٻيهر شعور ۾ واپس ايندو آهي شبنم!“......... ”بيگانگي جو لطف، بيگانگي ڪان وڌيڪ، بيگانگي جي احساس ۾ هوندو آهي شبنم!....... دورانِ مدهوشي وارين گھڙين ڪان، بعدِ مدهوشي وارين گھڙين دوران، دورانِ مدهوشي وارين گھڙين جي ياد ۾ وڌيڪ لطف هوندو آهي!“ اهو چئي ڪجھ ترسي پيو هئس، ۽ پوءِ وري ڳالهائڻ لڳو هئس، ”هڪڙو عمل شعوري ٿيندو آهي ۽ ٻيو لاشعوري!“ وضاحت ڪندي چيو هوم، ”لاشعوري عمل اهو هوندو آهي

جنهن جي خبر نہ هوندي آهي ۽ شعوري عمل اهو هوندو آهي جنهن جي مڪمل طرح سان خبر هوندي آهي.“ ڳالهائيندو رهيو هئس. ”پٽيل اڪيون. پوريل اڪين کان بهتر ٿينديون آهن شبنم....... سو لاشعوري عمل کان شعوري عمل وڌيڪ پُر لطف ٿيندو آهي!“

ان جاءِ تي شبنم ڪجھ چوڻ چاهيو هو پر مون سندس وات تي هٿ ڏئي ڇڏيو هو. ”منهنجي ڳالھ اڃان پوري نہ ٿي آهي شبنم!“ ۽ پوءِ اتان ئي شروع ڪيو هوم. ”...... اهي تہ هيون ٿوري ۽ گهڻي لطف جون ڳالهيون! پر هڪ لطف اهڙو بہ ٿيندو آهي جيڪو ٿورو يا گهٽو نہ ٿيندو آهي!“ چيو هومانس. ”اهو لطف. مڪمل لطف ٿيندو آهي! اهوئي لطف. لازوال لطف ٿيندو آهي شبنم!......“ سندس شرابي ڇهري ۾ چتائيندي چيو هوم. ”۽ اهو لطف. اهو مڪمل ۽ لازوال لطف هر ڪنهن جي مقدر ۾ نہ هوندو آهي.....اهو ڪنهن ڪنهن ڪي نصيب ٿيندو آهي!“ هوءَ خاموش ٻڌندي ئي رهي. ” اهو لطف. شعور توڙي لاشعور. ٻنهي کان بينياز ٿيندو آهي! هوش ۽ مدهوشي. ٻنهي کان مٿانهون ٿيندو آهي!...... انهي دوران خبر هوندي بہ ڪا خبر نہ هوندي آهي ۽ ڪا خبر نہ هوندي بہ سڀ خبر هوندي آهي!....... انهي دوران هوش ۽ مدهوشي. ٻيئي برابر هوندا آهن!“ ڪي پل چپ رهجي پوءِ چيو هوم. ”پاڻ محبت جي مدهوشي ۾ ان مقام تي آهيون جتي لطف. ٿورو يا گهٽو نہ آهي. وڌيڪ يا گهٽ نہ آهي. بلڪِ جتي مڪمل ۽ لازوال لطف آهي! ڀرپور لطف!“ چيو هومانس. ”۽ اهو هر ڪنهن ڪي نصيب نہ ٿيندو آهي شبنم!“ ڪن ۾ هٿ پڪڙي ڏاڍي شرارتي انداز ۾ چيو هومانس. ”....... سو محبت تہ هر ڪوئي ڪندو آهي. پر هر ڪوئي ائين نہ ڪندو آهي چري!..... جيئن پاڻ ڪندا آهيون!“

شبنم ڪجھ ڳالهائڻ چاهيو هو ”جوڳي........“ پر مون ٻيهر سندس وات تي هٿ ڏئي ڇڏيو هو ۽ چيو هوم. ”منهنجي ڳالھ اڃان پوري نہ ٿي آهي شبنم!“

شبنم هڪدم پنهنجي جان ڇڏائي هئي ۽ ٻئي هٿ مٿي تي ڏئي وراڻي هئي. ”تنهنجا اهي گهرا فلسفا مون کان زور آهن جوڳي!“

شبنم جي انهي ڳالھ تي آئون مرڪي ماٺ ٿي ويو هئس. پوءِ ڪي گهڙيون خاموشي ڇائنجي وئي هئي. اسين ٻئي جڻا پُر لطف خاموشي جي پاتال ۾ ٻيهي ويا هئاسين.

ڪافي دير کان پوءِ مون ڏاڍي حساس لهجي ۾ پڪاريو هو ”شبنم!...“

هوءَ جڏهن مون ڏي متوجہ ٿي هئي تہ مون وري ورجايو هو ”آءُ! تہ گل پوڪيون شبنم!“

شنبم هيڪر ٻڌو پر پوءِ اڻبڌو ڪري ڇڏيو هو. مون ٻيهر چيو هو ٽيهر چيو هو ۽ چوندو ئي رهيو هئس.” آءُ! تہ گل پوڪيون شبنم!“ نيٺ ڪنهن ڀيري شبنم مون ڏي شرارتي انداز سان نهاريو ۽ پوءِ چيو هو ”پر تو تہ چيو هو ’عشق آڳ آهي!‘“

”ها! چيو هوم!“ مڃيو هوم.

”پوءِ......“ هن چيو هو ”آڳ ۾ گل ڪيئن پوکبا جوڳي!“

اهو ٻڌي آئون ڪجهه لمحا خاموش رهجي ويو هئس. مون کي ماٺ ڏسي شبنم وري ورجايو هو. ”ٻڌاءِ جوڳي!“ هن پڇيو هو ”آڳ ۾ گل ڪيئن پوکبا!“

شبنم جو اشتياق ڏسي مسڪرائي ڏنو هوم. گهڻو ئي اک جي پڪائي ڪئي هئم مگر مرڪون ازخود منهنجي چپن تي ڦهلجي ويون هيون. اکيون اکين ۾ وجهي شبنم کي ڪي گهرا فلسفا نه ٻڌايا هئم. مون ڪا وڏي تقرير نه ڪئي هئي، مون ڪيس ڪجهه به نه چيو هو. ان سوال جي جواب ۾ مون بس رڳو ڪيس علامه اقبال جو هي شعر ٻڌايو هو.

گر آج بهي هو براهيمؑ ڪا ايمان پيدا!

تو آگ بهي ڪر سڪتي هي اندازِگلستان پيدا!

.....۽ پوءِ منظر ئي بدلجي ويو هو!....۽ پوءِ شبنم سراپجي وئي هئي!....۽ پوءِ مان به مان نه رهيو هئس!.....۽ پوءِ ڪا چٽنگ ٻري هئي!.......۽ پوءِ ڪي جذبا دُکيا هئا!...... ۽ پوءِ ڪا باهه ڀڙڪي هئي!......۽ پوءِ اها آڳ ڏسندي ئي ڏسندي ڄڻ آتشِ نمرود ٻڻجي پئي هئي!...... ۽ پوءِ اسان مچ ڏسي نه موٽيا هئاسين!....... ۽ پوءِ اسان خود کي انهي آڙاهه منجهه اڇلائي ڇڏيو هو!.... ۽ پوءِ اسان اهڙي طرح آڳ ۾ گل پوکيا هئا........!!!

......... ۽ جڏهن شعلا شبنم تي پيا هئا!...... ۽ جڏهن باهه پاڻي تي پئي هئي!....۽ جڏهن تانڊا گلاب ٻڻجي پيا هئا!...... تڏهن مون ۽ شبنم گڏجي هڪ گلاب ڪنيو هو!

ان گلاب جو نالو. شبنم چيو هو. ”تون رک!“ پر مون چيو هو ”تون رک!“ ۽ پوءِ شبنم ان گلاب جو نالو رکيو هو ”مصورا!“

آئون ۽ شبنم پوءِ دير تائين مصور جي منهن ۾ گهوريندا رهيا هئاسين! اسان ٻنهي ڄڻن گهڻو ئي ڳالهائڻ چاهيو هو پر دير تائين اسان ڪجهه ڳالهائي ئي نه سگهياسين. ڳالهائڻ لاءِ اسان کي لفظ ئي نه ٿي لڌا! ڳالهائڻ جي اسان وٽ همت ئي نه رهي هئي! اسان ۾ جرئت ئي نه رهي هئي! اسان ڪافي دير تائين ساڪن ٿي رهجي ويا هئاسين! اسان خوشي وچان بي اختيار ٿي پيا هئاسين. اسان جي اختيار ۾ ڪجهه به باقي نه رهيو هو. اسان پاڻ پنهنجي اختيار ۾ نه رهيا هئاسين! نه اسان جا هٿ اسان جي اختيار ۾ رهيا هئا، نه اسان جون اکيون اسان جي اختيار ۾ رهيون هيون. نه اسان جي دل اسان جي اختيار ۾ هئي، نه اسان جي زبان اسان جي اختيار ۾ هئي! اسان جي وس ۾ ڪجهه به نه رهيو هو. اسان ننهن کان چوٽي تائين ’نه‘ ٿي پيا هئاسين! اسان انهن لمحن ۾ اسان ته رهيا ئي نه هئاسين! اسان ڪافي دير تائين بُت ٻڻجي مصور ۾ گهوريندا رهيا هئاسين. ها! ڪافي دير گذري وڃڻ کان پوءِ نيٺ مون وڏي مشڪل سان پنهنجا چپ چوريا هئا، چيو هوم. ” شبنم!......“ هوءَ مون ڏي متوجه ٿي هئي ته چيو هوم. ” هاڻي پاڻ ٻن مان ٽي ٿي ويا آهيون!“

”نہ!“ شبنم جا چپ بہ چري پيا هئا، ”پاڻ ٻن مان تي نہ ٿيا آهيون!“

اهو ٻڌي مون کي ڏاڍو عجب لڳو هو. سوال ڀڻجي شبنم ڏي نهاريو هوم. مون ڏي ڏسي شبنم هڪ زبردست جملو ڳالهايو هو. هن چيو هو ”هاڻي پاڻ ٻن مان هڪ ٿي ويا آهيون جوڳي!“

شبنم جي انهي جملي منهنجا چپ سبي ڇڏيا هئا! شبنم جي انهي وراڻي تي اسان ٻنهي جا ڪنڌ جهڪي پيا هئا! ڪجهہ گهڙين کان پوءِ اسان ٻيهر ڪنڌ کڻي هڪٻئي ڏي نهاريو هو! هن پيري اسان ٻيئي هڪ ٻئي کي ڏسي حيران رهجي ويا هئاسين. اسان هڪٻئي کي اڳ ڪڏهن ائين نہ ڏٺو هو. جيئن هاڻ ڏٺو هوسين! اسين روز ملندا هئاسين، اسين هڪٻئي کي روز ڏسندا هئاسين: پر هي ڏسڻ ان ڏسڻ جهڙو نہ هو. هن پيري ائين پئي لڳو ڄڻ اسان نوان ڄاوا هئاسين. ڄڻ نئين سر تخليق ٿيا هئاسين. اسان جا فقط نالا ئي ساڳيا رهيا هئا. باقي سڀ ڪجهہ بدلجي ويو هو! اسان جو تعارف ئي تبديل ٿي ويو هو! جوڳي هاڻي رڳو جوڳي نہ رهيو هو شبنم هاڻي رڳو شبنم نہ رهي هئي!......

”هن جون اکيون تو جهڙيون آهن جوڳي!“ مصور جي مکڙي ۾ چتائيندي شبنم چيو هو.

” هن جا چپ تو جهڙا آهن شبنم!“ چيو هوم.

” هن جا وار تو جهڙا آهن!“

” هن جا ڪن تو جهڙا آهن!“

” هن جا هٿ تو جهڙا آهن جوڳي!“

” هن جا پير تو جهڙا آهن شبنم!“

” مصور جو آواز تو جهڙو هوندو جوڳي!“ شبنم چيو هو.

” مصور جو انداز تو جهڙو هوندو شبنم!“ چيو هوم.

اسين ڳالهائيندي ڳالهائيندي ماٺ ٿي ويا هئاسين، دير تائين ماٺ ئي رهيا هئاسين. ماٺ رهي رهي وري ڳالهايو هوسين!

” هن جو نڪ تنهنجي نڪ جهڙو آهي جوڳي!“ شبنم چيو هو.

منهنجي ڳالهائڻ جو وارو هو پر آئون ماٺ ٿي ويو هئس. شبنم منهنجي وراڻي جو انتظار ڪيو پر مون کي ماٺ ڏسي هوءَ بہ ماٺ ٿي وئي هئي. ڪي پل رکي مون ڪنهن پل چيو هو ”شبنم!“

”جي!“ شبنم چيو هو.

” اڄ کان پهرين، آئون پنهنجي هستي جي اندر تنهنجو منڊ ۾ ڇيڙهو ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پوندو هئس، پر شبنم مون کي اها خبر پئجي نہ سگهندي هئي تہ تون منهنجي هستي ۾ ڪٿان کان شروع ٿيندي آهين ۽ ڪٿي ختم ٿيندي آهين!“ ڀرپور لطف منجهان شبنم کي چيو هوم، ”۽ اڄ وري مصور جي وجود ۾ آئون ڪافي دير کان پاڻ ٻنهي جو منڊ ۾ ڇيڙهو ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پيو آهيان پر مون کي خبر نٿي پوي شبنم تہ مصور جي وجود ۾ پاڻ ٻيئي ڪٿان کان شروع ٿا ٿيون ۽ ڪٿي ختم ٿيون

ٿا!“

اهو ٻڌي شبنم مون ڏي نهاريو هو ۽ ڪي پل نهاريندي ئي رهي هئي! پوءِ هوءَ مرڪي پئي هئي، ”جوڳي!“

”جي!“چيو هوم،

” اڄ ڪان پهرين آئون پنهنجي هستيءَ جي اندر تنهنجو منڊ ۾ چيڙهو ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پوندي هئس، پر جوڳي، مون اها خبر پئجي نہ سگهندي هئي تہ تون منهنجي هستي ۾ ڪٿان ڪان شروع ٿيندو آهين ۽ ڪٿي ختم ٿيندو آهين!“ شبنم فقط نالو ئي بدلايو هو، هن ساڳيا ئي لفظ پنهنجا ڪري پيش ڪيا هئا، هن بہ مون وانگر ئي چيو هو، ” ۽ اڄ وري مصور جي وجود ۾ آئون ڪافي دير ڪان پاڻ ٻنهي جو منڊ ۾ چيڙهو ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پئي آهيان پر مون کي خبر نٿي پوي جوڳي تہ مصور جي وجود ۾ پاڻ ٻيئي ڪٿان ڪان شروع ٿا ٿيون ۽ ڪٿي ختم ٿيون ٿا!“

سڪون منهنجي مڪمل وجود ۾ سراعيت ڪري رهيو هو. رڱن ۾ رت نہ هو، ڇٽڪيِ انگور جو پاڻي هو جو گردش ڪري رهيو هو! شبنم کي چيو هوم، ”شبنم!“ مصور ۾ گهوريندي چيو هومانس، ” هي منهنجي عدم جي تصوير آهي شبنم!“ مدهوش لهجي ۾ چيو هوم، ” مصور منهنجي پئدائش ڪان اڳ واري تصوير آهي شبنم!“ چيو هومانس، ”منهنجي پئدائش ڪان اڳ واري زندگي آهي مصور!“

مان اهو چئي ڪي گهڙيون چپ رهجي ويو هئس. مون چاهيو هو تہ شبنم ڪجهہ ڳالهائي، پر شبنم ماٺ ئي رهي! هن کي ماٺ ڏسي مون وري ڳالهايو هو ”هي منهنجي امرتا آهي! جاوداني آهي شبنم! مصور جو وجود منهنجي مڪملتا جو مظهر آهي!“

شبنم خاموش هئي، هن ڪافي دير ڪان ڪجهہ نہ ڳالهايو هو، ڪيس چپ ڏسي چيو هوم، ”شبنم! تون چپ ڇو آهين!؟ ڳالهائين ڇو نٿي!؟ .......ڳالهاءِ شبنم!“

”مان ڇا ڳالهايان جوڳي!؟“ هن وراڻيو هو ”مون کي تہ اڄ ائين ٿو لڳي جيئن، مان پنهنجو پاڻ کي ئي ٻڌي رهي آهيان!“ چيو هئائين، ”جوڳي! تون منهنجا ئي لفظ اچاريندو ٿو وڃين! تون منهنجا ئي جملا ڳالهائيندو ٿو وڃين! مان ڇا ڇا ورجايان جوڳي!“ هوءَ ڪجهہ ترسي وراڻي هئي، ” هي پاڻ ٻنهي جو امتزاج آهي جوڳي!...... مصور، شبنم ۽ جوڳي جي انڊلٺي رنگن جي مصوري آهي!“

”شبنم!“ چيو هوم، ”هيءَ ئي اها تصوير آهي جيڪا مون ڪان هر پيري ٺهندي ٺهندي ڊهي ويندي هئي! جيڪڏهن تون نہ ملين ها تہ هي تصوير مڪمل ئي نہ ٿي سگهي ها! ۽ ان تصوير جي مڪمل نہ ٿيڻ جيڪري در حقيقت منهنجي ذات، منهنجي هستي بہ اڌوري ئي رهي ها!“ ڪن پل رڪي هڪدم وري چيو هوم، ”پر تنهنجو نہ ملڻ ممڪن ئي نہ هو شبنم!..... تنهنجو مون سان ملڻ تہ ازل ڪان بہ اڳ ۾ لکجي چڪو هو!........ هي مصور ان سچائي جو ثبوت آهي شبنم!“ من مندر ۾ ماضي جي دري کلي پئي هئي، شبنم کي چيو هوم، ” اڄ مون کي اهو خواب ياد اچي رهيو آهي جيڪو آئون ننڍي هوندي

ڪان وٺي تنهنجي آشنائي تائين وقفي وقفي سان مسلسل ڏسندو رهيو هئس! هار.....هار...... ۽ مسلسل هار وارو خواب! ..... شيشي..... پٿر..... پٿر....... شيشي وارو خواب!“ چيو هوم, ”اڄ مون کي اها هار ياد اچي رهي آهي! جنهن هار کي آئون هيل تائين هارائي نه سگهيو هئس! اڄ مون کي اها بازي ياد اچي رهي آهي, جيڪا آئون هر ڀيري کٽيندي کٽيندي هارائي ويندو هئس شبنم!“ ڪيس چيو هوم, ”ها شبنم! اڄ مون کي اهو خواب ڏاڍو ياد اچي رهيو آهي........ شيشي ۽ پٿر وارو خواب!!...... زندگي ۽ موت وارو خواب! جيت ۽ هار وارو خواب! وڇائجي ويل زندگي وارو خواب! اهو خواب, جيڪو ڳولها جو سبب بڻيو! جيڪو وجود جي ويڙهه جو مرتڪب ٿيو! ها, اهو خواب, جنهن ۾ آئون شيشي جي هڪ نازڪ فريم تي هڪ ڀاري پٿر کي ڪِرندي ڏسندو هئس!“ اهو چئي هڪ اونهون گهرو ساهه کنيو هوم. انهي ساهه ۾ ڄڻڪِ صدين جا ٿڪ هئا. ساهه کنيو هوم ۽ صدين جا ٿڪ لهي ويا هئا! چيوهوم, ”مصور ان خواب جو انجام آهي!........ مون کي اڄ ائين ٿو لڳي ڄڻ مون اها تصوير محفوظ ڪري ورتي آهي, جنهن جي چُور چُور ٿيڻ جو مون کي سدائين خوف رهندو هو!...... هي ئي اها تصوير آهي, جنهن جي مڪمل ٿيڻ کان پهرين مون مرڻ نه ٿي چاهيو! اهوئي سبب آهي جو خواب ۾ به شيشي تي پٿر جي ڪِرڻ کان پهرين ڊپ کان منهنجي اک کلي ويندي هئي!“ مصور ڏانهن ڏسندي چيو هوم, ” هي ئي اها بازي آهي, جيڪا آئون هر ڀيري کٽيندي کٽيندي هارائي ويندو هئس!......... اڄ مون انهي هار کي هارائي ڇڏيو آهي شبنم! جيڪا هر ڀيري مون کان هارائيندي هارائيندي کٽي ويندي هئي!“

خاموشي جو هڪ پُر سرور وقفو ٿيو هو...........

شبنم جي مک تي مرڪون وکريل هيون, مون ڪنهن پل وري ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. مصور ڏي چتائيندي چيو هوم, ” شبنم! پاڻ ٻيئي ڪافي دير کان هن جي پنهنجو پاڻ جانچي رهيا آهيون, پر مون کي ائين ٿو لڳي ته هي به ڪافي دير کان پاڻ ٻنهي جي هستي ۾ پنهنجو پاڻ کي ئي جانچي رهيو آهي شبنم!“ چيو هوم, ” مون کي الئه چو ائين ٿو لڳي شبنم ته هيءُ به پاڻ ٻنهي کي ڪافي دير کان ائين گهوري رهيو آهي, جيئن پاڻ ٻيئي سندس ئي وجود جا ٻه ٽڪرا آهيون!!“ اهو ٻڌي شبنم کي به اڇرج وٺي ويو هو. مون چيو هو ”سچ پچ! مون کي ته خبر ئي نٿي پوي ته هي پنهنجي تخليق آهي يا پاڻ هن جي تخليق آهيون!؟“

مان ڳالهائي ڳالهائي ماٺ ٿي ٿي ويس مگر وري ڪنهن پل ماٺ رهڻ به مشڪل ٿي لڳو سو بس وري وري ٿي ڳالهايم. مان لاشعوري طور تي اصل ۾ مصور جي تشريح جي ڪوشش ڪري رهيو هئس پر ڪري نه پئي سگهيس! جيترو به ٿي ڳالهايم, ايترو گهٽ ٿي لڳو! مون چاهيو هو ته شبنم به ڪجهه ڳالهائي, سو شبنم کي پُڪاريو هوم,” شبنم!“

شبنم ڪا ورندي نه ڏني هئي, مون ڪيس وري پڪاريو هو ”شبنم!“ چيم, ”تون چپ چو

آهين؟...... ڪجهہ ڳالهاءِ!“

”اڄ ڏاڍي شدت سان اهو احساس ٿي رهيو آهي پنهنجا رڳو نالا الڳ الڳ آهن! پنهنجا رڳو جسم جدا جدا آهن جوڳي! ورنہ پاڻ هڪ ئي آهيون!“ شبنم وراڻي، ”تون منهنجيون ئي ڳالهيون ڳالهائي رهيو آهين!...... لفظ منهنجا ۽ چپ تنهنجا آهن جوڳي!“

”چري!...... پاڻ هڪ ئي آهيون! پنهنجو نالو بہ هڪ ئي آهي! پنهنجو جسم بہ هڪ ئي آهي شبنم!“ چيو هومانس، ”شبنم ۽ جوڳي جو هڪ هئڻ آهي مصور!..... شبنم ۽ جوڳي جو هڪ نالو آهي مصور!...... شبنم ۽ جوڳي جو هڪ جسم آهي مصور!“

شبنم منهنجي انهي وراڻي ۾ ويڙهجي وئي هئي. مون ڪيس چيو هو ”شبنم! توسان ازلي ناتو اٿم! پاڻ ٻہ نہ. پاڻ درحقيقت هڪ ئي آهيون!“ چيو هومانس، ”اڄ آئون جڏهن پاڻ ٻنهي ڪي مصور جي هستيءَ ۾ هڪ ٿو ڏسان تہ هينئين تي سيد سچوري جي هي سٽ ٿي هُري تہ ’هٿا اڳهين گڏ! ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا!‘“

سيد جي انهي سٽ ۾ لفظ نہ هٿا لهرون هيون ۽ انهن لهرن ۾ اسان ائين لڙهي ويا هئاسين، جيئن سهڻي سير ۾ لڙهي وئي هئي! اسين پاتال منجهہ پيهي ويا هئاسين! پاتال مان شبنم پُڪاريو هو. ”جوڳي!“

”جيءُ!“

توکي ياد آهي سانوڻ جي ڀرپور وسڪاري کان پوءِ تو مون کان هڪ ڳالهہ پڇي هئي.“

” ڪهڙي!؟“

”جوڳي! تو پڇيو هو“ شبنم ياد ڏياريندي چيو هو. ”ڪي ٻہ ٻہ اڌ پاڻ ۾ ملي ڪا هڪ شيءِ مڪمل ڪندا آهن، پر مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ پوءِ آخر پاڻ ٻيئي اڌورا هڪ ٻئي سان ملي، ٻيئي ڄڻا مڪمل ڪيئن ٿي پوندا آهيون!؟“

”ها شبنم!“ مون کي ياد اچي ويو هو.

” سمجهاياڻ اڄ!؟“ شبنم مرڪي چيو هو.

”نہ بس!“ ڪيس چيو هوم، ”اڄ مان پاڻ ئي سمجهي ويس شبنم!“

رات پنهنجي پڇاڙي ڪي پهچي رهي هئي. اسان کُليل اکين واري انهي حسين خواب ۾ ٻيئي ڄڻا زماني جي ڪوجهين حقيقتن کان ڪوهين ڏور پناهہ وٺي ويٺا هئاسين. پرهہ ڦُٽڻ کان پهرين شبنم جا زلف سنواريندي چيو هوم، ” شبنم!..... ڪيڏو نہ حسين خواب آهي هي......!“

” ها جوڳي!“ اڌ پوربيل ۽ اڌ پٽيل اکين سان نهاريندي شبنم چيو هو. ”حقيقت کان بہ وڌيڪ حسين!“

”پاڻ هن خواب مان ڪڏهن بہ نہ جاڳنداسين شبنم!“ نيم پاڳل ٿي پيو هئس.

”هن خواب مان جاڳياسين ته مري ويندا سين جوڳي!“ شبنم ته صفا پاڳل ٿي پئي هئي! اسان ٻيئي هڪ ٻئي ۾ ويڙهجي هڪ ٿي ويا هئاسين.........!

# عشق حاصل_لاحاصل

مون سهڻي ڪي لهرن ۾ لڙهندي نہ ڏٺو هو. مون سسئي کي جبلن ۾ جلندي نہ ڏٺو هو! مون راڻي پڄاڻان مومل جي حالت نہ ڏٺي هئي، ۽ نہ ئي چنيسر پٺيان ليلا جي ليلائڻ تي عين اليقين هئم: پر مون هڪ ڀيري شبنم کي پاڻ ڏي ڊوڙندي ڏٺو هو! ۽ مون ان ڊوڙ ۾ ڄڻڪِ اهي سيئي منظر ڏسي ڇڏيا هئا. مون ڏٺو هو. شبنم ڄڻڪِ سهڻي هئي جا لهرن ۾ لڙهي رهي هئي! شبنم ڄڻڪِ سسئي هئي جا جبلن ۾ جلي رهي هئي! هوءَ ڄڻڪِ مومل هئي جا راڻي پڄاڻان رڙي رهي هئي! ليلا هئي، جا چنيسر جي لاءِ ليلائي رهي هئي! هوءَ ڊوڙندي ڊوڙندي آئي ۽ منهنجي سيني ۾ سمائجي وئي. هوءَ اڳ ڪڏهن بہ مون سان ائين نہ ملي هئي، جيئن ان ڀيري ملي! هوءَ سهڪي رهي هئي، سڏڪي رهي هئي. تڙپي لڇي رهي هئي. هوءَ منهنجي سيني ساڻ لڳي بہ ڦٿڪي رهي هئي! اڳ ڪڏهن ائين نہ ٿيو هو. ها! اڳ تہ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو هو! هن جي جستجو ۾ اڄ ايتري تہ شدت هئي جو مون کي انهي وقت ائين محسوس ٿيڻ لڳو تہ ڄڻ جسم بہ ڪي رڪاوٽون آهن! بدن بہ ڪي سرحدون آهن! ڄڻ تہ وجود بہ ڪي ديوارون آهن! ۽ اڄ شبنم اهي جسماني رڪاوٽون بہ ٽوڙڻ تي چاهي! بدن جون سرحدون بہ پار ڪرڻ تي چاهي!! وجود جون ديوارون بہ ڍاهي پٽ ڪري ڇڏڻ تي گهري!!! هوءَ مون ساڻ اهڙي ديوانگي سان چنبڙي پئي هئي ڄڻ ڪيس اهو خوف ورائي ويل هو تہ ڪٿي هو ڪو خواب تہ نہ پئي ڏسي! ڄڻ تہ ان حقيقت تي بہ ڪيس يقين نہ پئي آيو تہ هوءَ منهنجي ٻانهن ۾ آهي. هوءَ لمحي لمحي مون ساڻ ڇهڻي خود کي اهو يقين ڏياري رهي هئي تہ هوءَ هاڻي منهنجي ٻانهن ۾ آهي. هوءَ هاڻي مڪمل محفوظ آهي. هوءَ دنيا جهان کان آجي آهي. ان ڀيري شبنم منهنجي سيني سان لڳي نہ هئي بلڪِ منهنجي وجود ۾ ضم ٿي وئي هئي!

”ڇا ٿيو؟“......”ڇا ٿيو شبنم!؟“ آئون مسلسل پڇندو رهيس پر هوءَ مسلسل لڇندي پڇندي رهي! هوءَ ڪجهہ نہ ڪڇي. مون کان شبنم جي اها حالت ڏٺي نٿي ٿي! مون شبنم جي اهڙي حالت اڳ ڪڏهن نہ ڏٺي هئي! هن جي اهڙي حالت تہ منهنجي وهم و گمان ۾ بہ نہ هئي. شبنم ڄڻ ولر کان وڇڙي ويل ڪونج هئي، رڻ ۾ رلي ويل هرڻي هئي، هوءَ ڄڻڪِ تنها رهجي ويل اجنبي مسافر جيان هئي. شبنم جي اهڙي نہ ڏسي سگهڻ جهڙي حالت ڏسي، مون کي گهڻو اڳ ڏٺل هڪ خواب ياد اچي ويو هو. تمام گهڻو اڳ مون هڪ ڏاڍو پُراسرار ۽ پُر وحشت خواب ڏٺو هو. مون ڏٺو هو آئون عرش تان فرش تي اڇلايو ٿو وڃان! مون تي مدتن جي غشي طاري ٿي وڃي ٿي. وري ائين نظر آيو هو تہ هڪ اجاتي عرصي کان پوءِ ڪنهن ٻهاڙي علائقي جي ڪنهن غار ۾ منهجي اک کلي ٿي. هوش ۾ ايندي ئي منهنجا هوش اڏامي ٿا وڃن! دير تائين تہ مان پنهنجي جسم کان بہ بيخبر ٿو رهان. پوءِ نيٺ جڏهن

پاڻمرادو ڪو چرڪ ٿو اچي ته مون کي منهنجي جسم جي هئڻ جو احساس ٿو ٿئي! آئون پوءِ ساهه سامت ۾ اَٽي پنهنجا هوش و حواس سنڀاليان ٿو. جسم جڏهن ڀريون ڀيرو منهنجي مرضي تي چُرپُر ٿو ڪري ته سچ! مان ڏاڍو حيران ٿو ٿي پوان! پوءِ رڙهي سڙهي غار مان ٻاهر ٿو نڪران! گهڻي ڪوشش کان پوءِ جڏهن ڪنهن پل پنهنجي ٻن ٽنگن تي بيهان ٿو ته معجزو ٿو لڳي! مون ڏٺو هو پوءِ آئون ٽڙي ٽاڙي هڪ پهاڙ جي چوٽي تي چڙهان ٿو. مٿانهين کان جڏهن هيٺاهيون ٿو نهاريان ته عجب اسرارن ۾ گم ٿي وڃان ٿو. مون کي ياد ٿو اچي، مون انهي خواب ۾ ڏٺو هو. پهاڙ جي چوٽي تان جهان کي انتهائي اڇرج وچان ڏسندي ڏسندي آئون اوچتو ڪنهن لمحي بيچين ٿيڻ لڳان ٿو. ان بيچيني جو باعث اهو هوندو آهي جو، آئون جهان ۾ هر شيءِ جو جوڙو جوڙو ڏسان ٿو! آئون جڏهن جهان ۾ هر شيءِ جو جوڙو جوڙو ڏسان ٿو ته خود کي ڏاڍو تنها تنها محسوس ٿو ڪريان! اها ئي تنهائي منهنجي بيچيني جو باعث بڻبي آهي! آئون آهستي آهستي هيٺ لهي ٿو اچان. هيٺ لهي آئون جڏهن ڪنهن ٻج جا ٻه حصا ٿو ڏسان ته خود کي ويتر اڌورو اڌورو ٿو سمجهان. مون کي الئه ڇو اهو يقين ٿي وڃي ٿو ته عرش تان آئون ائين اڌورو نه اڇلايو ويو هئس. منهنجو ٻيو جوڙ به مون سان گڏ آسمان تان زمين تي آيو هو! بس پوءِ اهو يقين ايندي ئي آئون پنهنجي انهي وڃائجي ويل اڌ جي ڳولا ۾ سرگردان ٿي وڃان ٿو! مون انهي عجيب و غريب خواب ۾ ڏٺو هو، پنهنجي انهي وڃائجي ويل اڌ جي ڳولا ۾ آئون ڪيترو ئي عرصو جهر جهنگ جهاڳيان ٿو مگر ناڪام ٿو رهان! پنهنجي انهي وڃائجي ويل اڌ کي ڳوليندي ڳوليندي مان خود وڃائجي ٿو وڃان! ......... پوءِ وري مون ڏٺو هو ته هڪ صحرا آهي! هڪ ويران، هڪ بيابان، هڪ نه ڪٽندڙ صحرا! سمونڊ جيڏو صحرا! ان صحرا ۾ آئون تنها ڀٽڪي رهيو آهيان! بلڪل تنها! تنِ تنها! انهي وچ صحرا ۾ آئون ڏاڍو ٿڪل آهيان. آئون ڏاڍو اڃڙيل آهيان. آئون نراس ٿيندو ٿو وڃان! آئون تتل رڃ ۾ اڃ مري رهيو آهيان! آئون پنهنجو وڃائجي ويل اڌ ڳولي رهيو آهيان. ۽ ڳوليندي ڳوليندي دم ڏئي وڃڻ کي پهچي رهيو آهيان...... پر پوءِ مون ڏٺو هو ته دم ڏئي وڃڻ کان پهرين منهنجي ڳولا مڪمل ٿي وڃي ٿي! ڪنهن پل مون کي ڏسڻ ۾ آيو ته ان صحرا ۾، ان ويراني ۾ خبر ناهي ته ڪيئن ۽ خبر ناهي ته ڪٿان ڪي ٻه هٿ منهنجي هٿن ۾ اچن ٿا. انهن هٿن جي اچڻ سان مون کي ٺاپر اچي وڃي ٿي! منهنجي رڳن ۾ نئون روح ڦوڪجي ٿو وڃي. منهنجي نيستي وجود ۾ نئين توانائي ڀرجي ٿي وڃي. منهنجا سارا ٿڪ هڪ لحظي ۾ لهي ٿا وڃن! انهن هٿن جي ملڻ سان مون کي منهنجو وڃائجي ويل اڌ ملي پوي ٿو! انهن هٿن جي ملڻ سان صحرا لمحن ۾ گل و گلزار ٿي پوي ٿو! آئون ڇٽڪِي نئون ۽ ڪامل جنم وٺان ٿو..........

انهي طويل خواب جون آخري گهڙيون ڏاڍيون ڀيانڪ هيون. مون ڏٺو هو پوءِ انهي گل و گلزار بڻجي پيل صحرا ۾ ڪي لمحي تيز طوفان برپا ٿي پوي ٿو! هوا آهستي ٿيندي ٿيندي ايتري ته تيز ٿي وڃي ٿي جو فضا ۾ رڳو هوا جو ئي شور ٻڌجي ٿو! لمحن جون بهارون لمحن ۾ خزائون ٿي وڃن ٿيون!

هر طرف زرد پتا ئي اڏامندي نظر ٿا اچن! منظر ڏنڏلائبا ٿا وڃن. ڏسندي ئي ڏسندي گل وگلزار وري ويرانو ٿي وڃي ٿو! ويراني ۾ رڳو واري ئي واري ٿي ڏسجي! اهي بہ هٿ، جيڪي تڪميل بڻيا هئا! اهي بہ هٿ، جن جي ملڻ سان اڌوري پڻ جو احساس ختم ٿي ويو هو! اهي بہ هٿ، جن جي هٿن ۾ اچڻ سان مون اهو ڄاتو هو تہ اهو ئي درحقيقت اهو اڌ آهي، جيڪو مون سان گڏ عرش تان فرش تي اڇلايو ويو هو! اهي بہ هٿ، جن جي گڏجڻ سان مون پڪ ڄاتو هو تہ اهو ئي دراصل منهنجو اهو وڃائجي ويل جوڙ آهي، جنهن کي ڳوليندي ڳوليندي آئون پاڻ وڃائجي ويو هئس!....... تيز طوفان ۾ آئون اهي هٿ بہ پنهنجي هٿن کان ڇڄندي محسوس ٿو ڪريان!....... انهي ئي پل ۾ مون کان ڇرڪ نڪري ويو هو! منهنجي اک کلي وئي هئي ۽ آئون ٽپ ڏئي ڪڙو ٿي پيو هئس! آئون پگهر مان شل هئس! آئون ننهن کان چوٽي تائين ڏڪي ڪنبي رهيو هيس! منهنجي حالت ان وقت اهڙي ئي هئي، جهڙي هِن وقت شبنم جي هئي! آئون بہ سڏڪي پيو هئس، سهڪي پيو هئس! مون اهو خواب گهڻو ئي وسارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر وساري نہ سگهيو هئس! هڪ عرصي تائين تہ اهو خواب منهنجي مڙني حقيقتن تي بہ حاوي رهيو هو! پر پوءِ جڏهن شبنم جو نزول ٿيو تڏهن اهو خواب ڄڻ تہ منهنجي حافظي مان ئي خارج ٿي ويو! شبنم جي آمد کان پوءِ اهو پُر وحشت خواب مون کي ڪڏهن پلجي بہ ياد نہ آيو! مگر ان پيري، جڏهن شبنم ڊوڙندي ڊوڙندي آئي ۽ منهنجي سيني منجهہ سمائجي وئي، ۽ منهنجي سيني منجهہ سمائجي سڏڪڻ لڳي، ۽ دير تائين بنا ڪجهہ ڪڇڻ جي بس سڏڪندي ئي رهي، تڏهن شبنم جي اهڙي حالت ڏسي، مون کي هڪ ڀيرو ٻيهر اهو ڀيانڪ خواب ياد اچي ويو هو!

”ڇا ٿيو شبنم!؟“...... ”ٻڌاءِ شبنم!!!؟“ آئون بار بار اهو پڇندو رهيس، پر هوءَ دير تائين ڪجهہ ڪڇي نہ سگهي! نيٺ آئون پڇي پڇي ماٺ ٿي ويس ۽ هوءَ لڇي لڇي ماٺ ٿي وئي! تنهن کان پوءِ بہ ڪافي دير جي ناپر کان پوءِ هن آهستگي سان هڪ ڏاڍو عجيب جملو وراڻيو. ”مون هڪ ڏاڍو پُر وحشت خواب ڏٺو آهي جوڳي!“

شبنم جو اهو جملو ٻڌي آئون اچرج ۾ پئجي ويس. آئون چپ رهجي ويس. شبنم هيڪر، ٻيهر، ٽيهر هر ٽٽل ڦٽل لفظ جوڙي جوڙي اهو ئي ساڳيو عجيب جملو دهرائيندي رهي: ”جوڳي مون ........ خواب ڏٺو آهي! .......ڏاڍو پُر وحشت!“ پر لفظ جڙڻ بدران ٽٽندا ئي ويا. ”جوڳي..... ڏاڍو پُر وحشت خواب!.....جوڳي.......!!“ هوءَ ساڻي ٿي پئي!

”ڪهڙو خواب شبنم!؟“ ڳنڀير لهجي ۾ پڇيم.

”جوڳي!...... مون ڏٺو......جوڳي....“ هوءَ سڏڪي پئي! هوءَ ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهي!

”ڇا ڏٺو تو.....!؟“ شبنم جو چهرو پنهنجي هٿن ۾ سنڀالي چيم: ”ٻڌاءِ شبنم!!“

”الاءِ تہ ڇا ڇا ڏٺم!“ شبنم چيو. ”مون کان سڀ ڪجهہ وسري ويو جوڳي!“ شبنم جون اکيون وري وسڻ جا ويس ڪرڻ لڳيون، ”پر مون کان آخري گهڙيون نٿيون وسرن جوڳي!“

”ٻڌاءِ مون کي شبنم!!“ چيم.

”مون ڏٺو هڪ صحرا آهي! هڪ ويران، هڪ بيابان، هڪ نہ ڪٽندڙ صحرا! سمونڊ جيڏو صحرا! ان صحرا ۾ آئون تنها ڀٽڪي رهي آهيان! تنها! بلڪل تنها!! تنِ تنها جوڳي!!!....“ شبنم جون اکيون وري وسي پيون، هوءَ وسندڙ اکين سان مون ڏي ڏسندي رهي ۽ چوندي رهي، ”....... اوچتو انهي لامحدود صحرا ۾ منهنجي نگاهہ دور تو تي پوي ٿي! آئون توکي ڏسان ٿي، تون صحرا ۾ ڀٽڪي ڀٽڪي صحرا ٻڻجي پيل نظر ٿو اچين جوڳي!“ آئون چپ چاپ ٻڌندو رهيس، ”......تنهنجي حالت جوڳين جهڙي ٿي هوندي آهي جوڳي! اجڙيل اجڙيل! وڪريل وڪريل!......... مون ڏٺو تنهنجو منهن مونن ۾ آهي! تون ڏاڍو ٿڪل آهين! صفا مايوس آهين جوڳي!.......تنهنجي وجود تي ويراني جي واري ورندي ٿي وڃي!.......“ هوءَ ڪي گهڙيون خاموش رهجي وئي ۽ پوءِ وري چوڻ لڳي، ”جوڳي!.... آئون پنهنجا هٿ تنهنجي هٿن ۾ ڏيان ٿي!......... ۽ جهنم جنت ٻڻجي پوي ٿي!..... تنهنجي ڪمزور ۽ نراس هٿن ۾ حرارت اچي ٿي، ائين ٿو لڳي جيئن مُردا جيئرا ٿا ٿين جوڳي!“

شبنم اهو چئي ڪي ساعتون چپ رهجي وئي. شبنم کي چپ ڏسي چيم، ”پوءِ شبنم!؟“

”.......پوءِ ڇا جوڳي!“ شبنم هڪ گهرو اونهو ساهہ کنيو ۽ وراڻيو ”.....پوءِ بس خبر ناهي تہ ڪهڙي هوا گهلي ٿي جوڳي جو اهو سڀ ڪجهہ ختم ٿيڻ ٿو لڳي!“ شبنم قريب کان قريب تر ٿيندي چيو ”.....تون وڃين ٿو دور ٿيندو!......گم ٿيندو!....... وڃائجندو!!!......“ شبنم جون اکيون ڇلڪي پيون!

شبنم پنهنجي لفظن سان گڏ منهنجي وجود جي وار وار ۾ لهندي وئي! هوءَ باهہ تي برف جيان رجندي ٿي وئي! پهرين تہ سدائين ائين ٿيندو هو جو جيڪڏهن آئون ڪڏهن وکرڻ لڳندو هئس، تڏهن هوءَ مون کي سميٽي وٺندي هئي! يا وري هوءَ ڪڏهن وس ۾ نہ رهندي هئي تہ آئون کيس سنڀالي وٺندو هئس؛ پر ان ڀيري اسان ٻئي وکري رهيا هئاسين. ان ڀيري اسان ٻنهي جي حالت هڪ جهڙي هئي! اسان ڇڄڪڪِ مُٺ ۾ واري جيان هئاسين، وياسين گهر ڪندا! پروڙ ۾ پاڻي جيان هئاسين، وياسين وهندا! هڪ طويل خاموشي اسان جا چپ سبي ڇڏيا! خاموشي جي انهي طويل وقفي دوران اسان ٻيئي هڪ ٻئي تي ڳڙندا رهياسين!

عشقِ حاصل _ لا حاصل جي وچ وارو ’لا‘، جيڪو توڙي جو پهرئين ڏينهن کان ئي اسان جي اندر ۾ پالي جيان لٽل هو پر اج تائين اسان کي اهو درد ايتري شدت سان محسوس ئي نہ ٿيو هو! اسان پنهنجي دل جي دلفريب دنيا ۾ گم ٿي، انهي ’لا‘ کي گهٽو اڳ وساري آيا هئاسين. اسان کان اهو سڀ ڪجهہ پلجي ويو هو! پر اج، جڏهن شبنم پنهنجي خواب جو حال اوريو تڏهن سچ تہ ائين لڳو ڄڻ اسان گهٽو ئي ڊوڙڻ جي باوجود بہ درحقيقت هڪ قدم بہ اڳتي وڌي نہ سگهيا آهيون! صدين جي سفر کان پوءِ اسان اج جڏهن پنتي نهاريو تہ ڏٺو سين، اسان اتي ئي بيٺا آهيون جتان صديون اڳ هلڻ

شروع ڪيو هوسين! عشقِ حاصل _ لا حاصل واري انهي ’لا‘ اسان ٻنهي کي اڄ لهو لهان ڪري ڇڏيو! اسان کي ائين لڳو ڄڻ اهو وقت هاڻي تمام ويجهو آهي، جنهن کان اسان اڄتائين فرار ٿيندا رهياسين!

اهو ته اسان کي پورو پورو پتو هو ته موت برحق آهي، پر پوءِ به اسان ايترو جلد مرڻ نه ٿي چاهيو! اسان برهه جي ڀرپور جواني ۾ هئاسين سو اسان انهي عروج ۾ زوال ڏسڻ جهڙا نه هئاسين! پر انهي سموري ڳالهه ۾ به ڪو ڳجهه هو جو اسان ڳولهي نه پئي سگهياسين. عشق ۾ اسان اڃان ايترا عقلمند نه ٿيا هئاسين جو محبت جي انهي مام کي سمجهي سگهون ها! بس پوءِ اهو ئي سبب هو جو دير تائين اسان الئه ته ڇا ڇا سوچي ويٺي ڄڻا روئندا رهياسين! لڇندا ۽ تڙپندا رهياسين!

شبنم کي شايد مون مان انيڪ آسٽن جي اميد هئي ان ويل، پر آئون خود اها وارتا ٻڌي قابلِ رحم ٻڻجي پيو هئس! مان خود ڏاڍو خوفزده ٿي پيو هئس. شبنم جي انهي خواب منهنجي وجود ۾ وڍ وجهي ڇڏيا هئا! آئون پهاڙ هئس پر پرزا پرزا ٿيڻ لڳس. مون ڪيئي ڀيرا شبنم جو چهرو پنهنجي ڏڪندڙ ڪنبدڙ هٿن ۾ ڪيو ۽ حسرت ڀريل نگاهن سان ڏسي ڀيهر پنهنجي سيني ۾ سمائي ٿي ڇڏيو! هي ڪهڙو خواب هو جو روزِ ازل کان منهنجي مقدر ۾ لکجي ويو هو! هي ڪهڙو خواب هو جو منهنجي وصال جو ويري هو! منهنجي مڪملتا جو موت هو! منهنجي ڪمال جو زوال هو! آخر هي ڪهڙو خواب هو جو منهنجي حسين ترين حقيقتن تي حاوي ٿيندو ٿي ويو! مون جڏهن شبنم جو لڙڪن ۾ ٻڏل چهرو پنهنجي هٿن ۾ ڪري ڏٺو ته ائين لڳم ڄڻ انهي پُر وحشت خواب منهنجي پيار تي پاڻي ڦيري ڇڏيو هو! مون پنهنجي محبوب جو چهرو چميو ۽ سيڪجهه ڄاڻندي به خواب کان پنهنجي پر ۾ پاڳلن جيان پڇڻ لڳس، ”ڇا شبنم به مون کان وڇڙي ويندي؟ ڇا اسين جدا ٿي وينداسين؟“ پنهنجي هٿن ۾ شبنم جا هٿ قابو ڪندي خواب کان پڇيم، ”ڇا هي هٿ منهنجي هٿن مان ڇڏائجي ويندا!؟ ڇا مان تنها رهجي ويندس!؟ ڇا هي گل و گلزاز ٻڻجي پيل منهنجو جيون هڪ ڀيرو ڀيهر اڻ کٽ صحرا ۾ بدلجي ويندو!؟ پنهنجو هي وڃائجي ويل اڌ، آئون پاڻ وڃائي ڳولهڻ کان پوءِ به وري وڃائي ويهندس!؟ ڇا آئون هڪ ڀيرو ڀيهر رڻ ۾ رلي ويندس!؟ ڇا مڪمل ٿيڻ کان پوءِ وري اڌورو ٿي رهجي ويندس!؟ مان، جيڪو مسلسل ٻِهي ٻِهي پوءِ مس مس وڃي ٺهيو آهيان، ڇا آئون وري ٻِهي ويندس!؟“ شبنم جو زرد چهرو چتائي چپن ۾ چيم، ”...... ڇا هي سڀ ڪجهه ڪن پل جو کيل آهي!؟ ڇا محبتن کي ڪا معنيٰ ڪانهي!؟ ڇا برهه کي ڪا بقا ناهي!؟ ڇا عشق عارضي آهي!؟ ڇا هي سڀ ڪجهه، جهڙو آهي، تهڙو ناهي!؟“ خاموشي جي انهي طويل وقفي دوران دل ئي دل ۾ مون انهي خواب کي گهڻو ئي ڏونڌاڙيو جهنجهوڙيو هو جنهن شبنم جي ڇهري تي هيڊ هاري ڇڏي هئي. خواب کي چرين جيان جهنجهوڙيندي جهنجهوڙيندي ڪيئي ڀيرا آئون ٻيوسي منجهان سڏڪي ٿي پيس، ۽ هڪ ڀيري نيٺ سڏڪي سڏڪي سراپجي به ويس...... آئون ڏاڍو اداس هئس، آئون ڏاڍو مايوس هئس. مان

زندگي کان دور دور ۽ موت جي قريب قريب ٿيندو ٿي ويس........ پوءِ آئون جڏهن فنا ڪي انتهائي قريب پهچي ويس تڏهن موت جهڙي انهي طويل خاموشي جي آخري آخري لمحن ۾ منهنجي سماعتن ۾ ڪنهن پل هلڪي سرگوشي ٿي! مون سان آهستگي سان اهو خواب هم ڪلام ٿيو. خواب جي سرگوشي ڪي ڪن ڏنم. خواب جي انهي سرگوشي مون کي محبت جي اها مام سولي ڪري سمجهائي ڇڏي جيڪا آئون ڪجهه گهڙيون پهرين سمجهي نه سگهيو هئس! خواب جي انهي سرگوشي ۾ مون انهي ڳوڙهيءَ ڳالهه جو سمورو ڳجهه ڳولهي ورتو! خواب جي انهي سرگوشي عجب اسرار عيان ڪيا. آئون جهٽڪ موت کان ٽڙي ابدي زندگي ڏي موٽي آيس. انهي سرگوشي مون سان عشق جي آهه سلي! ان کان اڳ ۾ عشق ۾ آئون اجان ٻار هئس. انهي خواب جي سرگوشي مون کي چريي مان سياڻو ڪري ڇڏيو! برهه ۾ آئون اجان بي سمجهه هئس. انهي خواب جي سرگوشي مون کي بي سمجهه مان سمجهو بڻائي ڇڏيو!...... انهي خواب منهنجا ڳوڙها اگهيا ۽ مون شبنم جا! مون ان خواب جي حقيقت شبنم کي سمجهائڻ چاهي. آئون ڪجهه چوڻ وارو ئي هئس جو شبنم جهيڻي آواز ۾ وراڻيو "......جوڳي!"

"جي!" چيم.

"هڪ ڳالهه مڃ...." هن چيو.

"ڪهڙي؟"

هوءَ سراپا التجا ٿي وراڻي، "....... تون پنهنجو اهو نالو مٽائي ڇڏ جوڳي!" هن چيو "مون کي ڊپ ٿو لڳي!"

"ڇو شبنم!" پڇيم.

"نه بس!....." هن اداس ٿيندي چيو " مون کي ڊپ ٿو لڳي!"

مون شبنم جو چهرو چتايو هن جي چهري تي اهو خواب ئي نقش ٿيل هو! مون ڏنو ۽ سڀ سمجهي ويس. چيم، "خواب کان خوفزده ٿي وئي آهين چري!"

"..........." شبنم خاموش رهي، هن پنهنجيون اکيون جهڪائي ڇڏيون.

شبنم ڏاڍي ڊنل هئي. پهرين مان به ڏاڍو ڊڄي ويو هئس، پر خواب جي سرگوشي مون کي هماليه جو حوصلو ڏئي ڇڏيو هو. آئون اداس شبنم جي چهري تائين جهڪي آيس، اکيون اکين سان ملائيندي چيومانس، "گهڻو اڳ اهو خواب، مون به ڏٺو هو شبنم!"

اهو ٻڌي هوءَ اچرج ۾ پئجي وئي هئي، مون کيس چيو "......۽ پوءِ آئون به تو وانگر ئي ڏڙڪي پيو هئس شبنم!"

"........جوڳي!" هن کان آهه نڪري وئي. هن گهڻو ئي ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو پر ڳالهائي نه سگهي. پر ها! هن جيڪو به ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو سو سمورو آئون بنا ٻڌڻ جي ئي سمجهي ويس. ڪيس

گهوريندي چيم، ” تون ۽ مان آدم ۽ حوا جي تاريخ آهيون! پاڻ ٻيئي محبت جو ورجاءُ آهيون شبنم!“ چيم، ”تو کي مون منجهان ئي تراشيو ويو آهي! تون منهنجي ئي وجود جو وڃائجي ويل اڌ آهين! مان توکي ئي مدتن کان ڳوليندو رهيو آهيان! آئون تنهنجي ئي تلاش ۾ جهر جهنگ جهاڳيندو رهيو آهيان!“ چيم،” تنهنجي ئي تلاش مون کي رڻ ۾ روليو! تنهنجي ڳولا مون کي جوڳي بڻايو!“

”.......پر هاڻي ته پاڻ گڏجي ويا آهيون.“ هوءَ وراڻي، ”هاڻي ته تنهنجي ٻانهن ۾ آهيان!“

”ها شبنم! تو منهنجي ڏوڙ ڏوتي آهي! تو منهنجا ٿڪ لاٿا آهن! تو مون کي مڪمل ڪيو آهي!“ چيم، ”هاڻي منهنجي ڳولا ختم آهي، هاڻي مون کي ڪائي تلاش ڪانهي!......پر!“ شبنم جي وجود کي پنهنجي نگاهه سان ننهن کان چوٽي تائين تراشيم، انگ انگ سان انگ انگ تي آوارگي ڪندي چيم، ”تنهنجو انگ انگ منهنجي انگ انگ جي وسيع ڪائنات آهي شبنم! منهنجو انگ انگ تنهنجي انگ انگ تي آوارگي ڪندو رهندو آهي! منهنجو انگ انگ تنهنجي انگ انگ جو جوڳي آهي!“ چيم، ”تنهنجو جسم منهنجو جهان آهي شبنم! آئون تنهنجي وجود جي وادين جو آواره رولاڪ جوڳي آهيان!“

شبنم منهنجون اهي ڳالهيون ٻڌيون مگر پوءِ به اداس ئي رهي. زرد ئي رهي! من ڪيس پاڪر ۾ پريو ۽ چيو، ”تون منهنجي وڃائجي ويل ميراث آهين شبنم! مان هر جنم ۾ توکي ڳوليندي ڳوليندي پاڻ وڃائيندو رهيو آهيان ۽ پاڻ وڃائي وڃائي توکي ڳوليندو رهيو آهيان شبنم!“

”........ ۽ ڳولهي ڳولهي وڃائيندو رهيو آهين جوڳي!“ شبنم منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ئي ڪٽيندي چئي ڏنو.

مون کي شبنم تي ڏاڍو پيار آيو. ڪيس پيار ئي ڪندي چيم، ”نهڻ ۽ ڊهڻ روز ازل کان جاري آهي. نهڻ ۽ ڊهڻ هر وقت ۽ هر جاءِ جاري آهي! هن لمحي، هن پل ۾ به ڪا شيءِ نهي رهي آهي ۽ ڪا شيءِ ڊهي رهي آهي. نهڻ ۽ ڊهڻ عشق جو احساس آهي!“ چيم، ”اها هلچل ئي عشق جو مظهر آهي!“ ڪيس پنهنجي نگاهن ۾ جذب ڪندي چيم، ”ها! آئون نهي وري ڊهي ويندو آهيان، پر منهنجو اهو ڊهڻ، وري نهڻ جي لاءِ ئي هوندو آهي شبنم!“ شبنم ٻڌندي رهي، آئون چوندو رهيس، ”ها شبنم! آئون توکي ڳولهي ڳولهي وري وڃائي ڇڏيندو آهيان، پر اهو وڃائڻ، توکي وري هڪ ڀيرو ٻيهر ڳولهڻ جي لاءِ ئي هوندو آهي شبنم!..... تنهنجي تلاش ۾ تسڪين آهي!....... عشق ڳولها آهي! عشق جستجو آهي! عشق زندگي آهي!....... تحرڪ آهي عشق!“ شبنم کي چيم، ”هر جنم ۾ آئون پنهنجي هستي ۾ جيڪا پهرين شيءِ دريافت ڪندو آهيان، سا تنهنجي ڪمي هوندي آهي! آئون هر جنم ۾ سڀ کان پهرين تنهنجي ڪمي دريافت ڪندو آهيان ۽ پوءِ توکي دريافت ڪندو آهيان شبنم!“ چيم، ”آئون هر جنم ۾ توکي ڳوليندي ڳوليندي صحرا تي پوندو آهيان. پوءِ نيٺ تون ملندي آهين ۽ تنهنجي ملڻ سان منهنجو صحرا وجود سيراب ٿي پوندو آهي! آئون گل و گلزار ٿي پوندو آهيان، ۽

پوءِ پڇاڙيءَ ۾ نينهن کي نئين سر نئون ڪرڻ جي لاءِ ، نئين جنم وٺڻ جي لاءِ وري توکي وڃائي ڇڏيندو آهيان ۽ پاڻ به وڃائجي ويندو آهيان!........“ چيم، ”آئون روزِ اول کان اها تاريخ ورجائيندو رهيو آهيان ۽ انهي ورجاءُ جو مطلب هڪ ئي آهي ته آئون بار بار توکي دريافت ڪري پنهنجي سيني ۾ سمائي اهو ئي چوندو رهيو آهيان ته، ’مون کي توسان محبت آهي شبنم!‘“

شبنم کي پنهنجي سيني سان لڳائي چيم، ”اهو خواب، جيڪو پُر اسرار ۽ پُر وحشت هو، سو خواب، درحقيقت عشقِ حاصل _ لا حاصل جي بشارت هو شبنم!“

مون کي ان وقت، پهريون ڀيرو عشقِ حاصل _ لا حاصل جي وچ وارو ’لا‘ ڀالي جيان نه لڳو هو! ان لمحي ۾ مون انهي ’لا‘ جي معنيٰ بدلجندي محسوس ڪئي هئي! ان لمحي مون کي اهو ’لا‘، ’زمانو‘ نه لڳو هو بلڪِ محبت جو معراج لڳو هو! عشق جو عروج لڳو هو اهو ’لا‘!

بس! مون پنهنجا چپ شبنم جي مقدس پيشاني تي رکي ڇڏيا.......!

# ڳالهيون ۽ ڳوڙها......!

عشقِ حاصل _ لا حاصل واري خواب جي حقيقت، مون کيس هڪڙي سمجهائي هئي، پر هن ٻي سمجهي هئي. مون کيس گهڻو ئي اهو سمجهايو هو ته آئون هر جنم ۾ ڀهرين تنهنجي ڪمي دريافت ڪندو آهيان، پوءِ تنهنجي ڳولا ۾ پاڻ وڃائي نيٺ توکي دريافت ڪندو آهيان. ۽ پوءِ آخر ۾ نئين جنم ۾ توکي ٻيهر ڳولهڻ جي لاءِ وري وڃائجي ويندو آهيان. آئون هر جنم ۾ پاڻ وڃائي توکي ئي ڳوليندو رهيو آهيان. پر هن ائين نه سمجهيو هو. هوءَ عورت هئي، هوءَ ڏاڍي ڪمزور هئي. محبت جي معاملي ۾ مرد ته مان به نه هئس، پر پوءِ به هوءَ مون کان به وڌيڪ ڪمزور هئي. هن کي ڪيئي وهم وڪوڙي ويا هئا. هن کي بس خبر ناهي ڇو پاڻمرادو اهو خوف ورائي ويو هو ته آئون کائنس هميشه جي لاءِ وڇڙي ويندس. اوچتو ئي اوچتو اهڙو ڪو واءُ گهلندو جو منهنجو هٿ کائنس ڇڏائجي ويندو. ڏسندي ئي ڏسندي آئون ويندس وڃائجندو....گم ٿيندو........ دور....دور..... صفا دور ٿيندو....... ۽ هوءَ ويراني ۾ مون کي ائين ئي وڃائي ويهندي........!

” تون مون کي ڇڏي ته ڪونه ويندين جوڳي!؟“ شبنم ڳنڀير لهجي ۾ پڇيو.

شبنم جو لهجو ئي ڪجهه اهڙو هو جو آئون سمجهو هوندي به بي سمجهه ٿي پيس! منهنجا هماليه جيڏا حوصلا ڍهي پٽ پئجي ويا! عشقِ حاصل _ لا حاصل جي وچ وارو اهو ’لا‘، جيڪو ڪجهه گهڙيون ڀهرين مون کي محبت جو معراج لڳو هو سو هڪ ڀيرو وري پالو لڳڻ لڳو! آئون صفا ريزه ريزه ٿي پيس. خبر ناهي ڪٿان ڪا اداسي جي لهر آئي ۽ سڀ مرڪون لوڙهي وئي. دردن جا ڪي ياجوج ماجوج ڪاهي پيا هئا، سڀ ئي خوشيون جڻ چِتجي چِٽ ٿي ويون هيون. مون کي ياد آهي ان کان گهڻو اڳ هڪ ڀيري ڀهرين به شبنم منهنجي سيني ۾ سمائجي اهو پڇيو هو ته ،” تون مون کي ڇڏي ته ڪونه ويندين جوڳي!؟“

ان ڀيري جڏهن شبنم واتان اهو ٻڌو هوم ته سراپجي ويو هئس. اهو ٻڌي هيڪر ته ڏاڍو اداس ٿي پيو هئس. ڪجهه ڳالهائي ئي نه سگهيو هئس. مون کي خاموش ڏسي شبنم پنهنجو سوال وري ورجايو هو.” تون مون کي ڇڏي ته ڪونه ويندين جوڳي!؟“

منهنجي ماٺ تي شبنم هڪ ڀيرو وري جڏهن مون کي ڏونڌاڙي اهو پڇيو هو ته ڏاڍي ڀوري آواز ۾ چيو هوم،”مان توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!“

هوءَ اهو ٻڌي مون منجهه گم ٿي وئي هئي! آهستگي آهستگي سان منهنجي سيني منجهان ٻيهر آواز ٻُريو هو ”تون مون کي ڇڏي ته ڪونه ويندين جوڳي!؟“

ساڳي ئي آهستگي آهستگي سان مون به وراڻيو هو ”مان توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!“

ان کان پوءَ رکي رکي شبنم اهو ساڳيو ئي سوال ورجائيندي رهي هئي ۽ شبنم جي انهي سوال جي جواب ۾ آئون به رکي رکي اهو ساڳيو ئي جواب دهرائيندو رهيو هئس. اسان جي اها نغمگي مڌم مڌم هلندي رهي هئي. چنڊ لهي ويو هو ستارا ٽڪجي پيا هئا. رات ڪتي وئي هئي، باک ڦٽي وئي هئي. نيٺ اکين جي ڇنپ ڇنپ کان اڳ، مون شبنم کي چيو هو "مون تي ڪو شڪ اٿئي ڇا شبنم!؟"

"..........." شبنم چپ چوري نه، اکيون کڻي ڪجهه چيو هو.

" پوءِ بار بار اهو ڇو ٿي پڇين شبنم؟" چيو هومانس، " ته تون مون کي ڇڏي ته ڪونه ويندين جوڳي!؟"

شبنم پنهنجيون اکيون منهنجي اکين ۾ اٽڪائي چيو هو" اهو شڪ جي ڪري نٿي پڇان جوڳي!" هن جون اکيون ازخود جهڪي ويون هيون، "اهو بار بار ته انڪري ٿي پڇان جو آئون بار بار تنهنجي واتان اهو ٻڌڻ ٿي چاهيان ته،" هن چيو هو" ....... آئون توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!"

شبنم جي اها ورندي ٻڏي خمارجي ويو هئس. مون تي محبت جو ڪيف طاري ٿي ويو هو. آئون پاتال ۾ پيهي ويو هئس. ڪجهه گهڙيون اڳ، آئون ڇڙڪي ڪناري تي بيٺل هئس، شبنم جي انهي ورندي مون کي ڪناري تان ڪُنن ۾ ڪيرائي ڇڏيو هو. مون کي محبت جو غوطو اچي ويو هو. آئون عشق جي انهي امله غوطي ۾ ئي غرق هئس اجان. جو منهنجي سيني ۾ سرسراهٽ ٿي هئي. شبنم جا چپ وري چريا هئا، "...... تون مون کي ڇڏي ته ڪونه ويندين جوڳي!؟"

آئون ويتر پاتال منجهه پيهي ويو هئس. گهرائي جي شايد آخري سرحد هئي، جيڪا شبنم جي انهي جملي کان پهرين اجان به باقي هئي! شبنم جي انهي جملي کان پوءِ ڪا به گنجائش باقي نه رهي هئي. بس پوءِ، انهي ئي ڪري وري شبنم جڏهن اهو ساڳيو ئي سوال ورجايو هو ته آئون بنا ڪنهن وقفي جي، بنا شبنم جي ٻيهر سوال ورجائڻ جي، لاڳيتار اهو جملو اچارڻ لڳي ويو هئس، "مان توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!......مان توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!....... ها! مان توکي........" ۽ آئون مسلسل اهو چوندو چوندو الوپ ٿي ويو هئس.......

ڪاش! آئون عشقِ حاصل_لاحاصل واري خواب واري حقيقت انهن ئي لمحن ۾ لهي وٺان ها! ڪاش! انهن ئي مقدس ساعتن ۾ آئون اهو سُٽ سلجهائي ڇڏيان ها. ها! ڪاش! انهن ئي انمول گهڙين ۾ مون کي گهڻو اڳ ڏٺل اهو خواب ياد اچي وڃي ها! ها! اگر ائين ٿي پوي ها، ته آئون شبنم کي ان ئي لمحي اهو چئي ڇڏيان ها ته، "شبنم! مون گهڻو اڳ هڪ ڏاڍو پُراسرار خواب ڏٺو هو!" جيڪڏهن انهن ئي لمحن ۾ خواب مون سان ڪجهه ڳالهائي ها ته آئون شبنم کي گهڻو اڳ ڏٺل اهو خواب ٻڌايان ها، ۽ کيس چوان ها، "اڄ مون کي انهي خواب جي حقيقت معلوم ٿي وئي آهي شبنم!" ها! جيڪڏهن ائين ٿي پوي ها ته جنهن وقت شبنم اهو چيو هو ته، "اهو بار بار ته انڪري ٿي پڇان جو آئون بار بار تنهنجي واتان اهو ٻڌڻ ٿي چاهيان ته ...... آئون توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!" ته

تنهن وقت آئون ڪيس انهي خواب جي حقيقت سمجهايان ها! چوانس ها, ”هي ئي انهي خواب جي حقيقت آهي شبنم!“ ٻڌايانس ها, ”تون هر جنم ۾ مون کان فقط اهو ئي پڇندي آهين تہ, ’ تون مون کي ڇڏي تہ ڪونہ ويندين جوڳي!؟‘ ۽ اهو فقط ۽ فقط انڪري ئي پڇندي آهين جو جو تون مون واتان اهو ٻڌڻ چاهيندي آهين تہ, ’آئون توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!‘“ چوانس ها, ”شبنم! آئون هر جنم ۾ توکي اهو ئي ثبوت ڏيندي چوندو آهيان تہ, ’آئون توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!‘“ ها! ڪيس انهي خواب جي حقيقت اهو چئي سمجهائي ڇڏيان ها تہ, ”شبنم! هي جنمن جا ڦيرا آهن, جيڪي لمحن ۾ ڦري رهيا آهن!“

ها! ڪاش! ائين ٿي پوي ها! اگر ائين ٿي پوي ها تہ شبنم جي اکين ۾ ڳوڙها نہ پرجن ها! اڄ هوءَ ايتري اداس نہ هجي ها! اڄ هوءَ ايتري ڊنل ڊنل نہ هجي ها. ها! هوءَ پلي زندگي پر مون کان اهو پڇندي رهي ها تہ, ” تون مون کي ڇڏي تہ ڪونہ ويندين جوڳي!؟“ پر ائين ڪڏهن بہ نہ پڇي ها, جيئن هن اڄ پڇيو هو. ها! ان پيري ۽ اڄ, انهي ساڳي ئي سوال ۾ ڪيڏو نہ فرق هو. رات ڏينهن جو تضاد هو. نہ آئون بدليو هئس نہ شبنم بدلي هئي, نہ ئي اهو سوال بہ بدليو هو. پر پوءِ بہ ڪجهہ اهڙو هو جو بدلجي ويو هو! ۽ جنهن جي بدلجڻ سان اڄ اهو ساڳيو ئي سوال امرت مان زهر بڻجي پيو هو. اڄ جڏهن شبنم اهو سوال پڇيو تہ اداس ٿي اجهامي ويس. شبنم جو چهرو جو زرد ڏٺم تہ منهنجي وجود تي بہ هيڊ هارجي وئي!

” تون مون کي ڇڏي تہ ڪونہ ويندين جوڳي!؟“

اڄ جڏهن شبنم پنهنجو اهو سوال ورجايو تہ وڍجڻ لڳس!

شبنم جو لٽل منهن مٿي ڪيم. چيم, ”هي ڌرتي پنهنجي مدار ۾ گردش ڪري رهي آهي!“ ورائي پڇيومانس, ”ڇا هي ڌرتي پنهنجي مدار کي ڇڏي رهي سگهي ٿي شبنم!؟“

شبنم ماٺ ئي رهي, هن ڪجهہ نہ ڪڇيو. مون چيو, ”هر جاندار پنهنجي پنهنجي ڪل ۾ رهندو آهي شبنم!“ پڇيومانس, ”ٻڌاءِ..... ڪوئي پنهنجي پاڻ مان نڪري سگهي ٿو!؟“

شبنم چپ چاپ ٻڌي رهي هئي. اکيون سندس اکين ۾ ڪپائي چيم, ”تون منهنجو محور آهين مني! تون منهنجو بدن آهين شبنم!“ منهنجيون بي چيون اکيون اڄ پرجي آيون, چيم, ”مان توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!!“

اهو ٻڌي شبنم جون اکيون بہ ڇلڪي پيون. هن پنهنجو منهن هيٺ ڪري ڇڏيو. آئون ڪي گهڙيون ڇڻڪي ڪوما ۾ هليو ويس. پوءِ جڏهن پاڻ سنياليم تڏهن شبنم جو جهڪيل منهن مٿي ڪيم, ۽ پنهنجا هٿ رومال ڪري وراڻيم, ”تون جيڪا سهڻي جي تاريخ آهين! تون جيڪا دنيا جي دهشت پريي درياهہ مان ريتن, رسمن, رنگ_نسل توڙي ذات پات جون سموريون لهرون لنگهي مون سان اچي ملندي آهين! تون جيڪا پنهنجي سر جو سانگو لاهي, منهنجي ٻانهن ۾ اچي پناهہ

ڳوليندي آهين!....... مان توکي ڪيئن ٿو ڇڏي سگهان شبنم!؟“

منهنجا لفظ هن جي لاءِ آڪسيجن ٿيندا ويا. هن جي حالت ايمرجنسي وارڊ جي ڪنهن مريض جهڙي هئي! ”تون جيڪا منهنجي انهي خواب جي مرتڪب بڻي آهين جيڪو حقيقت کان وڌيڪ حسين آهي! اهو خواب، جنهن مان اگر جاڳياسين ته مري وينداسين! اهو خواب، جيڪو منهنجي مڪملتا جي حقيقت آهي!.......ٻڌاءِ! مان توکي ڪيئن ٿو ڇڏي سگهان ڇري!“ هوءَ چپ چاپ ٻڌندي ئي رهي. ”...... مون تنهنجي عشق جو آغاز پنهنجي اختتام کان ڪيو آهي، مون ته طارق بن زياد جيان توکي ٻيڙيون ساڙي فتح ڪري ڇڏيو آهي شبنم!“ منهنجيون اکيون جل ٿل هيون. ڪلهن تي هٿ رکي کيس ڏنڏاڙيم. بس اهو چوندي چوندي آئون سندس ڪلهن کان قدمن تائين وکري ويس! شبنم منهنجي وکريل وجود کي سميٽڻ لڳي. هوءَ مون تائين جهڪي آئي. هن پنهنجيون ٻانهون پيار جون پناهون بڻائي ڇڏيون. آئون سندس ٻانهن ۾ ائين محفوظ ٿي ويس، جيئن لوحِ محفوظ ۾ هر شيءِ محفوظ آهي! ”تون منهنجي لوحِ محفوظ آهين شبنم!...... آئون توکان ٻاهر ٿي ئي نٿو سگهان!..... ها! آئون توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!“

”آئون توکي ڇڏي ئي نٿو شبنم!“ اڄ مون پنهنجي انهي جملي جا ڪيئي جواز پيش ڪيا. انهي جملي جي تشريح ڪندي ڪيئي دليل ڏيندو رهيس، پر دير تائين دل ئي نه پري! ايترين ڳالهين جي باوجود به مون کي ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪجهه به نه ڳالهايم. ڳالهائيندي ڳالهائيندي منهنجو ڳلو خشڪ ٿي ويو. وسندي وسندي منهنجو دامن تر ٿي ويو. ڪو سمونڊ هجي ها ته صحرا ٿي پوي ها! ڪو صحرا هجي ها ته سمونڊ ٿي پوي ها! مگر شبنم جو عجب سوال هو! جو جيئن هو سو تيئن ئي رهيو! ماڪيءَ جي لار مان وِهه جو وٺو ٻڻجي ويل شبنم جي انهي سوال جي شدت ڇڻڪي ذرو به زائل نه ٿي سگهي! رکي رکي شبنم جو اهو سوال پاڙمرادو منهنجي سماعتن ۾ گونجڻ ٿي لڳو ۽ رکي رکي مون وري ڳالهائڻ ٿي شروع ڪيو. ”......ڇڏي ته ان کي سگهبو آهي، جنهن جي ڇڄڻ سان ڪجهه ڇڏڻو نه پوي!“ لفظ ’ڇڏڻ‘ تي ڇوهه ڇنڊيندي چيم، ” ڇڏي ته ان کي سگهبو آهي، جنهن جي هجڻ نه هجڻ سان ڪو به فرق نه پوي!“ چيم، ”ڇڏي ته ان کي سگهبو آهي، جنهن جي حاصلات جي لاءِ ڪجهه وڃائڻو نه پيو هجي!“ چيو هومانس، ”پر شبنم!....... جنهن جي حاصلات جي لاءِ پاڻ وڃائڻو پيو هجي، تنهن کي ڇڏي نه سگهبو آهي!“ چيم، ”مون پاڻ وڃائي توکي ڳوليو آهي شبنم!“ کيس ڳڙندڙ اکين سان گهوري چيم، ”تون جنهن ڇڏڻ جي ڳاله ٿي ڪرين، تون جنهن ڇڏڻ تي روئي رهي آهين، آئون انهي ڇڏڻ جو ته تصور به نٿو ڪري سگهان شبنم!“ چيومانس، ”تون جنهن ڇڏڻ جو سوچي ڇلڪي پئي آهين، آئون انهي ڇڏڻ کي عشق جو ڪفر ٿو سمجهان!..... ها! آئون توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!“ ڳالهائي ڳالهائي لفظ ڪٽائي ڇڏيم، مگر منهنجيون اهي انيڪ ڳالهيون به شبنم جي انهي سوال جا چپ سبي نه سگهيون. مون ڪيئي ڳوڙها ڳاڙيا، مگر ڇڻڪي سمونڊ به سرڪوئي نه ٿيو! شبنم ته گهٽو

پهرين ئي خاموش ٿي وئي مگر سندس سوال دير تائين گونجندو رهيو ”......تون مون کي ڇڏي ته ڪونه ويندين جوڳي!؟..... تون مون کي ڇڏي ته ڪونه ويندين جوڳي!؟......... تون مون کي..........!؟“

آئون انهي سوال جي سرگوشي جي زد ۾ ئي هئس. پر مون وٽ لفظ ئي باقي نه بچيا هئا. ان پيري مون ساهه جي آخري هڏڪي تائين ڳالهائيندي ئي رهڻ چاهيو هو مگر لفظ ترو ڏئي ويا هئا. لفظ ڪٿي ويا هئا. مون کي لفظن تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. سوچڻ لڳو هئس، ڪاش! اظهار لفظن جو محتاج نه هجي ها! ڪاش! دنيا ۾ لفظ هجن ئي نه ها! ڏند ڪرٽيندي سوچڻ لڳس، جذبن جي اظهار جو ڪو ٻيو ذريعو هجي ها، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ لفظن جيترو ڪمزور ۽ محدود نه هجي ها! پنهنجي ساءِ دل ئي دل ۾ چيم، دنيا ۾ درحقيقت سڀ کان وڏيڪ رنجشون، توڙي غلطفهميون ماڻهن جي وچ ۾ ئي ٿينديون آهن. ڏٺو وڃي ته ايترو ته حيوان به هڪٻئي سان نه وڙهندا آهن، جيترو انسان پاڻ ۾ وڙهندا آهن! انهي جو هڪ تمام اهم ڪارڻ لفظ به آهن. حيوان ڳالهائي نه سگهندا آهن، انسان ڳالهائي سگهندا آهن. مون کي ائين لڳو ڄڻ لفظن ئي رنجشون ڦهلايون آهن، لفظن ئي غلطفهميون پکيڙيون آهن. ها! مون کي هڪ لمحي جي لاءِ ته ائين ئي لڳو پر ٻئي لمحي خيال آيو، لفظن جو ته ڪو قصور ئي ڪونهي! مون کي وري پهرين جي اُبتڙ ائين پئي سمجهه ۾ آيو ته، انسان پنهنجي نوع ۾ درحقيقت حيوان کان به وڏيڪ وحشي ٿيندو آهي! اهي ته لفظ ئي آهن جن ڪيس روڪي رکيو آهي، اگر لفظ نه هجن ها ته شايد انسان گهڻو اڳ هڪٻئي سان وڙهي مري ختم ٿي وڃن ها! آئون پنهنجن ئي خيالن ۾ پاڻ سان ئي وڙهي پيو هئس. سوچيم ڪير ٿو چوي ته لفظ ناڪافي آهن، لفظ تمام محدود آهن. شبنم به ته چند لفظ ئي اچاريا هئا! ڪيترا نه پياري هئا اهي چند لفظ! آئون لاشعوري طور تي رڳو پنهنجي پاڻ سان ئي وڙهي رهيو هئس. اهو سڀ ڪجهه انهي لاشعوري ويڙهه جو ئي نتيجو هو! لفظن جو ته ڪو به ڏوهه نه هو. ڳاله فقط ايتري ئي هئي جو آئون بيوسي منجهان پاڻمرادو پيداهه جو شڪار ٿي پيو هئس. سوچيم پئي، ڪيترا نه وسيع هئا شبنم جا اهي چند لفظ ۽ ڪيترا نه محدود هئا منهنجا انيڪ لفظ! شبنم جا اهي چند لفظ به ڪيترا نه قداور هئا جو منهنجيون اڻڳڻيون ڳالهيون ۽ ڳوڙها به گڏجي سڏجي شبنم جي انهن چند لفظن جي برابر ٿي نه پئي سگهيا!

”هڪ ڳاله چوان جوڳي!؟“ شبنم طويل خاموشي ٽوڙيندي چيو.

”چئو.“ چيم.

ڪجهه ترسي شبنم چيو ”........مون کي مردن کان ڏاڍو ڊپ لڳندو آهي جوڳي!“

اهو ٻڌي شبنم ڏي ڏٺم، ڪجهه دير ڏسندو ئي رهيس. پوءِ چيومانس، ”مان مرد نه آهيان شبنم!“

”........“ شبنم خاموش سوال بڻجي چتايو.

”عاشق، نه مرد ٿيندو آهي نه ئي عورت!“ چيم، ”عاشق بس عاشق ٿيندو آهي!“

منهنجي انهي ڳاله جو شبنم تي ڪو خاص اثر نه ٿيو. هن جهڪيل ڇهري سان مون کي ڏٺو پئي.

مون هن ڏانهن ڏٺو. هن جي چهري تان سيئي سوال ڏنڌلا ٿيندا ٿيندا ختم ٿي ويا ۽ آهستي آهستي سندس چهري تي ساڳيو ئي جملو ڦهلجي ويو ته ”.....مون کي مردن کان ڏاڍو ڏپ لڳندو آهي جوڳي!“

”شبنم! تون انهن مردن جي ڳالهه پئي ڪرين، جن جا ڪارناما روز جي اخبارن ۾ ڇپبا آهن!“ چيم، ”اهي، جيڪي مظلوم ماين کي مڙسي ڏيکاري مردانگي جي دعويٰ ڪندا آهن. اهي جيڪي خدا جي خوبصورت ترين تخليق کي پنهنجي پيرن جي جتي سمجهندا آهن! اهي، جيڪي عزت ۽ غيرت جي نالي تي پنهنجي سموري وحشت رڳو عورت تي ظاهر ڪندا آهن!“ چيومانس، ”تون انهن مردن جي ڳالهه ٿي ڪرين، جيڪي مائي کي ملڪيت ٿا سمجهن!“ چيم، ”اهي، جيڪي عورت کي ٽشو پيپر ٿا سمجهن!“ منهنجا جذبات ايري پيا هئا. آئون جذباتي ٿي پيو هئس. ٽڙڪندي شبنم کي چيو هوم، ”اهي مرد نه، نامرد ٿيندا آهن!“ منهنجي لهجي ۾ تلخي اچي وئي هئي، ڪروڌ مان چيم، ”شبنم! عورت کي رڳو رانديڪو سمجهڻ وارا مرد، مرد نه ٿيندا آهن. منهنجي نظر ۾ اهي مرد نه بلڪِ مُردا ٿيندا آهن!...... مردار ٿيندا آهن!“ چيم، ”شبنم آئون اهڙو مرد ناهيان.....!“

شبنم ٻڌندي رهي. هن ڪجهه نه وراڻيو. آئون جڏهن ماٺ ٿي پيس ته هر طرف خاموشي ڇائنجي وئي! دير تائين اها خاموشي برقرار رهي! اها خاموشي ڄڻڪِ اداسي جي ماءُ هئي. اداسي وڌندي وئي. اهڙي اداسي اسان تي اڳ ڪڏهن نه ڇانئي هئي! ڏاڍي پُر وحشت اداسي هئي. سارو عالم سوڳوار ٿي پيو هو. شبنم جو اداس چهرو مون کان ڏٺو ئي نه ٿيو. ڪيس چيم، ”ڪجهه چهرا، مرڪن جي لاءِ مخصوص ٿيندا آهن شبنم!“ شديد اداسي برپا هئي مگر دل تي پٿر رکي چيم، ”شبنم! تنهنجو چهرو، مرڪن جي فصل جي لاءِ زرخيز ترين زمين آهي!“ چيم، ”تنهنجو هي مقدس چهرو ته زندگي جي علامت آهي شبنم! تنهنجي چهري جي اداسي زندگي جي توهين آهي!.......شبنم! تون اداس نه ٿي پليز.....!“

مان دير تائين ائين ئي ڳالهائيندو رهيس. مون پنهنجي اداس چهري سان گهڻو ئي مرڪن جي وڪالت ڪئي. گهڻو ئي ڪيس چيم، ”مرڪون تنهنجي چهري جون محتاج آهن، مرڪون تنهنجي چهري تي وڪرڻ جي لاءِ بيتاب آهن شبنم!!“ مگر پوءِ به شبنم جي چهري تي مرڪون وکري ئي نه سگهيون. هوءَ اداس ئي رهي!

ان پيري شبنم تمام گهٽ ڳالهايو. ان پيري هن ڳالهائڻ ته گهڻو ئي ٿي چاهيو پر ڪيئي پيرا لفظ سندس نڙي ۾ ئي اٽڪي ٿي پيا! لفظ سندس زبان تائين ايندي ايندي دم ٿي ڏئي ويا! ها مگر تنهن هوندي به ان پيري هن جيڪو به ڪجهه ڳالهايو تنهن جي پسِ منظر ۾ فقط هڪ ئي سوال هو. اهو ئي ساڳيو سوال! هن جيڪو به ڪجهه ڳالهايو سو درحقيقت، انهي ساڳي ئي سوال جو ورجاءُ هو. لفظ بدليا ٿي، جملا بدليا ٿي، مگر سوال اهو ئي ساڳيو هو ته ”.......تون مون کي ڇڏي ته ڪونه ويندين جوڳي!؟“

ان پيري مون تمام گهڻو ڳالهايو. مون ان ڪان پهرين، اڳ ڪڏهن ساڻس ايترو نہ ڳالهايو. ڪيئي پيرا ڳالهائيندي ڳالهائيندي تڪجي ٿي پيس، پر تڪجي تڪجي بہ وري وري ٿي ڳالهايم! ها مگر ان ڏينهن مون جيڪو بہ ڪجهہ ڳالهايو، تنهن جي پسِ منظر ۾ بہ جملو فقط هڪ ئي هو! اهو ساڳيو ئي جواب! ڳالهيون ڳچ هيون مگر اهي سڀ درحقيقت، ان ساڳي ئي جواب جو ورجاءُ هيون تہ، ”مان توکي ڇڏي ئي نٿو سگهان شبنم!!!“

# محبتون ۽ مامتا......!

خاموشي........! ڪافي دير کان خاموشي ئي ڇانيل هئي. موت جهڙي خاموشي! آئون انهي موت جهڙي ماٺار ۾ اسان جي فولادي ديوار جهڙي محبت ۾ بي سبب پئجي ويل ڏارن جا سبب ڳولهي رهيو هئس. سوچي رهيو هئس تہ اسان تہ ڪنهن جي نظر تي بہ نہ چڙهيا هئاسين، پوءِ اسان کي آخر ڪنهن جي نظر لڳي وئي هئي؟ اسان تہ سدائين رات جي آغوش ۾ چنڊ ۽ ستارن جي ٿڌي ٿڌي روشني ۾ ملندا رهياسين، پوءِ آخر رات جي انهي چنڊ ۽ ستارن جي ٿڌي ٿڌي روشني ۾ اوچتو ئي اوچتو سج، سو بہ سوا نيزي تي ڪيئن لهي آيو؟ درد، بي منداتي مينهن جيان اسان جي عشق جي آغوش تي بنا آگم جي وسي پيو هو! اهڙي تہ ڪا ڳاله بہ ڪا نہ ٿي هئي، جيڪا درحقيقت جنت جي جهنم بڻجڻ جو باعث بڻجي ها! بس! اهو ئي هڪ خواب هو عشقِ حاصل _ لا حاصل وارو خواب! جيڪو شبنم جي دل ۾ ڇيت ٿي رهجي ويو هو! آئون اها ڇيت ڇڪي ڇڪي ٿڪجي پيو هئس پر اها ڇيت مون کان نڪتي ئي نہ ٿي. شبنم اجان تائين انهي خواب جي زد ۾ هئي. بس مسئلو رڳو هيءُ ٿي پيو هو جو هوءَ انهي خواب کي مون جيان سمجهي نہ سگهي هئي! هوءَ محبت جي اها مام سمجهي نہ سگهي هئي! مون ڪيس گهڻو ئي سمجهايو پر سمجهائي نہ سگهيس! مان مسلسل ڪيس سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس پر هوءَ هئي، جا وکرندي ئي ٿي وئي! مان گهڻو ئي ڪيس سميٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس مگر هن جي حالت ڪجهہ اهڙي هئي جو هن کي سميٽيندي سميٽيندي هاٿي تہ آئون پاڻ وکرڻ لڳو هئس! شبنم اڄ بہ ڏاڍي اداس اداس هئي، هن ڪافي دير کان ڪجهہ نہ ڳالهايو هو. هن جي چپ تي مان بہ چپ هئس. نيٺ خاموشي جي هڪ تمام ڊگهي وقفي کان پوءِ شبنم ڪجهہ ڳالهايو پر هن ڳالهايو اهڙو جو اهڙي ڳالهائڻ کان اها موت جهڙي خاموشي ئي بهتر هئي. شبنم پڇيو، ”تون منهنجو انڌو اعتماد تہ نہ ٽوڙيندين جوڳي!؟“

شبنم واتان اهو ٻڌي اندر ہ اڌ ٿي پيس. روح، دل، جگر پارا پارا ٿي ويم. منهنجي اندر ۾ آڳ لڳي وئي. منهنجي اکين منجهان شعلا اُلا ٿي پڙڪيا. ڪيس گهوريندي چيم، ”انڌو اعتماد تہ پٿر جا بُت بہ نہ ٽوڙيندا آهن!“ چيم، ”آئون تہ پوءِ بہ جيئرو جاڳندو انسان آهيان شبنم!“ شعلا شبنم ٿي پيا. منهنجيون اکيون پرجي آيون!

شبنم اها ورندي ٻڌي پٿرائجي وئي! هوءَ خاموش رهجي وئي. پر مان خاموش نہ رهي سگهيس، چيم: ”انڌو اعتماد تہ بُتن کي بہ پڳوان بڻائي ڇڏيندو آهي!“ چيم، ”آئون تہ جهڙو تهڙو ئي سهي پر پوءِ بہ انسان آهيان شبنم!“ منهنجو ڳلو خشڪ ٿي ويو. ڪجهہ ترسي چيم، ”ماڻهو فرش تي سجدو ڪندا آهن تہ دعائون عرش تي اگهامنديون آهن! اهو انڌو اعتماد ئي آهي شبنم، جيڪو خاڪ کي

بہ پاڪ ٻڌائي ڇڏيندو آهي! مٿي کي معتبر ڪري ڇڏيندو آهي!...... انڌو اعتماد وڏي ڳالهہ آهي!“ کيس چيم، ”انڌو اعتماد ڪا عام ڳالهہ ناهي شبنم!!“

منهنجي انهن لفظن شبنم جون اکيون جهڪائي ڇڏيون. هن جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو. مون پنهنجي ڪنبڌڙ هٿن سان سندس منهن مٿي ڪيو ۽ رجنڌڙ لهجي ۾ چيو ”ها! آئون پڳوان تہ هرگز ناهيان شبنم! مگر آئون صفا اهڙو بہ ناهيان جو تنهنجو انڌو اعتماد ٽوڙي ڇڏيان!“ ٽوٽا ٽڪرا ٿيندي چيم، ”آئون پاڻ تہ ٽٽي ويندس مگر تنهنجو انڌو اعتماد ڪڏهن نہ ٽوڙيندس!“

شبنم پنهنجيون جهڪيل اکيون مٿي ڪري مس مس مون ڏي نهاريو. مون سندس نگاهن ڏي نهاريو. اکيون جڏهن اکين سان مليون تہ اسين ٻئي ماٺ ٿي وياسين. نہ هن ڳالهايو نہ مون! اسان جون اکيون هڪٻئي جي اکين ۾ ئي گم ٿي رهجي ويون. اکين جو اهڙو ميل اڳ بہ ڪيئي ڀيرا ٿي چڪو هو. هن اڳ بہ انيڪ ڀيرا مون ڏي نهاريو هو پر اڄ هن جو نهارڻ عجب هو. هن اڳ ڪڏهن مون کي اهڙي طرح نہ نهاريو. مون ڏٺو اڄ هن چهري ۾ عجب اسرار هئا! هوءَ ڏاڍي پُر اسرار انداز سان مون منجهہ گهوري رهي هئي! مون گهڻوئي سندس اها اڻ چئي ڳالهہ سمجهڻ چاهي، پر مون کي هن ڀيري ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو! ڪجهہ ڪڇڻ، ڪجهہ پڇڻ بہ چاهيم، پر شبنم جي نگاهن ۾ ان وقت الئہ تہ ڪهڙي قوت هئي، جو مون کي ايتري مجال بہ نہ ٿي سگهي! مون کي هڪ پل الئہ ڇو ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هوءَ شبنم نہ هئي، منهنجي ماءُ هئي! جيڪا مدتن کان پوءِ اڄ مون ڏي ڀهريون ڀيرو ڏسي رهي هئي. پر ٻئي پل وري ائين ٿي لڳو ڄڻ هوءَ منهنجي ئي ڪا وڇائجي ويل ٻارڙي هئي! جيڪا هڪ عرصو دور رهڻ کان پوءِ مون کي اڄ ڀهرين نظر ڏسي رهي هئي! هڪ لمحي جي لاءِ مون کي ائين ٿي لڳو ڄڻ هوءَ اڄ مون کي ائين ڏسي رهي هئي، جيئن ڪا ماءُ پنهنجي اولاد ڏي ڏسندي آهي، وري ٻئي لمحي مون کي ائين ٿي لڳو ڄڻ اڄ هوءَ مون کي ائين ڏسي رهي هئي، جيئن ڪو ٻار پنهنجي والدين ڏي ڏسندو آهي. هن جي چهري ۾ عجيب قسم جي چمڪ هئي اڄ! سچ پچ! ڪنهن پل هن جي چهري ۾ اڄ محبت بجاءِ مامتا ٿي جرڪي، تہ ڪنهن لمحي وري مامتا بجاءِ معصوميت ترورا ٿي ڏنا! آئون انهي ئي حيراني ۾ هئس جو شبنم پڇيو ”استار ڪهڙو اٿئي جوڳي؟!“

مون کي شبنم جو اهو سوال ڏاڍو اوپرو اوپرو لڳو پر مون بنا ڪنهن سوال جي جواب ڏنو، ”الائجي!..... خبر ئي نہ اٿم.“

”مان ٻڌايان!؟“ شبنم چيو ”مون کي خبر آهي!“

”ها!“ کيس چيم، ”ٻڌاءِ.“

”Virgo.“ هن ٻڌايو.

”ڪيئن!؟“ پڇيومانس.

”بس آهي ئي. Virgo“ هن مڪمل اعتماد سان چيو.

” تون اهو علم ڄاڻين ٿي ڇا شبنم؟“ پڇيم.

”نہ!“ هن وراڻيو.

” پوءِ توکي ڪهڙي خبر؟!“ چيم.

”بس مون کي خبر آهي نہ!“ هن چيو ”تون پلي وڃي ڪنهن کان بہ پڇا ڪر!“

”نہ پر تو ائين ڪيئن چيو شبنم!؟“ چيم، ”آخر ڪا تہ ڳالهہ بہ هوندي!“

منهنجي ضد تي هن ڪجهہ ترسي چيو ”منهنجي بابا جو بہ اهو ئي استار آهي، ان ڪري چيم!“

مون جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي تہ حيراني ويتر وڌي وئي! ”........!“ مون کان تہ ڪجهہ ڳالهايو ئي نہ ٿيو!

”منهنجو بابا بہ تو جهڙيون ئي ڳالهيون ڪندو آهي جوڳي!“ شبنم چيو.

آئون ماٺ ٿي رهجي ويس. ان ئي دوران شبنم وراڻي، ”جوڳي! تون اڄ صفا منهنجي پيءُ جهڙو ٿو لڳين مون کي!“

شبنم واتان اهو جملو ٻڌم تہ پوءِ مون کان بہ رهيو نہ ٿيو چيم، ”سچ ٻڌايان !؟“

”ٻڌا!“ هن چيو.

ڪجهہ ترسي کيس چيم، ”تون بہ اڄ صفا منهنجي ماءُ جهڙي ٿي لڳين مون کي!“ منهنجا چپ ٿڙڪي رهيا هئا!

شبنم اهو ٻڌي حيرت ۾ پئجي وئي. هن جي چهري تي ڏاڍي پياري مرڪ تري آئي. شبنم کي مرڪندي ڏٺم تہ ڄڻ صدين جا ٿڪ لهي ويم. مان ڄڻڪِ مدتن کان انهي مرڪ جو منتظر هئس. مون کي ان لمحي شبنم جي چهري تان خوف جا پاڇا پري ٿيندي نظر آيا. لک شڪر ڪيم. مون پيهر ڏاڍي ڳنڀير ۽ معصوم لهجي ۾ اچاريو ”ها شبنم! اڄ تون صفا منهنجي ماءُ جهڙي ٿي لڳين مون کي!“

پوءِ وري خاموشي جو هڪ گهرو غوطو آيو. ڪو آواز باقي نہ رهيو سواءِ اسان جي اونهن گهرن ساهن جي سرگوشي جي! عجيب ڳالهيون هيون، جن کي ڳالهائيندي ڳالهائيندي بار بار اسان جا لهجا ڀاري ٿيندا ٿي ويا! ۽ بار بار اسان چپ رهجي ٿي وياسين. هينئر بہ ڪي ساعتون اسان ٻئي چپ رهجي وياسين، پوءِ ڪنهن لمحي شبنم وراڻيو ”جوڳي! مون کي الاءِ تہ ڪهڙا ڪهڙا وهم ٿا ورائي وڃن هاڻ!“

”مون تي ڪو شڪ اٿئي شبنم؟!“ منهنجي ڇاتي وري ڇيهون ڇيهون ٿي پئي!

”اها ڳالهہ تہ ناهي جوڳي!“ هن چيو.

”تہ پوءِ؟“

”جيڪا شيءِ ماڻهو جي دل کي بيپناهہ وڻندي آهي نہ جوڳي!“ هن چيو، ”پوءِ ان جي وڃائجي وڃڻ

جو هروڀرو به ڏک رهندو آهي جوڳي!“

شبنم جو جملو ته ڏاڍو ڀلو هو پر مون کي ان وقت اصل نه وڻيو. مون ڪيس چيو ”پهرين ته ڪو نه رهندو هو ڏک!“ چيم، ”ڇا پهرين مان تنهنجي دل کي بيپناه وڻندو نه هئس!؟“ ڪجهه ترسي چيم، ”شبنم منهنجي دل ۾ ته ڪو ڏک ناهي!“ پڇيومانس، ”ڇا منهنجي دل کي تون بيپناه وڻندي ناهين!؟...... ٻڌاءِ شبنم!؟“

”مون کان اهو پُر وحشت خواب نٿو وسري جوڳي!“ هن چيو ”ڏک اتم ته تون ڪٿي وڃائجي نه وڃين!“

خواب واري ڳالهه مون تي بجلي ٿي ڪڙڪي، ”منهنجي غيرت کي گار نه ڏي شبنم!“ مون کان برداشت نه ٿي سگهيو. چيم، ”ايترو بار ته خدا بندي تي به نه رکندو آهي جيترو هو ڪٿي نه سگهي........ مون تي ايترو بار نه رک شبنم!“

هوءَ اهو ٻڌي ڪجهه ڳالهائي نه سگهي. هوءَ چپ رهجي وئي پر منهنجي دل جو بار اڃان هلڪو نه ٿيو هو. ”رانديڪا، ٻارن جي ڪائنات ٿيندا آهن. رانديڪا ٻارن کي ڏاڍا عزيز ٿيندا آهن شبنم!“ مون چيو ”پر تو ڏٺو هوندو ته ڪي ضدي ۽ چيڙاڪ ٻار ڪاوڙ ۾ پنهنجا رانديڪا پاڻ ئي ڀڃي ڇڏيندا آهن!“ محبتن جو قسم! اهو چوندي چوندي منهنجيون اکيون آليون ٿي ويون. ”شبنم! مان هر معاملي ۾ ڏاڍو برداشت ڪندڙ آهيان. مان اڪثر ماٺ ۾ ئي رهندڙ آهيان. پر محبت جي مامري ۾ مان ڏاڍو ضدي ۽ ڏاڍو چيڙاڪ آهيان!“ چيم، ”ان جو به هڪ سبب آهي، ۽ سبب اهو آهي جو مدتن تائين آئون محبتن لاءِ ائين سڪندو رهيو آهيان جيئن غريب جو ٻار خرچي جي لاءِ!“ ڪيس چيم، ”يقين ڪر ته شبنم! ان ۾ منهنجو ڪو به ڏوهه ناهي! بس، مدتن تائين محبتن جي انهي نه ملڻ، مون کي ڏاڍو ضدي ۽ چيڙاڪ بڻائي ڇڏيو آهي!“

شبنم چپ چاپ ٻڌندي رهي. آئون وقفي وقفي سان ڳالهائيندو رهيس. ”شبنم! مدتن تائين محبتن جي انهي نه ملڻ، محبت جي مامري ۾ مون کي انتها پسند بڻائي ڇڏيو آهي!“ ڳيت سان پنهنجي خشڪ نڙي آلي ڪيم، ساهه سامت ۾ آڻي چيم، ”زهر جو علاج زهر سان ٿيندو آهي شبنم!....... محبت جي معاملي ۾ آئون پنهنجي فطرت ۾ زهر آهيان شبنم!....... درد کي درد سان ميٽيندو آهيان!..... هڪ زخم کي ٻئي زخم سان ڀريندو آهيان!“

مان ٻيهر رڪجي ويس. شبنم جي ڳالهائڻ جو انتظار ڪيم پر هن وري به ڪجهه نه ڳالهايو. هوءَ اگر مون سان گڏ گڏ ڪجهه ڪجهه ڳالهائيندي رهي ها ته شايد منهنجيون ڳالهيون ايتريون بي ترتيب نه ٿين ها! مگر هن جي چُپ، منهنجيون ڳالهيون ٽيڙي پڪيڙي ڇڏيون. مان الاءِ ته ڇا ڇا چوندو رهيس، ”محبت ۾ ڪا به ملامت نه ٿيندي آهي. عشق، عين عبادت آهي شبنم! پيار اگر پٿر سان به ٿي پوي ته به پيار ۾ ڪو پڇتاءُ نه ٿيندو آهي! نينهن ۾ نقصان نالي ته ڪا شيءِ آهي ئي ڪانه! برهه اها

بازار آهي، جنهن ۾ جيڪڏهن سڀ ڪجھ بہ لٽائي وڃائي ڇڏجي، تڏهن بہ عشق ڪڏهن اجايو نہ ٿيندو آهي شبنم!“ ڇيومانس.

محبت ڪنهن بہ شيءِ جي محتاج نہ ٿيندي آهي! نہ وفا جي، نہ جفا جي! نہ ملڻ جي، نہ ڇڄڻ جي!“ چيم، ”ها! محبت ڪنهن بہ شيءِ جي محتاج نہ ٿيندي آهي!....... ايتريقدر جو محبت خود، محبت جي بہ محتاج نہ ٿيندي آهي!......ڇو تہ محبت هر ڪنهن جي ذاتي ٿيندي آهي!“ ورجائي ڇيومانس، ”ها شبنم! اها ڳالھ هميشہ هميشہ ياد رکجان تہ محبت هر ڪنهن جي پنهنجي ذاتي ٿيندي آهي! محبت کي ڪڏهن مَٽائي نٿو سگھجي! اها بس، جنهن وٽ جهڙي هوندي آهي، تنهن وٽ تهڙي ئي هوندي آهي!“ کيس چيم، ”مون کي ڏاڍي حيرت ٿيندي آهي جو هتي هر ڪوئي ٻئي کي بيوفا چوندو آهي! اهي جيڪي ٻئي کي بيوفا چوندا آهن، سي پاڻ بيوفا هوندا آهن. جيڪي پاڻ کي پارسا سمجھندا آهن، سي خود گنهگار هوندا آهن شبنم!....“ خبر ناهي ڪٿان مون ۾ ايترو زهر پرجي ويو هو جو اوڳاڇيندو ٿي ويس!

”لفظ تلوار کان وڌيڪ طاقتور ٿيندا آهن جوڳي!“ شبنم پڇندي پُرندي وراٽي.

پر مان ان وقت طيش ۾ هئس، سو مون کي شبنم جو اهو جملو بہ ڏاڍو ڇسو لڳو. منهنجي تلخي اڃان بہ وڌي وئي. اصل ۾ مان شبنم تي نہ خواب تي ڪاوڙيل هئس. مان ان وهم ۽ گمان تي ميڇريل هئس، جيڪو شبنم جي دل ۾ ويهي رهيو هو! مان لاشعوري طور تي تہ ان وهم سان ئي وڙهي رهيو هئس. پر جيئن تہ سامهون شبنم هئي سو ٿي ائين رهيو هو. جو آئون ڪنهن ضدي ۽ چيڙاڪ ٻار جيان پنهنجو رانديڪو پاڻ ئي پچي رهيو هئس. اهو رانديڪو جيڪو منهنجي ڪل ڪائنات هو! ها! اهو ئي رانديڪو جيڪو مون کي بيپناهہ پيارو هو! شايد خدا بہ هڪ ڏينهن پنهنجي هن ڪائنات کي ائين ئي ملياميٽ ڪري ڇڏيندو! ها سو شبنم جڏهن پڇندي پُرندي اهو جملو اچاريو تہ ’لفظ، تلوار کان بہ وڌيڪ طاقتور ٿيندا آهن جوڳي!‘ تہ مون کي بس ان وقت اهو جملو بہ روايتي ئي لڳو. چيم، ”اهو تہ نسورو ڪوڙ آهي شبنم!......... اهو تہ ڪنهن تو مون جهڙي پاڳل جو جملو آهي چري!“ بنا سوچي سمجھي ڳالهائيندو رهيس، ”لفظ جيڪڏهن تلوار کان وڌيڪ طاقتور هجن ها تہ دنيا ۾ ايتريون جنگيون هرگز نہ لڳن ها! لفظ اگر تلوار کان وڌيڪ طاقتور هجن ها شبنم تہ، توکي ماڻهو تہ ڳولهيي نہ لڀن ها!...... ڪوڙ سارا ماڻهو تہ لفظن سان ئي مري وڃن ها!“ چيم، ”......آئون تہ شايد پيدا ٿيندي ئي دم ڏئي وڃان ها!“ ڪجھ ترسي ڇيومانس، ”لفظن سان نڪ تہ وڍي سگھجي ٿو پر رت نٿو ڪڍي سگھجي!!.... لفظ تلوار کان وڌيڪ طاقتور نہ ٿيندا آهن!...... لفظ ڏاڍا ڪمزور ٿيندا آهن شبنم!!“

شاباس هجي شبنم کي جو هن ايترو ڪجھ برداشت ڪيو پر آھ نہ پري! منهنجي وجود ۾ جيترو بہ زهر هو سو سڀ مون مٿس اوتي ڇڏيو! عجيب ڇوڪري هئي خدا جو قسم! جو جيئن ڪو چاٺو ۽

ڀُراڻو جوڳي ڪنهن نانگ ڪکيل جو زهر چوسي ڪيس بچائي ڇڏيندو آهي، تيئن شبنم بہ منهنجو سمورو زهر چوسي مون کي بچائي ورتو! مون کي جيئن تي آيو تيئن تي ڳالهائيندو ويس. مان دير تائين الائي تہ ڇا ڇا ڳالهائيندو رهيس پر هوءَ چُپ چاپ اهو سڀ ڪجھ ٻڌندي رهي! مان پاڻ ئي ڳالهائي ڳالهائي ٿڪجي پيس ۽ ماٺ ٿي ويس. پوءِ ڪافي دير تائين نہ هن ڳالهايو نہ مون! شبنم جي اها ماٺ، عجب ماٺ هئي! اها ماٺ منهنجون سموريون ڳالهيون ڳهي وئي! هن جي ماٺ مون کي ماري ڇڏيو! ها! هن جي انهي خاموشي مون کي فتح ڪري ڇڏيو. ڪافي دير کان پوءِ جڏهن هوش ۾ آيس تہ پنهنجي لفظ لفظ تي ڏاڍو پشيمان ٿيس. دير تائين تہ ڪنڌ کڻي ڏانهنس ڏسڻ جي بہ جرئت نہ ٿي سگهي، پر پوءِ ڪنهن پل مون ڏاڍي شرمندگي سان اکيون کڻي شبنم ڏي نهاريو. مون ڏٺو هوءَ ڏاڍي پيار منجهان مون ڏي ڏسي رهي هئي. هن جي چهري تي ڪا شڪوه شڪايت نہ هئي! هن مون کي پشيمان ٿيڻ جو بہ موقعو نہ ڏنو. اونهون ساهہ کڻي ڪيس چيم، ”ڪير ڪنهن کي ايترو برداشت ڪري ٿو سگهي پاڳل!......ڪير بہ نہ!“ ڪجھ لمحا وري ماٺ ٿي ويس ۽ پوءِ چيم، ”ڪاوڙ تہ محبوبائن جي نڪ تي رهندي آهي هر وقت! محبوبائون تہ روز پيون رسنديون آهن چري! عاشق ويچارا تہ ڪين پرچائي پرچائي ٿڪجي پوندا آهن! پر هُو تہ پرچائي نہ پرچنديون آهن! اهي تہ روز رسڻ جا بهانا پيون ڳوليندريون آهن!“ پڇيومانس، ”پر تون ڪهڙي محبوبا آهين آخر!؟“ حساس لهجي ۾ چيم، ”ڇو ايترو برداشت ڪندي آهين مون پاڳل کي؟ ڪيئن ايترو صبر ڪري ويندي آهين تون؟.... ڇو پنهنجي انا کي منهنجي انا جي سامهون نہ آڻيندي آهين شبنم!؟ ڇو!.....آخر ڇو!؟“

”مان فقط محبوبا ئي ناهيان جوڳي!“ شبنم مون کي ڏاڍي شفقت واري انداز ۾ چيو. ”مان هڪ ضدي ۽ چيڙاڪ ٻار جي ماءُ بہ آهيان جوڳي!“

شبنم جو اهو جملو ماحول ۾ ڏڪڻ جي هير ٿي گهُلي ويو....هن جي انهي جملي سان عجيب تبديلي اچي وئي. لمحن ۾ سڀ ڪجھ بدلجي ويو...... مون کي ڪجھ سمجھ ۾ ئي نہ آيو. شبنم جو اهو جملو ٻڌُم تہ صفا ٻي سمجھ ٻار ٿي پيس! خبر ناهي تہ ڪٿان ۽ ڪيئن منهنجي منهن تي معصوميت تري آئي! الائجي تہ ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني آئون اکڇنڀ ۾ ارڏي عاشق مان ڦري ابهم ٻار بڻجي پيس! پوءِ بس آهستگي سان آئون پاڻمرادو شبنم جي آغوش ۾ اچي ويس. پر ها! ائين نہ، جيئن ڪو عاشق پنهنجي محبوبا جي آغوش ۾ اچي ويندو آهي؛ بلڪِ ائين، جيئن ڪو معصوم ٻار پنهنجي ماءُ جي آغوش ۾ اچي ويندو آهي!.....

نہ هن ڳالهايو نہ مون!........خاموشي ڇانئجي وئي...... مڪمل خاموشي....... خاموشي..... بس خاموشي.........!

# تڪميل جي تصديق

”هڪ ڳالهه چوان؟“

”چئو شبنم.“

هن هڪ ٿڌو اونهون ساهه کنيو. منهنجي اکين ۾ نهاريو ۽ چيو: ”پهرين هڪ واعدو ڪر جوڳي.“

”ڪهڙو واعدو؟“ اداس ٿي پيس.

”جوڳي، واعدو ڪر ته اڄ مان جيڪا به ڳالهه پڇنديس، سا سچ سچ ٻڌائيندين.“ هن چيو: ”لڪائيندين ڪونه ڪجهه به جوڳي.“

مان زخمي ته ڏاڍو ٿيس، دل ته چاهيو ته قيامت برپا ڪري ڇڏيان مگر ان لئه چو ڪک به نه چوريم: بس اکيون جهڪائي صرف اقرار ڪيم. چيم: ”ها شبنم، پڇ.“

هو ڪجهه ترسي، هن منهنجو اداس چهرو پڙهيو ۽ پوءِ پڇڻ کان پهرين چيائين، ”ناراض ته ڪونه ٿيندين جوڳي؟“

شبنم، جنهن جون ڳالهيون شراب هونديون هيون، اڄ انهيءَ شبنم جون ڳالهيون شيهو ٿي لڳيون: گهڻو ئي ڪجهه چوڻ چاهيو هيم، پر بس وري به ان لئه چو ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍيم، فقط ايترو ئي چيم: ”نه.“

شبنم پڇيو: ”جوڳي، ڇا آئون تنهنجي پهرين محبت آهيان؟“

”نه!“ ڪجهه ترسي ڪيس چيم: ”تون منهنجي آخري محبت آهين شبنم.“

هن جي چهري تي گمان جون ريکون ابري آيون. چيومانس ”محبت فقط محبت ٿيندي آهي. محبت پهرين يا آخري نه ٿيندي آهي: سو منهنجي اها محبت تون آهين!“

شبنم جي دل ۾ ڳالهه ئي اهڙي هئي، جو جنهن تي منهنجي ڪنهن به ڳالهه جو ڪو به اثر نه ٿيو. هن اکيون کڻي مون ڏي نهاريو پر هوءَ گهڻي دير منهنجي اکين سان اکيون ملائي نهاري نه سگهي: نيٺ هن پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪري دل جي ڳالهه زبان تي آندي: ”جوڳي، تنهنجي زندگي ۾ مون کان پهرين ڪا ڇوڪري آئي؟“

نيٺ شبنم اڄ اهو سوال پڇي ئي ورتو جيڪو هڪ نه هڪ ڏينهن ڪيس پڇڻو ئي هو. هو پلي اهو سوال سئو ڀيرا پڇي ها، هزار ڀيرا پڇي ها: مگر گهڻو اڳ پڇي ها، اڄ نه پڇي ها! هن ڪي

جيڪڏهن پڇڻو ئي هو تہ پهرئين ڏينهن ئي پڇي وٺي ها. ڪاش! هو اهو سوال مون کان پهرئين ئي ڏينهن پڇي وٺي ها! ان ڏينهن، جنهن ڏينهن اظهارِمحبت ٿيو هو. تہ مان ڪيس ان ئي ڏينهن سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيان ها. جيڪڏهن هن ان ڏينهن اهو سوال نہ پڇيو هو تہ پوءِ پلا عشقِ حاصل _ لا حاصل واري خواب کان پهرين ڪنهن بہ هڪ پيري ڪٿي پڇي وٺي ها! مون سندس ان سوال جو هڪ عرصي تائين تہ پاڻ بہ ڏاڍي اشتياق سان انتظار پئي ڪيو هو! مون تہ پاڻ بہ ڪيئي پيرا اها ڪوشش ڪئي هئي تہ ساڻس پنهنجي ان دربدري جو سمورو درد اوريان، ۽ ڪيترو ئي وقت سندس ڪلهي تي ڪنڌ رکي بس رئندو رهان; ۽ روئي روئي پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪري ڇڏيان! پر آئون هڪ عرصي تائين ائين ڪري نہ سگهيو هئس. ڪريان بہ ڪيئن ها؟ هڪ عرصي تائين تہ شبنم ڪڏهن اهڙو موقعو ئي نہ ڏنو هو ۽ نہ ئي وري هن پاڻ بہ پڇيو هو. هڪ عرصي تائين تہ اهڙو انداز رهيو هو جو مون کان جواب تہ ڇا پر اهو سوال بہ وسري ويو! مون کان تہ سڀ ڪجهہ وسري ويو. شبنم منهنجي زندگي کي نئون جنم ڏنو هو. هن پنهنجي محبت سان منهنجو سمورو ماضي ڇڻ تہ ميٽي ڇڏيو هو. هن تہ مون کي بلڪل ئي نئين سر ترتيب ڏنو هو. اها ئي ڳالهہ ٻڌائيندي ڪيس چيم; ”سچ اهو آهي تہ مان شروع ئي توکان بعد ۾ ٿيو آهيان! سچ تہ اهو ئي آهي تہ تون ئي منهنجي ابتدا آهين ۽ تون ئي منهنجي انتها آهين شبنم!“

”پوءِ پلا جيڪو ڪوڙ آهي اهو ٻڌا جوڳي!“ شبنم ائين چيو.

مون جڏهن شبنم واتان اهو ٻڌو تہ منهنجي پيشاني تي پگهر اچي ويو. آئون پڄري پيس. تڙپي چيم; ”مس مس تہ پاڻ سنڀاليو اٿم شبنم! مس مس تہ مون اجان هڪ زخم پري بس ڪيو آهي! مس مس تہ اجان ڳوڙها بيٺا آهن شبنم! مس مس تہ اجان سڏڪن ۾ سانت آئي آهي!“

شبنم کي الئہ ڇو منهنجا ڳوڙها نظر نہ آيا; ”ڏس جوڳي، تو واعدو ڪيو هو.“ هن چيو. ”سچ سچ ٻڌا“ هن پنهنجو سوال ورجايو ”مون کان پهرين بہ تنهنجي زندگي ۾ ڪا ڇوڪري آئي؟“

”نہ!“ چيم; ”توکان پهرين منهنجي زندگي ۾ ڇوڪري تہ ڪا آئي ئي ڪانہ خدا جو قسم!“ ڪيس چيم، ”توکان پهرين جيڪي بہ آيون، .....ديوارون آيون شبنم!“ ڪجهہ ترسي چيم; ”ديوارون! جن کي دل نہ ٿيندي آهي. ديوارون! جن کي فقط ڪن ئي ٿيندا آهن. ها! ديوارون شبنم! جن ۾ احساس نالي ڪا شيءِ نہ ٿيندي آهي.“ چيم، ”پر مون کي هاڻي انهن سان ڪا شڪوه شڪايت ئي ڪانهي، هنن جو ڪو ڏوهہ ئي ڪونہ هو ڇو تہ انهن ۾ ڪا شبنم تہ هئي ئي ڪانہ!“

”.......“ شبنم خاموش رهي پر هن جي انگ انگ تي اهو ئي ساڳيو نہ پڙهڻ جهڙو بي وقتائتو سوال ئي تحرير ٿيل هو.

مون ڪائنس ڪجهہ لڪائڻ هرگز نہ پئي چاهيو مگر اصل ڳالهہ هي هئي جو ان سوال جو وقت گهڻو اڳ گذري چڪو هو. سو مون ڪيس هاڻي ڪجهہ ٻڌائڻ نہ پئي چاهيو. دراصل هاڻي مون کي اهو

سوال گوارا ئي نہ هو. اهو ئي سبب هو جو مان اهو ڪجهہ ٻڌائڻ کان مسلسل لنوائيندو رهيس جيڪو اڄ شبنم ٻڌڻ پئي چاهيو ها مگر مان جيڪو ڪجهہ ڪيس اڄ ٻڌائي رهيو هئس سو بہ سچ ئي هو. سورنهن آنا سچ! بلڪِ سچ تہ هو ئي اهو! چيم: ”توکان پهرين محبت نہ هئي.“ چيم. ”توکان پهرين رڳو انڌي وارا چڪ هئا شبنم.“ ڪيس چيم: ”توکان پهرين تنهنجي ڳولا ئي هئي در حقيقت!“ ...... . ”منهنجي منزل تون ئي هئين شبنم. باقي سڀ تہ راهہ جا پٿر هئا سو هٽي ويا! مان ازل کان تنهنجو ئي هئس, سو ٿڙندو ٿاٻڙجندو نيٺ تو تائين ئي اچي پهتس.“........”شبنم مون کي ڪٿي بہ چين نہ آيو اهو ئي سبب هو جو مان ڪٿي بہ گهڻي دير رڪجي نہ سگهيس. مان بس هلندو رهيس, هلندو ئي رهيس: ڪافي ٿڪل هئڻ جي باوجود بہ شبنم, مان بس هلندو ئي رهيس!“

شبنم جي چهري تي ساڳي ئي بي اطميناني ڇانيل رهي. مون ڏٺو منهنجي ڳالهين جو مٿس ڪو بہ اثر نہ ٿي سگهيو. بهرحال مون پيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”بس هيئن هو تہ شبنم, مون وٽ هڪ تصوير هئي! منهنجي آئڊيل جي تصوير! منهنجي وڃائجي ويل اڌ جي تصوير! منهنجي مڪملتا جي تصوير!“ چيم: ”مان پنهنجي آئڊيل جي حاصلات جي لاءِ, پنهنجي وڃائجي ويل اڌ جي ڳولها جي لاءِ, پنهنجي مڪملتا جي تڪميل جي خاطر, اها تصوير ڪٺي زماني ۾ ڪاهي پيس. شبنم, پوءِ مون سان جيڪو بہ مليو: مون ان کي اها تصوير ڏيکاري!“ ڪيس چيم: ”شبنم پوءِ ڇا ٿيو جو ڪو بہ ان تصوير تي پورو نہ لٿو. ڪنهن جي بہ تصوير ان تصوير جهڙي نہ هئي. بس اهڙي طرح آئون اڌورو ئي رهيس. بس ائين ئي مون کي ڪير بہ مڪمل ڪري نہ سگهيو.“ مون سندس اکين ۾ اکيون وجهي چيو: ”اها تصوير تنهنجي هئي شبنم! .... تون ئي منهنجي آئڊيل آهين شبنم! تون ئي منهنجو اهو وڃائجي ويل اڌ آهين! تو ئي مون کي مڪمل ڪيو. تون ئي منهنجي تڪميل آهين شبنم!“ ڪيس چيم: ”سو حقيقت اها ئي آهي تہ منهنجو ڪو بہ ماضي ناهي. منهجو ماضي, منهنجو حال توڙي منهنجو مستقبل سڀ تون ئي آهين.“

ها! منهنجيون اهي ڳالهيون ڪوڙ تہ هرگز نہ هيون, پر ان وقت شبنم ڪجهہ ٻيو سچ ٻڌڻ جي لاءِ بضد هئي: ”جوڳي, مان دل ۾ نہ ڪنديس.“ هن چيو ”تون گهبراءِ نہ. سچ سچ ٻڌا مون کي. “

”تون جيڪو سچ ٻڌڻ ٿي چاهين: سو سچ هاڻي ڪوڙ ٿي چڪو آهي شبنم.“ چيم.

”تنائين ڇو ٿو جوڳي؟“ هن ٻڌڻ جي لاءِ ڪاوڙ ڪندي چيو. ”نہ ٻڌا بس.“

جڏهن ڪو بہ حيلو نہ هليو تہ چيم. ”تون کان پهرين منهنجي زندگي ۾ ڪيئي ڇوڪريون آيون“ هڪدم چيم. ”پر.....بس آيون ۽ ويون هليون“

”..........“ شبنم ڪجهہ نہ ڳالهايو. هوءَ فقط ٻڌڻ جي لاءِ متوجہ ٿي.

”هڪ تہ گهڻو اڳ آئي هئي. شروع شروع ۾, جڏهن مون تازو ئي پنهجي وجود ۾ تنهنجي ڪمي دريافت ڪئي هئي. مون کي ان ڇوڪري جو چهرو بہ ياد ناهي, مون کان سڀ ڪجهہ وسري ويو آهي:“ چيم. ”مون کي فقط ايترو ياد آهي تہ ڪجهہ ئي عرصو هن سان رشتو رهيو. مگر اهو رشتو بہ

زور جي ميندي جيان هو سو بس گهڻي دير رهي نہ سگهيو.“

شبنم خاموش ٻڌندي رهي. هن ڪجھ نہ ڳالهايو.

”پوءِ ڪافي عرصي تائين مان ائين ئي تنهنجي تلاش ۾ ڀٽڪندو رهيس. منهنجو وجود، دڙي تي هارجي ويل دِلي جيان هو. ڪيترين ئي هٿن مون کي سميٽڻ جي ڪوشش ڪئي مگر انهن سڀني هٿن ۾ پروڻ هٿا شبنم! ڪو بہ مون کي سميٽي نہ سگهيو.... آئون وکرندو رهيس، ..... ويتر وکرندو ئي رهيس....!“ مان ڳالهائيندو رهيس، ”تنهجي ملڻ کان ڪجھ عرصو پهرين هڪ ڇوڪري آئي ۽ وراڻي؛ ”مان تنهنجي بي ترتيبي کي ترتيب ڏينديس. مان تنهنجي ڇتن جي ڇائي ڇنڊبينديس. مان تنهنجي صحرا بڻجي ويل وجود کي سيراب ڪنديس. مان ئي تنهنجو وڇائجي ويل اڌ آهيان جوڳي. مان توکي مڪمل ڪرڻ آئي آهيان!“ هن دعويٰ ڪئي؛ ”آئون ئي اها ڇوڪري آهيان جوڳي، جنهن جي ڳولها ۾ تو جهرجهنگ جهاڳيو آهي. مون وٽ ئي اهي هٿ آهن، جن جي تنهنجي هٿن کي ضرورت آهي. ها! آئون ئي اها ڇوڪري آهيان جوڳي؛ جنهن جو ذڪر تون پنهنجي تحريرن ۾ ڪندو رهندو آهين. تنهنجون تحريرون منهنجو آئينو آهن. آئون تنهجي تحريرن ۾ پنهنجو عڪس ڏسي تو وٽ هلي آئي آهيان جوڳي!“

”پوءِ...“ شبنم پاتال مان وراڻي.

”پوءِ ڇا شبنم......!“ چيم؛ ”هوءَ بہ بس آئي ۽ هلي وئي!“ ....... ”هوءَ منهنجي زندگي جو منجهيل سُٽ ويتر منجهائي وئي.“ شبنم کي ٻڌايم، ”هڪ ڏينهن اهڙو آيو شبنم، جو مون کيس گهڻو ئي پنهنجون پهرئين ڏينهن واريون دعوائون ياد ڏياريون، مان کيس ڏونڌاڙي ڏونڌاڙي ٽڪجي پيس مگر هن کي ڪجھ بہ ياد نہ آيو. ان ڏينهن ائين لڳو، هوءَ عورت نہ هئي، ديوار هئي جڻ! عورت تہ ڏاڍي ڪمزور ٿيندي آهي. عورت تہ صفا حساس ٿيندي آهي. عورت کي تہ ڇئبو ئي صنفِ نازڪ آهي! پر هوءَ تہ صفا پٿر بڻجي پئي هئي! ان ڏينهن آئون ان پٿر سان مٿو ٽڪرائي ٽڪرائي ٽڪجي پيس؛ نيٺ منهنجو مٿو بہ اڌ ٿي پيو پر پٿر، ....... پٿر ئي رهي!“ چيم، ”...... اهو ڏينهن آخري ڏينهن هو شبنم!“

”آخر ڇو ڇڏي وئي؟“ شبنم حيرت مان پڇيو.

ڪجھ ترسي ٻڌايومانس؛ ”هن کي فقط منهنجي تحريرن سان محبت هئي. مون سان نہ!“ چيم، ”هن کي آئون پسند نہ هئس؛ هن کي رڳو منهنجي ڪنهن ڪهاڻي جو ڪردار ٿيڻ پسند هو!“ مون شبنم جي آغوش ۾ سر رکي روئڻ چاهيو پر اڄ مان ائين ڪري نہ پئي سگهيس. بس انهي ئي لاءِ تہ مون اهو سڀ ڪجھ کيس اڄ ٻڌائڻ نہ پئي چاهيو!

هڪ ڏينهن شبنم ٻڌايو هو تہ، عورت ڪيڏي ئي طاقتور ڇو نہ هجي پر عورت محبت ۾ حصيداري برداشت ڪري نہ سگهندي آهي. عورت اگر پنهنجي انا تي اچي تہ ڪنهن جي آڻ نہ

مچيندي آهي، ها مگر عورت جو عشق جيڪڏهن ٻه اڌ ٿي پوي ته عورت پاڻ به ٻه اڌ ٿي پوندي آهي! سو مون کي ٻه اڄ اهو ئي خوف هو ته منهنجو مدي خارج ماضي ٻڏي ڪٿي منهنجي شبنم جو عشق ٻه ٻه اڌ نه ٿي پوي! مون کي ڏاڍو خوف هو. اهو ئي سبب هو جو شبنم اڃان ماٺ ئي هئي جو مون کيس پڪاريو: ”شبنم!“

”جيءُ.“

”هڪ ڳالهه چوان شبنم؟“

”چئو.“

”اهي ماڻهو جيڪي هڪ عرصي تائين بتن جي پوڄا ڪندا رهيا، پر پوءِ هنن ايمان آندو ۽ هڪ خدا جي عبادت ڪئي، سي ڪافر ته نه ٿيا نه شبنم!“ چيم، ”اهي ماڻهو ته مسلمان ئي ٿيا نه!؟“

شبنم منهنجي ٻرجي آيل اکين ۾ نهاريو هن جون به اکيون ٻرجي آيون. شبنم ٻرجي آيل اکين سان وراڻيو ”ها جوڳي ....... اهي ته بيشڪ مسلمان ئي ٿيا!“

شبنم جي اها وراڻي ٻڌم ته سڪون اچي ويم. اهڙو سڪون، جڻ صدين جي مسافر کي لمحن جي ساهي ملي هجي! منهنجو تن بدن ٽاڙجي ويو. ڪي پل انهي سڪون جي سحر ۾ رهيس، پوءِ وري پڪاريم: ”شبنم.“

”جيءُ.“

”خبر اٿئي، هڪ ئي خدا جي عبادت لاءِ ڇو چيو ويو آهي شبنم؟“ چيم.

”..........“ شبنم ڪجهه نه ڳالهايو. هوءَ فقط مون ڏي متوجه ٿي.

”ان ڪري جو ايمان ڪامل رهي!“ کيس چيم: ”هڪ خدا جي عبادت سان انسان جو ايمان به هڪ ئي رهي ٿو جيڪڏهن ڏهه خدا ڪبا ته ايمان جا به ڏهه ٽڪرا ٿي پوندا!“ چيم، ” ۽ ها شبنم، ايمان جي ڪمال لاءِ به اهو ئي لازمي آهي ته ايمان آڻجي به انهي تي جو هڪ هجي!......خدا جو تصور انڪري ئي سڀ کان وڌيڪ طاقتور آهي جو اهو هڪ آهي!“

هوءَ چپ چاپ ٻڌندي رهي. هوءَ ڪجهه نه ڪڇي.

”عشق الله جو مظهر آهي شبنم ...... سو عشق به ائين ئي آهي.“ مون وري ڳالهايو ”دل خدا جو گهر آهي، سو انڪري دل به اها ئي سلامت رهندي جنهن ۾ هڪ حبيب هوندو. هزار بتن جي حوالي ٿيل دل ڪڏهن ڪامل ڪعبو بڻجي نه سگهندي!اها ايستائين بت خانو ئي رهندي!“

شبنم منهنجي ڳالهين جي ڳُهر ۾ ئي رهي. مان بي ساخته الاءِ ته ڇا ڇا ڳالهائيندو رهيس. چيم، ”عشق عجب کيل آهي شبنم. بلڪل الٽو کيل! عشق ۾ جيت هار ٿيندي آهي ۽ هار جيت.“ ....... ”عشق جا انيڪ رنگ ٿيندا آهن شبنم! ......... جيڪڏهن هر رنگ جي پنيان پڇبو ته عمر گذري ويندي مگر رنگ نه کٽندا! سو هر رنگ جي پنيان پڇڻ واري کي ڪو به رنگ هٿ نه ايندو آهي، اهو بي

رنگ ئي رهجي ويندو آهي!“ ڪيس چيم: ”عشق ۾ ڪامياب اهو ئي ٿيندو آهي، جيڪو ڪنهن بہ هڪ رنگ ۾ رنگبو آهي.“ چيم، ”ها! پوءِ انهي هڪ ئي رنگ ۾ عشق جا سمورا رنگ سمائجي ويندا آهن! عشق وحدت ۽ ڪثرت جو عجب امتزاج آهي شبنم.“ چيومانس ”عشق ايڪتا جي دليل آهي. عشق ئي توحيد جي ترغيب آهي.“

ڪجهہ دير چپ رهجي وياسين. هڪٻئي کي ڏسندا ئي رهياسين. ڪجهہ دير کان پوءِ شبنم آهستگي سان چپ چوريا، ”جوڳي.“

”جيءُ.“

”مان توکي پنهنجي ماضي جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايان؟“ هن چيو.

”نہ.“ چيم.

”ڇو؟“ هن کي ڏاڍي حيراني ٿي.

”نہ بس.“

”پر ڇو؟“ هن جي حيراني ويتر وڌي وئي.

”مون کان پهرين تنهنجو بہ ڪو بہ ماضي ناهي.“ چيم، ”تنهنجو ماضي، حال توڙي مستقبل مان ئي آهيان شبنم.“

اهو ٻڌي هوءَ منهنجي اکين ۾ ئي نهاريندي رهجي ويئي.

”اڄ تہ اڄ گڏجي اهو سچ وساري ڇڏيون، جيڪو هاڻي ڪوڙ ٿي چڪو آهي....... اڄ تہ اڄ گڏجي اهو ماضي ڏوئي ڇڏيون شبنم، جيڪو هاڻي درحقيقت مدي خارج ٿي چڪو آهي.“

”ها جوڳي.“ شبنم منهنجي روح جي آخري گهِرائي تائين لهندڙ لهجي ۾ وراڻي.

ڪيس چيم: ”سچ فقط ايترو ئي آهي تہ پاڻ ٻئي درحقيقت هڪٻئي کي ئي ڳوليندا رهياسين شبنم!......“ ”....باقي سڀ ڪوڙ آهي جوڳي!“ شبنم منهنجو جملو بلڪل ائين پورو ڪيو جيئن هن منهنجي ذات کي مڪمل ڪيو.

اسان ٻنهي اهڙي طرح هڪٻئي کي مڪمل ڪري ڇڏيو.........

# وڇائڻ ۾ لاحاصل

هوءَ، جنهن سان منهنجو ازل کان به اڳ جو ناتو هو! هوءَ، جنهن کان سواءِ مون وٽ پنهنجي ابد کان پوءِ جو به تصور نه هو! هوءَ، جنهن جو تصور، منهنجي ازل کان ابد تائين ڦهليل هو. هوءَ جيڪا منهنجي سموري هستي مستي جي مرتڪب هئي. هوءَ، جيڪا منهنجي لاءِ عدم جي تصور جيڏي طويل ۽ طاقتور هئي، سا جسماني طرح درحقيقت، تمام مختصر عرصو ئي مون سان گڏ رهي سگهي! بس هينئن هو جو، هوءَ هڪ لمحي آئي ۽ ٻئي لمحي هلي وئي! هوءَ آئي ۽ پنهنجي هجڻ جي تصديق ڪرائي هلي وئي! آئون اڌورو هئس، هوءَ آئي ۽ مون کي مڪمل ڪري موڪلائي وئي! اهو ته هن مون کي اڄڻ سان ئي ٻڌائي ڇڏيو هو ته هوءَ هڪ ڏينهن هلي ويندي! مون کي پنهنجي عشقِ حاصل _ لا حاصل جي خبر ته پهرين ڏينهن کان ئي هئي پر اها رات ڏاڍي تاريڪ هئي، جنهن رات هوءَ پاڻ حاصل مان سراپا لاحاصل بڻجي آئي هئي! اها رات اصل ۾ حاصل ۽ لاحاصل جي وچ واري رات هئي!

”جوڳي!“ ان رات هن ڏاڍي ڳنڀير لهجي ۾ پڪاريو.

”جيءُ.“

”هڪ ڳالهه چوان!“ هن اداس ٿيندي پڇيو ”اداس ته نه ٿيندين جوڳي؟“

الئه ڇو مان اهو ٻڌي، باقي ڪجهه ٻڌڻ کان پهرين ئي اداس ٿي پيس. پر پوءِ به منهن ٻئي طرف ڦيري چيم، ”نه!......چئو.“

هن ڪوشش ڪئي پر ڪجهه چئي نه سگهي. مان ويتر پچڻ پرڻ لڳس. اڄ شبنم جي چهري جا آثار ئي ڪجهه اهڙا هئا جو مون کي عجب خوف ورائڻ لڳو. پر پوءِ به پاڻ تي ضبط ڪندي وراڻيم، ”چئو شبنم، ڇا ڳالهه آهي؟“

شبنم پنهنجي پوري طاقت يڪجا ڪري، وڏي مشڪل سان چيو. ”جوڳي......منهنجا ڏينهن ٻڌجي چڪا آهن!“

شبنم جو اهو جملو وچ جيان منهنجي وجود تي اچي ڪريو هو آئون سڄو سڙي رک ٿي پيو هئس! مون کي ائين لڳو هو ڄڻ منهنجي زندگي جا ڏينهن ڳڻجي چڪا هئا!

گهڻو ئي دل کي ’ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان، شال مَ ملان هوت.‘ واري سٽ سمجهائي هئم. گهڻو ئي دل کي هڪ عرصي تائين عشقِ حاصل _ لاحاصل جا قصيدا ٻڌايا هئم. ها! گهڻو ئي دل کي امر جليل جو اهو جملو ياد حافظ ڪرايو هئم ته، ’محبت شادي جي محتاج نه ٿيندي آهي.‘ پر اهو لمحو اهڙو آيو جو منهنجي اها سموري ڪئي ڪمائي پروڙ ۾ پاڻي ثابت ٿي. دل کان اهي سمورا سبق وسري ويا. سالن جون پڙهايل پٽيون منٽ ۾ ميٽجي ويون. دل کي ڪجهه ياد ئي نه رهيو. دل، ان وقت

منهجي ساري وجود تي حاوي ٿي وئي. منهنجا چپ بہ منهنجي چئي ۾ نہ رهيا. گهڻو ئي پيڪوڙيم پر پيڪوڙيا نہ ٿيا. دل جي چوڻ تي چري پيا.

”شبنم.“

”جيءَ.“

”تون، مون سان شادي ڪر.“ منهنجي چپن چيو.

شبنم کي اهو ٻڌي ڏاڍي حيراني ٿي. هن ڪي گهڙيون منهنجي منهن ۾ نهاريو. پوءِ هن مون کي ڪافي دير اهي سڀ ڳالهيون ياد ڏياريون، جيڪي دل جي دستاويز تي پهرين ڏينهن پڪيون ٿيون هيون. هن اهو سڀ ڪجهہ ياد ڏياريندي آخر ۾ پڇيو ”توکان اهو سڀ ڪجهہ وسري ويو جوڳي؟“

مان ڏاڍو لڄي ٿيس، مون وٽ ڪي لفظ ئي نہ هئا. مان ڪجهہ ڳالهائي ئي نہ سگهيس. مون پنهنجي دل جي اڳيان دير تائين وري ساڳيا ئي سبق دهرايا، پر ان پيري منهنجي دل منهنجي دشمن ٿي پئي هئي، ان ڏينهن دل منهنجي هڪ بہ نہ ٻڌي، منهنجا چپ بي ساختہ وراڻيا، ”اهي سڀ اجايون ڳالهيون آهن شبنم.“ چپن چيو، ”اهي، جيڪي ڪجهہ ڪري نہ سگهندا آهن، سي پنهنجي دل کي اهڙا دلاسا ڏئي مطمئن ڪندا آهن.“

شبنم جڏهن اهڙو جواب ٻڌو تڏهن لاجواب ٿي وئي. منهنجا چپ ٻيهر چريا، ”تون، مون سان شادي ڪر شبنم.“

نيٺ هوءَ ٻيوسي منجهان وراڻي، ”اها ڳالهہ منهنجي وس ۾ ئي ناهي جوڳي.“

”ها ان ڪري ئي تہ چيم،“ منهنجا چپ چريا، ”جيڪي ڪجهہ ڪري ئي نہ سگهندا آهن، سي ئي پنهنجي دل کي اهڙا دلاسا ڏئي مطمئن ڪندا آهن.“ منهنجي دل وراڻي، ”اهي جيڪي شادي ڪندا آهن، سي ڪڏهن بہ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪندا آهن شبنم!“

شبنم جا چٽڪي چپ ئي سبجي ويا. هوءَ چپ رهجي وئي. مگر منهنجي دل ماٺ نہ رهي، ان کيس چيو، ”زندگي فقط هڪ پيرو ئي ملي آهي شبنم، وري نہ ملندي! ۽ اها زندگي بہ، ڪنهن بہ لمحي ختم بہ ٿي سگهي ٿي ......... هينئر، هن لمحي بہ!“ دل وراڻي، ”پوءِ هن ۾ گنجائش ئي ڪهڙي آهي جو خوامخواه وڃائي ڇڏجي. اجاين ريتن رسمن ۽ فضول فرسوده رواجن جي ور چاڙهي ڇڏجي!“ منهنجا چپ چرندا رهيا، ”هن هڪڙي ۽ مختصر زندگي کي تہ مڪمل طور تي پنهنجي مرضي سان ئي گذارجي .... زندگي جو تہ لمحو لمحو جي پري جيئڻ گهرجي!“ منهنجا هٿ شبنم جي ڇهري ۾ چنبڙي ويا، ”...... زندگي جيئڻ جي لاءِ هوندي آهي، مرڻ جي لاءِ نہ! مري مري جيئڻ، زندگي جي توهين آهي، اهڙي جيئڻ کان تہ موت بهتر آهي شبنم!“

شبنم وٽ چوڻ لاءِ ڪي لفظ ئي نہ هئا، سو هوءَ بس ماٺ ئي رهي. مگر منهنجي دل وٽ پاٽا پريل هئا، سو منهنجي دل ماٺ نہ ٿي، ”۽ هڪ ڳالهہ هي بہ ياد رک شبنم، تہ خودڪشي رڳو اها ناهي جو زهر

پي ڇڏجي، پڪي تي لٽڪي پئجي يا واھ ۾ ٽپو ڏئي ڇڏجي.“ ڪجھ ترسي دل وراڻي، ”پنهنجي هي حسين زندگي پرائي مرضي تي پامال ڪري ڇڏڻ بہ خودڪشي آهي شبنم! جيئري جاڳندي خودڪشي! ۽ اها خودڪشي تہ سڀ ڪان بدتر آهي شبنم!“

”جوڳي........!“ شبنم حيراني ۾ ٻڏي وئي.

”ها شبنم! مون سان شادي ڪر بس.“

شبنم چيو ”اڄ توکي ڇا ٿي ويو آهي جوڳي؟“

”ڇو؟“

”اڄ تون ايترو ڪمزور ڇو ٿي ويو آهين جوڳي؟“ هن پڇيو.

”مان ڪمزور ناهيان شبنم.“

”آهين ڪمزور.“ شبنم چيو ”مون اڳ ڪڏهن توکي ايترو ڪمزور نہ ڏٺو آهي جوڳي.“

”نہ شبنم ائين ناهي.“

”ائين ئي آهي.“

ڪجھ لمحا منهنجا چپ چُپ رهيا. ان وچ ۾ مون خود تي ضبط آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، مون دل جي ديوانگي تي سبقت ڪٽڻ ٿي چاهي پر عقل عشق کان هر ڀيري هارائيندو آهي سو هن ڀيري بہ ائين ئي ٿيو. دماغ کان پهرين دل وراڻي، ”مان سمجهي ويس!......تنهنجي ڳالھ مان سمجهي ويو آهيان شبنم.“

”ڇا سمجهيو آهين تون؟“

”مون کي خبر آهي شبنم.“ دل دعويٰ ڪئي، ”هاڻي تون مون کي ازلي عشق جو ترانو ٻڌائيندين، پوءِ وري اهي ساڳيا ئي پراڻا سبق ياد ڪرائيندين.“ ڪجھ ترسي دل وراڻي، ”پر شبنم، اڄ مون اهي سمورا سبق وساري ڇڏيا آهن. انڪري بس اڄ مون کي انهن سيني ڳالهين تي چِڙ ٿي اچي شبنم.“

شبنم اڄ مون کي بنه بدليل ڏٺو اهو ڏسي هوءَ ڏاڍو پريشان ٿي پئي. هن گهڻو ئي ڪجھ چوڻ پئي چاهيو پر منهنجي ڇپن ڪيس ڪجھ چوڻ جو موقعو ئي نہ ٿي ڏنو ”مون کي اهي سڀ اجايا دلاسا ٿا لڳن. مون کي انڪري اهي سڀ هٿراڌو اطمينان جا طريقا ٿا لڳن بس!“

شبنم جڏهن منهنجين انهن ڳالهين کي پچي نہ سگهي تہ بيوسي منجهان وراڻي، ”گهر...؟“

”ڇڏي ڏي گهر......!“

”پر.........!“

”پر ڇا؟“

شبنم ڪجھ چوڻ چاهيو مگر چئي نہ سگهي. پر منهنجا چپ منهنجي چئي ۾ نہ هئا سو شبنم کي چپ ڏسي وري وراڻيا. ”پر ڇا شبنم؟“

شبنم اهو نہ چيو جيڪو هن پهرين چوڻ چاهيو هوءَ وراڻي، ”جوڳي تو تہ چيو هو گهر ڇڏڻ خراب آهي! تو ئي تہ مون کي سو ڀيرا سمجهايو هو تہ شبنم، ڏس ڪڏهن بہ منهنجي لاءِ گهر نہ ڇڏجان! ها تو ئي تہ چيو هو جوڳي، تون ڪڏهن پيار جي پاڳلپڻي ۾ اچي منهنجي ڪري هن گندي سماج ۾ رسوا نہ ٿجان!“ هن مون کي ڊونڊاڙيندي چيو ”اڄ تو کان اهو سڀ ڪجهہ ڇو وسري ويو جوڳي؟“

”ها اڄ مون کان اهو سڀ ڪجهہ وسري ويو آهي شبنم!“ منهنجا چپ چوڻ لڳا، ”ڇيم نہ تہ اڄ مون کي انهن ڳالهين تي چڙ ٿي اچي شبنم!“ منهنجي دل دهرايو ”اهي سڀ اجايا دلاسا آهن. ڪوڙي اطمينان جا طريقا آهن بس!“ .......... ”تنهنجي ۽ منهنجي هڪ الڳ دنيا آهي، دل جي دنيا! ان دل جي دنيا ۾ ٻيو ڪير بہ ڪونهي، ان دل جي دنيا ۾ فقط تون آهين، فقط مان آهيان! ان دل جي دنيا ۾ دور دور تائين هن گندي سماج جو نالو نشان نہ آهي!“ منهنجا بيخود چپ وراڻيا، ”اچ تہ پنهنجي اها دل جي دنيا آباد ڪريون! ......... پاڻ هن سماج کي پنتي مڙي نهاريندا سين ئي ڪونہ، تہ پوءِ رسوا وري ڪهڙا ٿينداسين شبنم!“

شبنم جون اکيون پرجي آيون، ڳلو خشڪ ٿي ويس، ڳنڀير لهجي ۾ وراڻي، ”پر جوڳي......“ لفظ هن جي نڙي منجهہ اٽڪي پيا. هن ڳيت سان نڙي آلي ڪئي، پوءِ ٻيهر وراڻي، ”پر جوڳي ......... گهر ڇڏڻ سان بہ ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو!“ هن اداس ٿيندي چيو ”ناممڪن ڪڏهن ممڪن نہ ٿيندو جوڳي! ....... “

”ڇو شبنم؟“

شبنم جي اداسي ويتر وڌي وئي، هن جهيڻي آواز ۾ چيو ”جوڳي، سچ اهو ئي آهي تہ چاهيان تہ مان بہ اهو ئي ٿي جيڪو تون ٿو چاهين.“ هن چيو ”پر جوڳي، پاڻ ڏاڍا مجبور آهيون. پاڻ ٻئي بيوس آهيون جوڳي!“

”اگر تو ۾ ڪجهہ همت هجي تہ شبنم......“ منهنجا چپ ڪجهہ چوندي چوندي چپ ٿي ويا.

”ڳالهہ منهنجي همت جي ناهي جوڳي!“ شبنم وراڻي.

”تہ پوءِ؟“

”ڳالهہ هي آهي تہ،“ شبنم ڪنڌ جهڪائي وراڻي، ”مان توکي وڃائڻ نٿي چاهيان جوڳي بس!“

”اهو وڃائڻ ناهي تہ ڇاهي؟“

”اهو وڃائڻ ناهي جوڳي!“ شبنم آلوده اکين سان منهنجين اکين ۾ نهاريندي چيو ”اهو لاحاصل آهي!“هن ڏاڍو طاقتور جملو اچاريو ”.......لاحاصل جو مطلب وڃائڻ هرگز نہ هوندو آهي، لاحاصل ۾ ۽ وڃائڻ ۾ وڏو فرق ٿيندو آهي جوڳي!“

يقيناً شبنم جو اهو جملو ڏاڍو طاقتور هو جيڪڏهن دل اهو جملو سمجهي ها تہ دم ڏئي وڃي ها مگر دل اها ڀري ڳالهہ تڏهن سمجهي نہ سگهي سو آئي وئي ڪري وري بہ ساڳي ئي ڳالهہ کي ڳنڍي

ڏئي بيٺي، ”اهو ته وري به دلاسو ئي ٿيو شبنم!“

”........“ هوءَ ڪجهه ڪچي نه سگهي، منهنجي دل ته ڄڻ سندس لفظ ئي ڪٽائي ڇڏيا.

منهنجي دل اڄ مون کي ضدي ٻار وانگر ٻڌائي ڇڏيو هو شبنم گهٽو ئي ماءُ جيان مون کي ريجهائي رهي هئي مگر اڄ هن جي هڪ به نه ٿي هلي. هوءَ ڪي گهڙيون خاموش رهجي وئي. انهي خاموشي جي دوران، بيوسي شبنم جي چهري تي اداسي ڦهلائي ڇڏي، هن جو چهرو زرد ٿيندو ويو. ڪيس اداس ڏٺم ته مان خود ملول ٿي پيس، مون کي ساعتون چپ نه چوريا. مان به ڪي گهڙيون ماٺ ٿي رهجي ويس. خاموشي جي انهي وقفي کان پوءِ منهنجا چپ پيهر چريا، پر مون کي ائين لڳو جيئن، منهنجا چپ، ڪي چپ نه هئا، جي چُريا، منهنجا چپ، ڪي چاڪ هئا، جي چِڪي پيا! ”اهو ڏوهه جيڪو پاڻ ڪيو ئي ناهي، ان ڏوهه جي سزا پاڻ ڇو پوڳيون؟ ........ پرائي ڏوهه جي سزا!“ شبنم واري بيوسي، شبنم واري اداسي منهنجي وجود کي وڻ ويڙهي جيان وڪوڙيندي وئي، ”هي ريتون رسمون، هي ذاتيون پاتيون، هي رنگ نسل، هي اوچ نيچ؛ هي سڀ ڪجهه پاڻ ته ناهي ٺاهيو شبنم!“ لاشعوري طور تي بيوسي سان ناڪام ويڙهه وڙهندي دل وراڻي، ”پوءِ پاڻ ڇو انهي گهاٽي ۾ پيڙهجون؟ .... ڇو؟ .... آخر ڇو شبنم!!!؟“ دل جو مٿو ديوار ۾ هو ڄڻ!

شبنم پاڻ رجي رهي هئي، اهي سڀ سوال، جيڪي مان ڪري رهيو هئس، سي سڀ سوال شبنم جا به هئا. مان جڏهن ڳالهائي ڳالهائي چپ ٿي ويس ته شبنم شروع ٿي، ”شروع ۾ انسان پهرين آيو، اصول پوءِ آيا! پر هاڻي انسان جي پيدا ٿيڻ کان پهرين ئي اصول پيدا ٿيا پيا آهن! هر ايندڙ انسان لاءِ اصول پهرين ئي آيل آهن!“ هوءَ وراڻي، ”اصول زماني جون زنجيرون آهن. پاڻ سڀئي انهن جنجيرن ۾ پئدائشي جڪڙيل آهيون جوڳي!“ هن جون اکيون وڏ ڦڙو ٿي وسي پيون.

”ڇا توکي ڪوئي مون جيان چاهي سگهندو؟“منهنجي دل تڙپي پئي، ”ڇا توکي ڪوئي مون واري محبت ڏئي سگهندو شبنم؟“

”نه!“ شبنم پڇري پئي، ”نه جوڳي! اهو ممڪن ئي ناهي!“

”ته پوءِ منهنجي مڃ!“

هن پنهنجيون بيوس اکيون کڻي مون ڏي نهاريو.

”ها شبنم!“ منهنجي بي چئي دل چيو، ”تون مون سان شادي ڪر.... فقط مون سان شبنم!“

شبنم جون اکيون جهڪي ويون، هن نه چاهيندي به چيو ”نه جوڳي! اهو به ناممڪن آهي!“

شبنم جيڪو چئي رهي هئي سو سڀ سچ هو. هوءَ شاهه هئي ۽ آئون گدا هئس. اسان جو الميو اهو هو جو اسان جنهن سماج ۾ هئاسين، تنهن ۾ شاهه ۽ گدا جي شادي واقعي به ناممڪن هئي! پر دل ڪنهن به سماج جي ڇو نه هجي ،دل سماج سان ٻڌل نه ٿيندي آهي. دل جتي ڪٿي پاڳل ئي ٿيندي آهي، سو منهنجي پاڳل دل انهي ناممڪن کي ممڪن جي ٻڌائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي وراڻي،

”تون منهنجي آئيڊيل آهين شبنم. تون منهنجو وجائجي ويل اڌ آهين تون منهنجي ذات جي تڪميل آهين شبنم! تون منهنجي ئي مٽي مان تراشي وئي آهين. تون منهنجي وجود جي وار وار سان وابسته آهين شبنم.“ ها! دل پاڳل هئي، اهوئي سبب هو جو وس ۾ ئي نه رهي، ”تون انهي خواب جي مرتڪب آهين شبنم، جو حقيقت کان وڌيڪ حسين آهي!“ دل اگر منهنجي دسترس ۾ هجي ها ته خدا جو قسم! آئون شبنم کي ڪڏهن ائين نه ڳالهايان ها، ”ڇا تون مون کي ڇڏي ويندين؟.... ڇا تون مون کي پرزا پرزا ڪري هلي ويندين؟... اهو خواب، جيڪو حقيقت کان به وڌيڪ حسين آهي، ڇا تون اهو خواب هاڻي ريزه ريزه ڪري هلي ويندين شبنم؟؟؟!“

ان پيري منهنجي حالت، هڪ پيرو پيهر اهڙي ٿي وئي هئي، جهڙي گهڻو اڳ عشقِ حاصل _ لا حاصل واري خواب ڏسڻ کان پوءِ منهنجي ٿي هئي، جهڙي ڪجهه ڏينهن پهرين، اهو ساڳيو ئي خواب ڏسڻ کان پوءِ شبنم جي ٿي هئي! ها! اڄ منهنجي حالت بلڪل اهڙي ئي ٿي وئي هئي! گهڻو اڳ جڏهن عشقِ حاصل _ لا حاصل واري خواب ڏسڻ کان پوءِ منهنجي حالت اهڙي ٿي هئي تڏهن آئون تنها هئس! تڏهن مون کي سنڀالڻ وارو ڪير به نه هو! سو اهوئي سبب هو جو تڏهن انهي حالت مون کي لاشعوري طور تي اها ڳالهه سمجهائي ڇڏي هئي ته زهر جو علاج زهر سان ئي ٿيندو آهي! آئون زخم کي زخم سان ئي پرڻ سکي ويو هئس! ڪجهه ڏينهن پهرين، اهو ساڳيو ئي خواب ڏسڻ کان پوءِ جڏهن شبنم جي اهڙي حالت ٿي هئي، تڏهن شبنم به صفا بي سمجهه ٻارڙي ٿي پئي هئي! ۽ اڄ، هڪ پيرو پيهر منهنجي حالت اهڙي ٿي پئي هئي، ته اڄ آئون به پنهنجي دل هٿان صفا بي سمجهه ٻار بڻجي پيو هئس! شبنم جو دامن پڪڙي ڪيس ڇرين جيان چنبڙي پيس! چيم، ”شبنم شيشا ته لتاڙي ويندي!...... ڪنڊا ته لتاڙي ويندي!...... ها! مگر شبنم ڪڏهن جوڳي جا ڳوڙها نه لتاڙي سگهندي!“

شبنم جڏهن منهنجا اهي لفظ ٻڌا، هن جڏهن منهنجي اهڙي حالت ڏٺي، ته هن جو به ضبط جواب ڏئي ويو. هوءَ عرش تان فرش تي ڪري پئي، هوءَ ڇيخي پئي، ”وٺي هل مون کي جوڳي!.....مان توسان گڏ هلڻ جي لاءِ تيار آهيان!“ هوءَ لرزي پئي، ”ها جوڳي! مان سڀ ڪجهه ڇڏڻ جي لاءِ تيار آهيان!... هينئر ئي وٺي هل! جيڏانهن تون چاهين جوڳي!“ هوءَ بيوسي منهنجان ڇلڪي پئي!

بس ان ئي لمحي، ها! ان ئي پل، مون کي الئه ته ڇا ٿي ويو. ان ئي گهڙي آئون بي سمجهه مان ڦري با سمجهه ٿي پيس. دل، شبنم جي ڳوڙهن ۾ غرق ٿي وئي! آئون شبنم جا ڳوڙها ڏسي نه سگهيس. مون شبنم کي پاڪر ۾ پريو. ڪيس سميٽيم. ڪيس سيني منجهه سمايم. ڏاڍو شرمنده ٿيس، ”مان پاڳل آهيان شبنم! مان ڇريو آهيان.“ ڪيس چيم، ”تون صحيح آهين. تون بلڪل صحيح آهين شبنم!“ ......... ”اهو وڃائڻ ناهي!......... اهو لا حاصل آهي!“ مون کي شبنم جي ڳالهه هاڻي سمجهه ۾ آئي هئي، سندس تائيد ڪندي چيم، ”ها! وڃائڻ ۽ لاحاصل ۾ وڏو فرق ٿيندو آهي شبنم!“

# لاحاصل جي شروعات

اڄ جو ملڻ ڏاڍو عجيب هو. اڳ ڪڏهن اهڙو ملڻ نہ ٿيو هو. اڄ جو ملڻ، گذريل هر ملڻ تي ڀاري هو. اڄ پهريون ڀيرو ملڻ لاءِ مون کي مٿس زور ڀرڻو پيو هو. اڄ پهريون ڀيرو هوءَ منهنجي بيحد اصرار تي مون سان ملڻ جي لاءِ آئي هئي! اڄ پهريون ڀيرو هن کي مون سان ملڻ ۾ ايتري دشواري ٿي رهي هئي. ها اڄ پهريون ڀيرو هو جو هن چاهيندي بہ مون سان ملڻ نہ پئي چاهيو ۽ مون نہ چاهيندي بہ ساڻس ملڻ پئي چاهيو!.... ڇو تہ اڄ هوءَ آئي، پر وڇڙڻ جي لاءِ! اڄ هوءَ ملي، پر ڇڄڻ جي لاءِ!

هن جي هٿن تي ميندي لڳل هئي. هن جي بدن تي ڳاڙهو جوڙو پهريل هو. هوءَ لال ڪنوار بڻيل هئي. هوءَ اڄ بيپناهہ حسين پئي لڳي. سڀاڻي هن جي شادي هئي، هي رات آخري رات هئي، هي ملاقات، آخري ملاقات! بس، ان کان پوءِ هڪ عمر جي جدائي جو امڪان هو. ان کان پوءِ وري ملڻ جو ڪو آسرو نہ هو.

مون کي ياد آهي محبت ۾ تمام جلد هڪ مقام اهڙو آيو هو جتي پهچي اسان ٻئي هڪ ٿي پيا هئاسين، مون ۾ ۽ شبنم ۾ وار جيتري بہ وِٿي باقي نہ رهي هئي. هوءَ مان ۽ مان هوءَ بڻجي پيو هئس. ائين لڳو هو جو اسان ايتري قدر هڪٻئي جي روح ۾ سمائجي ويا هئاسين جو هاڻي ڪا بہ چيز اسان کي هڪٻئي کان الڳ نہ ٿي ڪري سگهي. جدائي جو تہ تصور ئي باقي نہ رهيو هو. اسان جو عشق اتي وڃي پڳو هو جتي جسم بہ ديوارون بڻجي پوندا آهن. عشق ۾ اسان ايترو اڳتي نڪري ويا هئاسين جو اسان جا جسم بہ اسان کان گهڻو پٺتي رهجي ويا هئا. سچ! اتي پهچي ائين لڳو هو جو توڙي جو اسان هاڻي هڪٻئي کان هڪ عمر جي لاءِ بہ دور ڇو نہ ٿي وڃون مگر پوءِ بہ اسان درحقيقت هڪٻئي کان هڪ پل بہ پري نٿا رهي سگهون. يعنيٰ هڪ عمر جي دوري بہ اسان کي درحقيقت هڪ لمحي لئہ بہ دور نہ ٿي ڪري سگهي! اسان هڪٻئي کي ايتريقدر پنهنجي ساهہ منجهہ سمائي ڇڏيو هو جو اسان دور هوندي بہ گڏ ئي هئاسين. اسان جتي هئاسين، اتي فراق توڙي وصال جي ڪا اوقات نہ رهي هئي، ملڻ توڙي ڇڄڻ کي ڪا معنيٰ نہ رهي هئي، فرقت توڙي قربت ساڳي ئي ڳالهہ بڻجي پئي هئي. اسان انهن سڀني ڳالهين کان گهڻو اڳتي نڪري ويا هئاسين. اهو مقام، عشق جو عروج هو. اهو مقام، محبت جو معراج هو. ان مقام تي پهچي اسان مڪمل ٿيا هئاسين. ان مقام تي پهچي اسان ازلي قرار ماڻيو هو! اهي سڀ ڳالهيون حقيقت هيون، ها! اهي سڀ ڳالهيون حقيقت هيون مگر اڄ جڏهن شبنم کي ڳاڙهي جوڙي ۾ ڏٺم تہ اهي سڀ حقيقتون خواب بڻجي پيون؛ پاڻي تي حباب بڻجي

پيون. شبنم کي لال ڪنوار ڏٺم ته ائين لڳو ڄڻ مان ته ڪو ڪوڙ جو طلسم هئس جو ڪن پل ۾ ڍهي پيس. اهو عشق، جيڪو ڪالهه تائين فولادي ديوار جهڙو مضبوط هو، سو عشق اڄ مڪڻ جي ماڙي جيان ويو پگهرندو!!

مان ڪجهه ڳالهائي نه سگهيس اڄ. هن گهڻو ئي منهنجي ڳالهائڻ جو انتظار ڪيو مگر مون کي جڏهن ماٺ ئي ڏٺائين ته وراڻي، ”جوڳي!......“

مون ڪجهه نه ڳالهايو. مان خاموش ئي رهيس. هوءَ ڪجهه رکي وراڻي، ”جوڳي، اڄ مون وٽ وقت تمام گهٽ آهي!“

شبنم جو اهو جملو ٻڌي روح رهڙجي ويو. هن اڳ ڪڏهن به مون کي ائين نه چيو هو. هن اڄ پهريون ڀيرو ائين چيو هو. ها اڄ هن وٽ منهنجي لاءِ وقت تمام گهٽ هو. دل ته وڏيون دانهون ڪوڪون ٿي ڪيون مگر دل کي چيم، ”اڄ ته شبنم وٽ تمام گهٽ ئي سهي، پر ڪجهه وقت آهي ته سهي...... اڄ کان پوءِ ته اهو به ڪونه هوندو!“

شبنم دهرايو، ”جوڳي.....اڄ مون وٽ وقت تمام گهٽ آهي سچ!“

”........هلي وڃ پلا....!“

”جوڳي!.......“ شبنم جي ريه نڪري وئي! هن جو به ڏوهه نه هو. هن به مون واتان اها وراڻي اڄ پهريون ڀيرو ٻڌي هئي. مون کي خبر آهي ته هن جي دل به مون واتان اهو ٻڌي ڦٽڪي پئي هوندي پر شايد ها! پوءِ هن به پنهنجي دل تي انهن لفظن جا پٿر رکي ڇڏيا هوندا ته، ”اڄ ته اهو چوڻ لاءِ به جوڳي آهي، پر اڄ کان پوءِ ته جوڳي جي اها وراڻي به نصيب نه ٿي سگهندي!“

شبنم ماٺ ٿي رهجي وئي. ڪي گهڙيون مان به چپ ئي رهيس. مون کي شبنم جي تمام گهٽ وقت جو تمام گهڻو قدر هو پر مان ڪوشش جي باوجود به ڪي گهڙيون ڳالهائي نه سگهيس.

”ڳالهاءِ جوڳي!“ شبنم چيو.

”ڇا ڳالهايان؟“

”..........“ هن کان به ڄڻ لفظ کسجي ويا.

”شبنم لفظ جڏهن حد کان وڌي ويندا آهن، تڏهن سچ! ته ڳولهيي نه لڀندا آهن!“ ڪجهه ترسي چيم، ”اڄ ڳالهيون ايتريون آهن جو ڳالهائڻ لاءِ هڪ عمر گهرجي!“ سندس اکين ۾ نهاريندي چيم، ”پر افسوس، جو اڄ ته تو وٽ وقت ئي تمام گهٽ آهي شبنم!“

شبنم جي اداسي ٻيڻي ٿي وئي، هن جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو.

”اڄ لفظ حد کان وڌي ويا آهن شبنم،“ چيم، ”سو بس، اڄ ڳالهيون ڳولهيي به نه ٿيون لڀن!“ آئون اهو چئي چپ ٿي رهجي ويس.

حالت شبنم جي به مون واري ساڳي ئي هئي. ڳالهائڻ لاءِ اڄ ڳالهيون ته هن وٽ به گهڻيون ئي

هيون پر اج لفظ ڪيس ڳولهيي نہ ٿي لڌا!

هڪ گهرو اونهو ساهہ ڪنيم. پوءِ چيم، ”تنهنجي ملڻ کان ڪجهہ پهرين هڪ لمحي، جڏهن آئون توکي ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پيو هئس، جڏهن آئون بلڪل نااميد ٿي پيو هئس. تڏهن هڪ لمحي خيال آيو هو تہ مان تنهنجي ڳولها کي ترڪ ڪري تصوراتي طاقت سان توکي پنهنجي ذات ۾ ئي تخليق ڪري ڇڏيان!“ چيم، ”شبنم، مون کي خيال آيو هو تہ ڇو نہ مان پنهنجي دل جي دنيا تنهنجي تصوراتي وجود سان آباد ڪري ڇڏيان!........ جيئن خدا جي تصور سان دنيا آباد آهي!“ چيم ۽ ڪي گهڙيون چپ رهجي ويس.

شبنم چپ چاپ ٻڌندي رهي. مون وري هڪ اونهون گهرو ساهہ کنيو ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيو ”اج سوچيان ٿو ڪاش! ائين ٿي پوي ها!“ چيم، ”اج الئہ ڇو سوچيان ٿو ڪاش! تون ملين ئي نہ ها شبنم! ڪاش! مان توسان محبت جو اظهار ئي نہ ڪريان ها! .......پنهنجي تصور جي طاقت سان من ۾ موجود تنهنجي تصوير ۾ تحرڪ آڻي ڇڏيان ها! .......پوءِ بس پنهنجي ئي پر ۾ توسان پيار ڪندو رهان ها، توکي پوڄيندو رهان ها!“ آهہ ڀريندي چيم، ”ڪاش! سيد جي ’ وڃين ڇو وڻڪار؟ هت مَ ڳولهين هوت کي!‘ واري سٽ کي هيئين ۾ هنڊائي مان توکي زماني ۾ ڳولهڻ ئي ڇڏي ڏيان ها!........ ها شبنم! اج سوچيان ٿو ڪاش! جيڪر ائين ئي ٿي پوي ها!“ اهو چيم ۽ ٻيهر خاموش ٿي ويس.

شبنم خاموش ئي رهي.

منهنجو تن بدن ٽٽڻ لڳو. ڏاڍي ڳوري لهجي ۾ چيم، ”دل ٻار ٿيندي آهي شبنم!“ چيم، ”دل تي ڪنهن شاهہ شهنشاهہ جو بہ حڪم نہ هلندو آهي. محبت جي معاملي ۾ تہ دل صفا دادلي ٿيندي آهي. محبت جي مامري ۾ تہ صفا ٻي ڇٽي ٿيندي آهي دل!“ ڪجهہ ترسي چيم، ”مون کي ٻڌاءِ شبنم! هاڻي اگر دل دانهن ڪندي تہ ڪنهن طرف ڪاهيندس؟ ڪٿي ڳوليندس توکي هاڻي؟“ تڙپي پيس، ”هاڻي دل جيڪڏهن ضد ڪندي تہ پوءِ ڪيئن ڪندس؟........ ڪيئن ڪندس شبنم!؟“

شبنم پنهنجيون اجهاميل اکيون کڻي وراڻي، ”جوڳي..... ائين ئي ڪجان جيئن تو گهڻو اڳ سوچيو هو!“ هن چيو، ”سيد جي اها سٽ هيئين سان هنڊائي ڇڏجان، ’وڃين ڇو وڻڪار؟ هت مَ ڳولين هوت کي!‘“ منهنجو منهن مونن ۾ هليو ويو. هن چيو، ”جوڳي! مون کي ڳولهڻ کان پهرين تو جيڪو سوچيو هو....... منهنجي وڃڻ کان پوءِ هاڻي سو ڪجان.........!“ هوءَ وراڻي، ”... هاڻي پنهنجي پر ۾ ئي مون کي پوڄيندو رهجان!.... هاڻي پنهنجي تصور سان ئي  منهنجي تصوير کي تراشي ڇڏجان!“

”هڪ ڳالهہ چوان شبنم؟“ ڏاڍي اداس لهجي ۾ وراڻيم.

”چئو.“

ڪي لمحا ترسي چيم، ”منهنجي دل جي حالت اگر ڪڏهن سمجهڻ چاهين نہ.“ ڳوري لهجي ۾

چيم، ”تہ عمر ڀر جي لاءِ نہ!...... سال يا مهيني جي لاءِ نہ!......... صرف چند لمحن جي لاءِ..... صرف ۽ صرف چند لمحن جي لاءِ شبنم!!“ پنهنجي سموري قوت سنڀالي چيم، ” ڪنهن ٻار ڪان ان جو رانديڪو ڦري ڏسجان!“

شبنم روح تائين تڙپي پئي. چيم، ”ها شبنم! عمر ڀر جي لاءِ نہ!..... سال يا مهيني جي لاءِ نہ!....... صرف چند لمحن جي لاءِ!... ها! صرف ۽ صرف چند لمحن جي لاءِ شبنم!!“

عورت اگر پنهنجي تي اچي وڃي تہ منجهس بلا جو ضبط بہ ٿيندو آهي پر منهنجي انهن ڳالهين تي شبنم جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي ويو هن سڏڪندي سڏڪندي چيو” جوڳي، ڇا دل فقط تو وٽ ئي آهي؟...“ هن چيو ”منهنجي سيني بہ پٿر ناهي جوڳي! اهڙي ئي هڪ دل آهي!“

شبنم جو اهو جملو ٻڌي مان هارائي ويس. مان چپ رهجي ويس. مون کي تالا لڳي ويا. شبنم منهنجا چپ سبي ڇڏيا. اصرافيل اجا صور ۾ ڦوڪيو نہ هو پر پوءِ بہ ان ويل مون کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ قيامت برپا ٿي پئي هئي، ڄڻ مشرق ۽ مغرب هڪ ٿي پيا هئا. ڄڻ پهاڙ ڪپهہ جون ذرڙيون ذرڙيون ٿي اڏامڻ لڳا هئا، سج سوا نيزي تي اچي ويو هو ڄڻ ڌرتي ٽامو ٻڃي پئي هئي! هوءَ منهنجي تڙپندڙ سيني سان چنبڙيل هئي، اسان ٻنهي جا ڳوڙها زور جي مينهن کي ڊاهڻ لڳا. اسان جا ڳوڙها دير ڪان ڳڙندا رهيا هئا، اسان جي ڳوڙهن گهڻوئي ڪوشش ٿي ڪئي مگر اسان جا ڳوڙها سماج جي لڳل زور جي مينهن لاهي نہ سگهيا. اسان جا ڳوڙها ناڪام ئي رهيا. مونکي پڪ ٿي وئي تہ زور جي مينهن ڳوڙهن سان لهي نہ سگهندي. دل گهڻوئي چاهيو تہ ڪو ٻيو ڏڳ ونجي مگر شبنم منهنجي پيرن ۾ نير وجهي ڇڏيا هئا، هن مون کي روڪي ڇڏيو هو. ان ۾ بہ هن جو ڪو ڏوهہ نہ هو ان جو سبب هيءُ هو جو هن اهو ٿي ڄاتو تہ اسان جا سر تہ لهي سگهن ٿا پر زور جي مينهن لهي نٿي سگهي!

بس مان هارائي ويو هئس. بس مون پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا هئا. حسرت ڀريل نگاهن سان شبنم ڏانهن ڏٺو هئم. هوءَ منهنجي ڪٽيل بازي هئي جا آئون هارائي رهيو هئس! هوءَ منهنجي اها تصوير هئي جا نهندي نهندي ڊهي رهي هئي! مون کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هار ازل ڪان منهنجي مقدر سان سلهاڙيل هئي. منهنجي وس ۾ ڪجهہ بہ نہ هو سو بيوسي منجهان پنهنجي هٿن جي لڪيرن ڏي ڏسي ۽ تقدير تي ايمان آڻي ڇڏيم. مون مقدر کي تسليم ڪيو ۽ هار کي ڳلي ۾ وجهي ڇڏيم. مون وٽ ٻيو ڪو چارو ئي نہ هو سو بس پنهنجو علاج پاڻ ڪيم. زخم کي زخم سان پوري ڇڏيم. ڳالهائڻ جي همت تہ نہ هئي، مگر پوءِ بہ ان ڪان پهرين جو شبنم وري اهو چوي ها تہ، ”اڄ مون وٽ وقت تمام گهٽ آهي جوڳي!“ سو ان ڪان اڳ ڳالهايم. ڪيس پڪاريم، ”شبنم!“

شبنم ڏاڍي زخمي هئي، هوءَ ڪجهہ ڪڇي نہ سگهي. زخم کي زخم سان پورڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو آهي! درد کي درد سان ميٽڻ ڪو آسان نہ ٿيندو آهي! آئون شبنم جي نزاڪت ڪان واقف هئس، مون کي خبر هئي تہ هوءَ اهو گهاءُ سهي نہ سگهندي سو انڪري، اڪيون وسي وسي اجان ٽڪيون تہ نہ

هيون، دل جو بار اجان هلڪو ته نه ٿيو هو پر پوءِ به مون پنهنجا ڳوڙها ڳهي ڇڏيا ۽ شبنم جا ڳوڙها اگهندي چيم، " تو مون کي فقط محبت نه ڏني آهي شبنم!" سندس زخم پرينددي چيم، "ها شبنم! تو مون کي فقط محبت نه ڏني آهي!........ مون کي خبر ئي ناهي ته تو مون کي ڇا ڏنو آهي؟........ سچ! مون کي ڪا خبر ئي نه آهي شبنم!" مان شايد اڳتي نڪري ويس، لفظ شايد پنتي رهجي ويا. اظهار جي ترتيب وکري وئي، ڪجهه لمحا چپ رهجي ويس. لفظن ڏي واپس موٽي ويس ۽ بي ترتيبي کي ترتيب ڏيندي چيم، "ها محبت تمام وڏي شيءِ آهي شبنم. ها محبت جو قد تمام اوچو آهي پر پوءِ به...." پر پوءِ به ترتيب ڏئي نه سگهيس، چيم، "مون کي بس ايتري خبر آهي ته تو مون کي جيڪو ڪجهه ڏنو آهي سو محبت کان گهڻو مٿانهون آهي!" شبنم جا ڳوڙها اگهندي چيم، "ها شبنم! تو مون کي جيڪو ڪجهه ڏنو آهي، ان جي سامهون ته محبت به تمام ننڍڙي شيءِ آهي!" ڪيس سيني سان لڳايم، "ها شبنم! تو مون کي فقط محبت نه ڏني آهي سچ.......!"

منهنجا لفظ، لفظ نه هئا، لوري هئا جڻ! لوري، جيڪا خالي پيٽ به پري ڇڏيندي آهي! شبنم جي حالت به غريب جي ڪنهن پيٽ بکايل ٻار کان گهٽ نه هئي. منهنجا لفظ سندس روح جي گهراين تائين لهندا ٿي ويا. هوءَ خاموش ٻڌندي رهي، چيومانس، "شبنم، تو مون تي ايتري ته عنايت ڪئي آهي، تو تمام ٿوري عرصي ۾ مون کي ايترو ته گهڻو ڪجهه ڏئي ڇڏيو آهي شبنم، جو يقين ڪر، هاڻي اگر مان سڄي زندگي به تنهنجي راهن ۾ رلي رلي مري به وڃان ته به اجايو نه آهي!" چيومانس، "اهو سڀ ڪجهه سجايو آهي شبنم!"

"رلڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي جوڳي؟" شبنم جهيڻي آواز ۾ وراڻي، "مان توسان گڏ ئي آهيان..... هر پل....... هر لمحي........!" هن منهنجي وکريل وارن منجهه آڱريون ڦيريون، "منهنجي انهي هئڻ جو احساس توکي ڪڏهن رلڻ نه ڏيندو جوڳي!"

"........" مان ماٺ ئي رهيس.

"جوڳي، ڪڏهن دل اگر دسترس ۾ نه رهي ته رڻ جو راهي نه ٿجان! منهنجي ڳولا ۾ تون ڪنهن ويراني ۾ وڃائجي نه وڃجانءِ" هن چيو "جوڳي دل جيڪڏهن دانهون ڪري ته پنهنجي پاڻ منجهه پيهي وڃجانءِ، مون کي پنهنجي من ۾ ڳولجان جوڳي!" شبنم وراڻي، "سيد سڳوري جي اها سٽ هينئين سان هنڊائي ڇڏجان جوڳي؛ 'وڃين ڇو وڻڪار؟ هت مَ ڳولين هوت کي!'"

الئه ڇو شبنم جي اها آٿت هينئين کان هضم نه ٿي سگهي. منهنجو گهاءُ ايترو ته گهرو هو جو مرهم به برداشت نه ٿي ڪري سگهيس! هوءَ جڏهن اهو چئي ماٺ ٿي وئي سمون اداسائي جي انتها مان وراڻيو، "هڪڙا ٿيندا آهن اميرن جا ٻار، ۽ ٻيا ٿيندا آهن غريبن جا ٻار!" شبنم کي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو ته مان ڇا چوڻ وارو هئس، هو مون ڏي متوجه ٿي، چيم: "اميرن جا ٻار ته بازار ۾ ويندا آهن ۽ پنهنجي پسند جو رانديڪو وٺي ايندا آهن، پر غريبن جا ٻار ائين ڪري نه سگهندا

آهن. اهي بازار مان پنهنجي پسند جو رانديڪو وٺي نہ سگهندا آهن شبنم!“ شبنم تجسس منجهان ٻڌندي رهي. ”پوءِ خبر اٿئي غريبن جا ٻار ڇا ڪندا آهن؟“

”........“ شبنم خاموش ٿي رهي.

”پوءِ غريبن جا ٻار ڇا ڪندا آهن جو مٽي مان، ڪاٺين مان، ڪاڳرن مان،....... اهڙين اهڙين شين مان، اهي پنهنجي پسند جو رانديڪو پاڻ ٺاهيندا آهن شبنم!“ چيم. ”..... ۽ پوءِ اهي ان سان ڪيڏندا رهندا آهن!“ اهو چوندي چوندي منهنجو ڳلو خشڪ ٿي ويو. ڳيت سان نڙي آلي ڪيم. چيم. ”برھ جي بازار ۾ آئون غريب جو ٻار آهيان شبنم!“

هن ڪجھ ڳالهائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي پر ڳالهائي نہ سگهي. ۽ مون خود کي گهٽو ٿي روڪيو پر روڪي نہ سگهيس. ”ها شبنم! ڪڏهن دل اگر دسترس ۾ نہ رهي تہ آئون رڻ جو راهي نہ ٿيندس، ڪنهن ويراني ۾ وڃائجي نہ ويندس......... آئون پنهنجو رانديڪو پاڻ ٺاهي ڇڏيندس شبنم!...... ۽ پوءِ کيڏندو رهندس!“

خاموشي ڇانئجي وئي. نہ هن ڳالهايو نہ مون. پوءِ ڪنهن پل هوءَ وڏي مشڪل سان ورائي، ”مون وٽ اڄ وقت تمام گهٽ آهي جوڳي..... ڳالهاءِ.“

”مون وٽ اڄ ڳالهيون تمام گهڻيون آهن شبنم!“ چيم. ”......ڇا ڳالهايان؟“

ٻيهر خاموشي ڇانئجي وئي. نہ ڳالهايو نہ مون! پوءِ نيٺ ڪنهن پل هوءِ موڪلائڻ جي لاءِ اٿي بيٺي، مون اداس اکيون کڻي کيس الوداع ڪيو........ ۽ پنهنجو منهن مونن ۾ وجهي ڇڏيو.....!

# لاحاصل جي پڇاڙي!

وقت گذرندو رهيو هو..... ها! وقت گذرندو ئي رهيو هو..

نہ ڄاڻ ڪيترو عرصو گذري ويو. نہ ڄاڻ ڪيترا صدين جيڏا سال وهامي ويا! پر ان سموري عرصي دوران هن جي ڪا خبر ئي نہ پئي! ان اڄاتي عرصي دوران، نہ مون ڪڏهن ڪيس پڪاريو ۽ نہ هن ڪڏهن مون کي آواز ڏنو! نہ هوءَ مون ڏي آئي، ۽ نہ آئون هن ڏي ويس! ان سموري عرصي دوران، آئون مونن ۾ منهن وجهي وينو رهيس. هن سان آخري ملاقات ۾ ئي مون اهو ڄاڻي ورتو هو تہ عشق ۾ آئون ڪنهن امير جي ٻار جيان نہ هئس جو بازار مان پنهنجي پسند جو رانديڪو خريد ڪري سگهان ها! محبت جي مامري ۾ مان ڪنهن غريب جي ٻار وانگر هئس، جيڪو هميشہ پنهنجي پسند جي رانديڪي کان محروم ئي رهندو آهي، پوءِ بس اهو غريب جو ٻار پنهنجي دل کي وندرائڻ خاطر مٽي مان، ڪاٺين مان، ڪاڳرن مان يا اهڙين ڪن ٻين شين مان پنهنجو رانديڪو پاڻ ئي ٺاهيندو آهي! ۽ پوءِ ان سان ڪيڏندو رهندو آهي! ها! سو شبنم جڏهن مون کان آخري ڀيرو موڪلائڻ کان پوءِ هميشہ جي لاءِ هلي وئي هئي تڏهن هوءَ پاڻ بہ مون کي اهو ئي چئي وئي هئي تہ “هاڻي پنهنجي پر ۾ ئي مون کي پوڄيندو رهجان! هاڻي پنهنجي تصور سان ئي منهنجي تصوير کي تراشي ڇڏجان!” ها پوءِ بس مون بہ بلڪل ائين ئي ڪيو هو! آئون هن جي ڳولا ۾ رڻ جو راهي نہ ٿيو هئس! آئون هن جي پنيان ڪنهن ويراني ۾ وڃائجي نہ ويو هئس. هن کان پوءِ مون هن جي تلاش کي ترڪ ڪري ڇڏيو هو! هن پڇاڙان آئون مونن ۾ منهن وجهي اتي ئي ويهي رهيو هئس، جتي هن آخري ڀيرو مون کي الوداع چيو هو! ان سموري عرصي ۾ آئون ڪيس پنهنجي ئي پر ۾ پوڄيندو رهيو هئس! مون پنهنجي تصور جي طاقت سان هن جي تصوير تراشي ڇڏي هئي! مون هن جي تصور سان پنهنجي دل جي دنيا کي ائين آباد ڪري ڇڏيو هو جيئن خدا جي تصور سان هي دنيا آباد آهي! مون خود کي هن ۾ اهڙي طرح حل ڪري ڇڏيو هو جو محبت ۾ پوءِ مون کي غربت وارو احساس بہ باقي نہ رهيو هو! مون عشقِ حاصل _ لا حاصل جو مشاهدو ماڻي ورتو هو! هن پڇاڙان مون سيد جي اها سٽ هينئين سان هنڊائي ڇڏي هئي تہ ’ وڃين ڇو وٽڪار! هت مَ ڳولين هوت کي!‘.........

جهڙي طرح اوٽئيهين اونداهي ۾ اک کي گوڏو بہ نظر نہ ايندو آهي، تهڙي طرح مون کي ان سموري عرصي منجهہ ڪجهہ بہ نظر نہ آيو هو. جهڙي نموني پاڻي جي اندر پنهنجو پاڻ هوا کان بہ هلڪو محسوس ٿيندو آهي، تهڙي نموني مون کي تقريباً پنهنجي هئڻ جو احساس بہ نہ رهيو هو! آئون پنهنجي پر ۾ هن جي ايترو تہ ويجهو ٿي ويو هئس جو مون کان پنهنجو پاڻ بہ پري ٿي پيو هو!........ ظاهري حقيقت هي هئي جو هن جي وڃڻ کان پوءِ آئون باقي رهجي ويو هئس، هو نہ رهي هئي، يعني

هن پڇاڙان آئون هئس، هوءَ نہ هئي؛ پر آئون عشق ۾ ’پاڻ ارپڻ‘ تي عمل پيرا هئس سو مون پنهنجو ’هئڻ‘، هن جي ’نہ هئڻ‘ کي ارپي ڇڏيو هو. مون پنهنجي ’هئڻ‘ سان، هن جي ’نہ هئڻ‘ کي ميٽي ڇڏيو هو. مون جيت ۾ هار ۽ هار ۾ جيت ڳولي ڇڏي هئي! وقت گذرندو رهيو هو...... ها! ائين ئي وقت گذرندو رهيو هو!.........

.........وقت گذرندو رهيو هو. وقت واري جيان منهنجي وجود تي ورندو رهيو هو. آئون لٽبو رهيو هئس. ها! آئون لٽبو رهيو هئس. منهنجي ڇتن ۾ ڇائي پٽجي ويئي هئي. منهنجا وار وکري ويا هئا، آئون درجي صفا ڏوڙ تي ويو هئس. منهنجا حال فقيري ٻڌجي پيا هئا. منهنجي حالت اهڙي تي پئي هئي جو ڪنهن کي اهو ٻڌائڻ جي ضرورت ئي نہ رهي هئي تہ آئون جوڳي آهيان؛ آئون پاڻ سراپا جوڳي ٿي پيو هئس! ها! وقت واري جيان منهنجي وجود تي ورندو رهيو هو. ها! آئون لٽبو رهيو هئس پر، مون کي ان ڳالهہ جو ذرا بہ احساس نہ ٿيو هو. مون کي ڪا خبر ئي نہ پئي هئي تہ مان ڇا مان ڇا ٿي ويو آهيان! آئون پنهنجي دل جي دنيا ۾ ايتريقدر محو رهيس جو مون کي منهنجي ئي ڪا خبر نہ پئي! مون کان منهنجو ئي وجود وسري ويو!

وقت پنهنجي ويڙهہ وڙهندو رهيوهو. وقت منهنجي وجود تي وار ڪندو رهيو هو. وقت جي وارن جا نشان منهنجي پيشاني تي پڌرا ٿيندا رهيا هئا. پر مون کي ان ڳالهہ جي ڪا ڪل ئي ڪانہ پئي هئي! منهنجا ڪارا وار اڇا ٿي ويا هئا، منهنجو پريل بت پڃي پري پيو هو. منهنجو مضبوط جسم ڪمزور ٿي پيو هو. آئون جوپ جوان مان پيرسن پوڙهو ٿي پيو هئس. منهنجون اکيون اجهامي پيون هيون، منهنجا چپر ڳرا ٿي پيا هئا! منهنجي هٿن جون نسون ظاهر ٿي پيون هيون، منهنجا هٿ ڏکي ڪنبي رهيا هئا! آئون فنا جي قريب اچي پهتو هئس! پر مون کي ڪو پتو ئي نہ پيو هو! ....... وقت گذرندو رهيو هو! ها! ائين ئي وقت گذرندو رهيو هو!........

.......زندگي جو پويون پهر هو. زندگي جو سج هاٽي لهڻ تي هو. مون کي زندگي کان ڪا شڪايت نہ هئي، نہ ئي مون کي موت سان ڪو مسئلو هو! مان ان حوالي سان پوري طرح سان مطمئن هئس؛ ها مگر مون رڳو مرڻ کان پهرين هڪ ڀيرو، فقط هڪ ڀيرو هن کي ڏسڻ ٿي چاهيو. جهڙي طرح ابراهيمؑ کي خدا تي ايمان تہ هو پر پوءِ بہ هن دل جي تسلي خاطر پرندن کي ڳيا ڳيا ڪري ڏٺو هو. سو اهڙي طرح پڪ تہ مون کي بہ هئي تہ هوءَ بہ مون وانگر ئي مطمئن هوندي پر پوءِ بہ دلِ بي ايمان جي تسلي خاطر مون بہ بس هڪ نظر کيس پاڻ جهڙو مطمئن ڏسڻ ٿي چاهيو. سو انڪري جيئن جيئن ضعيفي وڌندي ٿي وئي تيئن تيئن اها تشنگي چوٽ چڙهندي ٿي وئي! جيئن جيئن منهنجا چپر ڳرا ٿيندا ٿي ويا، تيئن تيئن مون کي هرويرو بہ ائين ٿي لڳو جيئن ڪا خواهش هئي جا حسرت ٿيندي ٿي وئي! ڪا ڇيت هئي جا ڇپندي ٿي وئي! وقت گذرندو رهيو! ها! وقت گذرندو ئي رهيو!...........

........ اگر ائين ئي مري وڃان ها تہ شايد دل ۾ اها ڇيت قبر ۾ بہ ڇپندي رهي ها ، ۽ لطيف چواڻي

سسئي وانگر آئون بہ فرشتن ڪان بہ پوءِ شبنم جو ئي پچان ها! اگر ائين ئي مري وڃان ها تہ شايد تڪميل جي ديوار ۾ ڏار پئجي وڃن ها! ها! جيڪڏهن ائين ئي مري وڃان ها تہ ڇڻ مفت ئي مري وڃان ها! پر لحد ۾ لهڻ کان اڳ، تڪميل جي ديوار ۾ ڏار پوڻ کان پهرين. ها! مفت ئي مري وڃڻ کان پهرين: هڪ ڏينهن هينئن ٿيو جو ڪنهن پل منهنجي ڏڪندڙ ڪنبندڙ ڪمزور ۽ ڏبرن هٿن تي بہ ڏڪندڙ ڪنبندڙ ڪمزور ۽ ڏبرا هٿ رکجي ويا. انهن پوڙهن هٿن جي لمس سان منهنجي جواني موٽي آئي. انهن ڏڪندڙ ڪنبندڙ ڪمزور ۽ ڏبرن هٿن جي ڇهاءُ سان ڪليون ڪڙي پيون. گل ٽڙي پيا ۽ بهار اچي وئي! ۽ بهار بہ اهڙي اچي وئي. جو اهڙي بهار اڳ ڪڏهن نہ آئي. اهڙي بهار تہ جوڀن ۾ بہ نہ آئي! اهڙي بهار تہ زندگي ۾ تڏهن بہ نہ آئي. جڏهن زندگي ۾ شبنم آئي هئي!....

مون پنهنجا ڳرا ڇپر مٿي ڪري نهاريو. منهنجي سامهون شبنم هئي....... مون وانگر ئي پوڙهي جهور ٿي ويل شبنم! وقت جي وارن جا نشان هن جي پيشاني تي بہ پڌرا هئا هن جا حال بہ مون جهڙا ئي ساڳيا هئا. هن جو پريل بدن بہ پُري صفا ڪندبر بڻجي پيو هو! هن جي ڇاتين جو اڀار بہ لهوارو ٿي ڇِڪِ ختم ٿي ويو هو. هن جو ٽاٽيل جسم ساڻو ٿي پيو هو. مون هن جي جواني کي جانچي جونچي ڏٺو هو هن جي جواني ائين هئي جيئن فولادي ديوار! اڄ هن جي چهري ۾ گهنج ڏٺم تہ ائين ٿي لڳو جيئن فولادي ديوار ۾ ڏار! شبنم جي جواني ۽ پيري موهن جي دڙي جي عروج ۽ زوال جي تاريخ لڳي رهي هئي. مون کي ائين ٿي لڳو ڄڻ مون ڪيس هزارين سال اڳ جوان ڏٺو هو! هزارين سال اڳ، مون ڪيس موهن جي دڙي جيان آباد ۽ شاد ڏٺو هو ۽ هزارين سالن کان پوءِ اڄ جڏهن ڪيس وري ڏٺم تہ تہ هوءَ بلڪل موهن جي دڙي جهڙي ئي لڳي رهي هئي! آئون سندس چهري جي نقش و نگار کي موهن جي آثارن جيان ئي محسوس ڪري رهيو هئس. آئون دير تائين زوال ۾ عروج ڳوليندو رهيس. پيري ۾ جواني جانچيندو رهيس. هن جي چهري جي ڪندرن ۾ ماضي جا آثار ڦلهوريندو رهيس!.......

هوءَ بہ مون کي مون جيان ئي ڏسي رهي هئي. شايد هوءَ بہ مون منجهہ منهنجو ماضي ڳولهي رهي هئي! اسان جون اکيون دير تائين هڪٻئي ۾ اٽڪي رهجي ويون. اسان اکين جي ذريعي دلين تائين لهي وياسين. اسان اکين جي وسيلي اڄ وري اها دل جي دنيا آباد ڪري ڇڏي جيڪا هڪ عرصو اڳ، هميشہ جي لاءِ اهڙي طرح آباد ٿيڻ ناممڪن ٿي پئي هئي! اسان اڄ وري ائين ملي پياسين جيئن ملڻ، گهٽو اڳ ممڪن ئي نہ رهيو هو! اسان ننهن کان چوٽي تائين پٽرائجي وياسين. جيئن پهاڙن مان آبشارون وهنديون آهن. تيئن اسان جي پٽرايل اکين منجهان ڳوڙها وهڻ لڳا! اهي ڳوڙها نہ خوشي جا هئا نہ غم جا! نہ چين جا هئا نہ عذاب جا! اهي ڳوڙها، عدم جا ڳوڙها هئا! عدم، جتي ’هئڻ‘ ۽ ’نہ هئڻ‘ هڪ ئي ٿيندو آهي! جتي ’سيڪجهہ‘ ۽ ’ڪجهہ بہ نہ‘ ساڳي ئي ڳالهہ ٿيندي آهي!....

ڪافي دير جي پُرشور خاموشي کان پوءِ شبنم پڪاريو”جوڳي!“

”جي!“

هوءَ ڪجهه ترسي ورائي: ”مون کي پڪ نه پوري ئي هئي نه تون به مون جيان ئي مطمئن هوندين پر پوءِ به دلِ نادان جي تسلي خاطر موت کان پهرين توکي آخري ڀيرو پنهنجي اکين سان ڏسڻ هلي آيس!“

مون جڏهن اهي لفظ ٻڌا ته حيران رهجي ويس، چيم: ”اگر تنهنجي اچڻ کان پهرين موت اچي وڃي ها، ته منهنجي دلِ نادان جي تسلي به اڌوري رهجي وڃي ها شبنم!“

اسان جڏهن هڪٻئي واتان هڪ ئي ڳاله ٻڌي ته اسان جي اطمينان جي انتها ٿي وئي. تڪميل جي تصديق جي ڪا گنجائش ئي باقي نه رهي. اسان ڪي گهڙيون پرسرور خاموشي جي حوالي ٿي وياسين. خاموشي جي انهن پُر خمار لمحن ۾ ڪنهن پل شبنم چيو. ”جوڳي خبر اٿئي اج Valentine’s Day آهي...“ هن چيو.

” محبتن جو عالمي ڏينهن........!“ ياد آيم.

”ها!“ هن چيو ” اج مون تنهنجي لاءِ هڪ گلاب آندو آهي جوڳي!“

اسان ٻئي عمر رسيد پوڙها هئاسين، پر شبنم جي انهي ڳالهه تي اسان هڪ ڀيرو ٻيهر جوان ٿي پياسين. اسان جون اجهامنڊڙ اکيون ٻيهر ٻري پيون. پهاڻن جهڙا ڳرا ڇپر، وري هوا کان هلڪا ٿي پيا. چاهتون اسان جي چهرن تي هڪ ڀيرو وري چلولائڻ لڳيون. اسان جي دلين هم آواز اهو چيو جسم پوڙها ٿيندا آهن، پر دليون ڪڏهن پوڙهيون نه ٿينديون آهن، دليون سدائين جوان رهنديون آهن! هر شيءِ، ٿيڻ کان پوءِ ختم ٿي ويندي آهي پر عشق اهو آهي جو ٿيڻ کان پوءِ هر شيءِ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي پر اهو پاڻ ڪڏهن ختم نه ٿيندو آهي! عشق ڪڏهن ختم نه ٿيندو آهي، عشق لافاني ٿيندو آهي! آئون شبنم کي پُر تجسس نگاهن سان نهارڻ لڳس. هن آهستگي سان هڪ تصوير ابتي ڪري پنهنجي ڏڪندڙ ڪنبندڙ هٿن سان منهنجي ڪمزور ۽ ڏبرن هٿن ۾ ڏني. مون ڏاڍي تجسس وچان شبنم جي ڏنل اها تصوير آهستي آهستي سنئين ڪئي. ڏٺم ته اها تصوير هڪ ڳڀرو جوان جي هئي. مون اها تصوير ڏٺي ۽ ڏسندو ئي رهجي ويس....... مون جڏهن ان تصوير ۾ تڪيو ته منهنجي اکين اڳيان اها تصوير ڦرڻ لڳي جيڪا گهڻو اڳ مون ۽ شبنم ڪليل اکين واري هڪ خواب ۾ ڏٺي هئي! اهو خواب، جيڪو حقيقتن کان وڌيڪ حسين هو! اها تصوير، جيڪا اسان جي تڪميل جي تعبير هئي! اها تصوير، جيڪا اسان جي مڪملتا جي تصوير هئي! اها تصوير، جنهن ۾ اسان پنهنجو منڊ ۽ ڇيڙهو ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پيا هئاسين! اها تصوير، جنهن منهنجي ۽ شبنم جي رشتي جي تشريح ڀتائي جي انهي سٽ سان ڪئي هئي ته ’هئا اڳهين گڏ _ ٻڌڻ ۾ به ٿيا!‘ ها! اها تصوير، جنهن ڏي اشارو ڪري مون شبنم کي چيو هو” هي منهنجي عدم جي تصوير آهي شبنم!“

مون اج جڏهن شبنم جي ڏنل اها تصوير پنهنجي پوڙهن هٿن ۾ پڪڙي ته منهنجا پوڙها هٿ پل ۾ جوان ٿي پيا! مون جڏهن اج اها تصوير ڏٺي ته پڪ ڄاتم ته هي ئي اها تصوير آهي جيڪا مان مدتن

ڪان ٿاهيندو رهيو هئس! هي ٿي اها تصوير آهي جيڪا هر پيري مون کان ٿهندي ٿهندي ڊهي ويندي هئي. اها هر پيري ٿهندي ٿهندي ڊهي ويندڙ تصوير اڄ جنهن پل مون مڪمل ٿهيل ڏٺي تہ سچ مون ان ئي پل ۾ پاڻ کي ڪامل ٿيندي محسوس ڪيو. اها تصوير ڏسي مون کي شبنم جو اهو پهريون ئي سوال ياد اچي ويو هو، جيڪو هن پهرين ئي ملاقات ۾ مون کان پڇيو هو. پڇيو هئائين، ”توهان کي وجائجي ويل زندگي جي ڳولها آهي ۽ مون کي وجائجي ويل وجود جي!...... ٻڌايو تہ پاڻ ۾ فرق ڪهڙو آهي!؟“ اها تصوير شبنم جي انهي سوال جو جواب لڳي رهي هئي! اها تصوير، منهنجي وڃائجي ويل زندگي ۽ شبنم جي وڃائجي ويل وجود جي گڏيل تصوير ٿي لڳي! انهي ڳڀرو جوان جو جسم جوڳي ۽ روح شبنم ٿي لڳو! آئون ڪافي دير تائين انهي تصوير ۾ گم رهيس، ان تصوير ۾ نہ ڇڻڪِ پنهنجي پاڻ ۾ ئي گم رهيس..... پوءِ ڪنهن گهڙي مون اکيون کڻي شبنم ڏي نهاريو..... اسان جون اکيون مليون ۽ اسان جي اکين منجهان وري عدم جا ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.......

”توکي ياد آهي هڪ پيري ساوڻ ۾ پاڻ زمين ۽ آسمان جي پيروي ڪئي هئي!.... توکي ياد آهي جوڳي مان زمين بڻي هئس ۽ تون آسمان!“

”ها!“ ڳڙندڙ اکين سان وراڻيم.

ڪجھ پل خاموش رهي هن وري ڳالهايو. ”توکي ياد آهي جوڳي، پاڻ کليل اکين سان هڪ خواب ڏٺو هوا!.... حقيقت کان وڌيڪ حسين خواب!“

”ها شبنم!“ چيم.

”توکي ياد آهي پاڻ آڳ ۾ گل پوکيا هئا جوڳي!“ هوءَ چوندي، وئي رجندي! ” توکي ياد آهي جوڳي، ٽانڊا جڏهن گلاب بڻيا هئا، تڏهن پاڻ هڪ گلاب کنيو هوا!“

”......“ آئون ڪجھ ڪڇي نہ سگهيس.

”هي اهو ئي گلاب آهي جوڳي!“ شبنم جون اکيون آبشارون بڻجي پيون.

مون پنهنجيون اکيون هڪ ڀيرو ٻيهر تصوير ۾ ڪپائي ڇڏيون. ۽ منجهنس گهوريندي، ٽٽل ڦٽل اکرن ۾ اچاريم، ”... مُ......صــ......و......ر......!“

”ها!.......“ شبنم چيو.

شبنم جي انهي ’ها‘ سان ازلي قرار جي لهر ڊوڙي وئي. اسان ٻنهي جا ڪنڌ هيٺ ٿي ويا، اسان ٻنهي جون اکيون مصور جي تصوير ۾ ڪپي ويون، ”هن جون اکيون تو جهڙيون آهن جوڳي!“

”هن جا چپ تو جهڙا آهن شبنم!“

”هن جا وار تو جهڙا آهن!“

”هن جا ڪن تو جهڙا آهن!“

” هن جا هٿ تو جهڙا آهن جوڳي!“

” هن جا پير تو جهڙا آهن شبنم!“

” مصور جو آواز تو جهڙو آهي جوڳي!“

” مصور جو انداز تو جهڙو آهي شبنم!“

مون کي ياد آهي گهڻو اڳ ڪليل اکين واري، حقيقت کان وڌيڪ حسين. ان خواب ۾ به مصور جو چهرو چتائيندي اسان اهي ئي جملا ڳالهايا هئا! ها! گهڻو اڳ اسان ڪيس ان خواب ۾ به بلڪل اهڙو ئي ڏٺو هو جهڙو هو اڄ حقيقت ۾ نظر ٿي آيو. اڄ جڏهن ان خواب کي حقيقي روپ ۾ ڏٺم ته ائين لڳو جيئن اسان ته ڪيس پئدائش کان اڳ ئي پسي ڇڏيو هو!. . . . اسان ڳالهائيندي ڳالهائيندي ماٺ ٿي وياسين. خاموشي جي مختصر وقفي کان پوءِ شبنم شروع ٿي، ”تون مون کان جدا ٿيو ئي ناهين! تون مون سان پل پل گڏ ئي رهيو آهين!“ تصوير ڏي تڪيندي هن چيو. ”..... هن مون کي تو کان الڳ ٿيڻ ئي نه ڏنو جوڳي! هن ڪڏهن مون کي اداس ٿيڻ نه ڏنو! هن ڪڏهن مون کي تنها ٿيڻ نه ڏنو. . . .!“

شبنم جون اهي ڳالهيون منهنجي روح جي آخري گهرائي تائين لهي ويون. اها چيٽ جيڪا منهنجي دل ۾ باقي رهجي وئي هئي، سا هاڻي باقي نه رهي! آئون ننهن کان چوٽي تائين مڪمل طرح مطمئن ٿي ويس. منهنجي من ۾ هاڻي ڪا به تمنا باقي نه رهي. هاڻي مان اتي هئس، جتي نه خوشي هئي نه غم! نه ڪا خواهش هئي نه ئي ڪا حسرت! اتي ڪجهه به نه هو. ها! اتي ڪجهه به نه هو مگر اتي سڀ ڪجهه به هو! اتي سڀڪجهه ۽ ڪجهه به نه، ساڳي ئي ڳالهه هئي. اتي الف توڙي ي ٻيئي حرف اهوئي هيڪ هو. مون ان ڏينهن شبنم کي هميشه هميشه جي لاءِ الوداع چئي ڇڏيو. مون ڪيس مسڪراهٽن سان ڪائنس آخري ڀيرو موڪلائي ڇڏيو. هوءَ جڏهن وڃڻ لڳي ته مون ڪيس مڙي به نه ڏٺو. منهنجي چهري تي عجب اطمينان ڦهلجي ويو. شبنم کي آخري ڀيرو الوداع چئي مون پنهنجو منهن مونن ۾ وجهي ڇڏيو.. منهنجيون اکيون مصور جي تصوير ڏسندي بند ٿي ويون...... آئون عدم ۾ هليو ويس.... ننڊ..... ننڊ.......اگهور ننڊ....

❊❊❊